وئي، هدايت جي واٽ تي هلندڙ خليفن ۽ سيني تي رحم فرماءِ- الله انهن سيني کان راضي ٿئي. پڙ ٻين اصحابن، تابعين، هدايت جي واٽ تي هلندڙن، الله کي راضي ڪندڙن، جن ماڻهن جي درميان حق سان فيصلو ڪيو ۽ پاڻ ۾ انصاف تي هلندا هئا، سيني تي پنهنجي ٻاجهه ۽ فضل فرماءِ. اي الله! توکان سوال ڪريون ٿا تنهنجن نالن، ۽ تنهنجي حبيب ۽ ان جي پيارن جي نالن وسيلي سان تہ اسان کي ايمان تي ثابت قدم رک، دين اسلام تي استقامت عطا فرماءِ، دنيا جي هر بلا، هر برائي، آخرت جي عذاب کان امن ۽ عافيت ۾ رک. دنيا ۽ آخرت ۾ پنهنجي مخلوق مان اسان تي، انهيءَ شخص کي مسلط نہ ڪر جيڪو اسان تي رحم نہ ڪري. اي عزت ۽ اڪرام وارا! وَصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى سَيِّدِنَا وَشَفِيْعِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهٖ وَصَحْبِهٖ اَجْمَعِيْنَ.

دعا آهي تہ الله تعالي پاڻ ڪريمن کي وڏ ۾ وڏ درجا، مرتبا ۽ عظمتون عطا فرمائي. پڙ انهن کي به وڏ ۾ وڏ درجا ۽ سعادتون نصيب ڪري، جيڪي پاڻ سڳورن جي درگاه عاليه سان وابسته آهن ۽ جيڪي سلوڪ جي واٽ تي هلندڙ آهن، جيئن حديث قدسي ۾ آهي، الله تعالي ارشاد فرمائي ٿو تہ:

لَا يَزَالُ عَبْدِيْ يَتَقَرَّبُ اِلَيَّ بِالنَّوَافِلِ حَتّٰى اُحِبَّهٗ فَاِذَا اَحْبَبْتُهٗ كُنْتُ سَمْعَهُ الَّذِيْ يَسْمَعُ بِهٖ وَ كُنْتُ بَصَرُهُ الَّذِيْ يُبْصِرُ بِهٖ وَيَدَهُ الَّتِيْ يَبْطِشُ بِهَا وَرِجْلَهُ الَّتِيْ يَمْشِيْ بِهَا[1]

[منهنجو ٻانهو مسلسل نفلن جي ذريعي منهنجو قرب حاصل ڪندو رهندو آهي، تانجو جڏهن ان کي پيارو رکندو آهيان تہ ان جو ڪَنُ ٿي ويندو آهيان، جنهن سان ٻڌندو آهي، ان جي اک ٿي ويندو آهيان، جنهن سان ڏسندو آهي ۽ ان جو هٿ ٿي ويندو آهيان، جنهن سان پڪڙيندو آهي ۽ ان جو پير ٿي ويندو آهيان، جنهن سان هلندو آهي.]

انهن ماڻهن جي سپ کان وڏي سعادت ۽ سپ کان وڏو نصيب الله

---

(1) قرطبي ص ١٣٥ج ٦- بخاري حديث: ٦١٣٧- مجمع الزوائد ص ٢٤٨ج ٢- المعجم الكبير ص٢٠٦ج ٨- فتح الباري ص ٤٦٢ج ١٠- فيض القدير ص ٤١٢ ج ٥، حلية الاولياء ص ٤ ج ١.

www.maktabah.org

تعالي جي ويجهڙائي، قرب ۽ محويت آهي، جنهن ۾ اهي هميشه گم رهندا آهن. الله تعالي قرآن مجيد ۾ جتي نبي ڪريم ﷺ جن جي فضيلت بيان فرمائي، اتي پنهنجن انهن پيارن پاڻهن جي فضيلت ۽ بيان ڪئي آهي. الله تعالي انهن کي جنهن باطني نعمت سان مالامال فرمايو آهي، انهي ان کي سڀ کان وڏي دولت سمجهندا آهن. پڙ ظاهري اعتبار سان ۽ انهن کي گهٽو حصو ۽ نصيب عطا فرمائيندو آهي، جو الله پاڪ پنهنجي ذڪر ۽ پنهنجي رسول ڪريم ﷺ جي ذڪر سان گڏوگڏ، انهن جي فضيلت ۽ عزت جو ذڪر ۽ پنهنجي ڪتاب مقدس ۾ ڪري ڇڏيو آهي.

الله تعالي پاڻ کي قرآن مجيد ۾ "نور" فرمايو آهي:

اَللّٰهُ نُوْرُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ [الله آسمانن ۽ زمين جو نور آهي.]

پنهنجي ڪتاب جي باري ۾ فرمائي ٿو:

وَاتَّبَعُوا النُّوْرَ الَّذِيْٓ اُنْزِلَ مَعَهٗ [۽ انهيءَ نور جي پيروي ڪيائون، جيڪو انهيءَ سڳوري رسول تي نازل ڪيو ويو آهي.]

پنهنجي رسول جي باري ۾ فرمائي ٿو:

قَدْ جَآءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ [بيشڪ توهان وٽ الله تعالي جي طرفان نور اچي چڪو آهي.]

امت جي باري ۾ فرمائي ٿو:

فَهُوَ عَلٰى نُوْرٍ مِّنْ رَّبِّهٖ [پوءِ اهو پنهنجي رب جي طرفان نور تي آهي.]

پنهنجو صفاتي نالو عزيز ٻڌائي ٿو:

اِنَّ اللّٰهَ لَقَوِيٌّ عَزِيْزٌ [بيشڪ الله تعالي سگهارو غالب آهي.]

قرآن مجيد جي باري ۾ فرمائي ٿو:

وَاِنَّهٗ لَكِتٰبٌ عَزِيْزٌ [بيشڪ اهو غالب ڪتاب آهي.]

ٻئي هنڌ آهي:

اِنَّهٗ لَقُرْاٰنٌ كَرِيْمٌ [بيشڪ اهو عزت وارو قرآن آهي.]

پنهنجي رسول جي باري ۾ فرمائي ٿو:

لَقَدْ جَآءَكُمْ رَسُوْلٌ مِّنْ اَنْفُسِكُمْ عَزِيْزٌ عَلَيْهِ مَا عَنِتُّمْ حَرِيْصٌ عَلَيْكُمْ بِالْمُؤْمِنِيْنَ

www.maktabah.org

رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ [بيشڪ توهان وٽ توهان مان هڪ رسول اچي چڪو آهي، جنهن تي توهان کي تڪليفون ڏيندڙ ڳالهيون ڪيون آهن.]

امت جي باري ۾ فرمائي ٿو:

وَلِلّٰهِ الْعِزَّةُ وَلِرَسُوْلِهٖ وَلِلْمُؤْمِنِيْنَ [۽ سموري عزت الله، ان جي رسول ۽ ايمان وارن لاءِ آهي.]

الله تعالي جو هڪ صفاتي نالو "ڪريم" آهي:

بِرَبِّكَ الْكَرِيْمِ [پنهنجي رب ڪريم کان.]

قرآن مجيد جي باري ۾ فرمائي ٿو:

اِنَّهٗ لَقُرْاٰنٌ كَرِيْمٌ [بيشڪ اهو عزت وارو قرآن آهي.]

پنهنجي رسول جي باري ۾ فرمائي ٿو:

اِنَّهٗ لَقَوْلُ رَسُوْلٌ كَرِيْمٌ [اهو عزت واري رسول جو قول آهي.]

امت جي باري ۾ فرمائي ٿو:

وَلَقَدْ كَرَّمْنَا بَنِيْٓ اٰدَمَ [۽ بيشڪ اسان انسان ذات کي عزت عطا ڪئي آهي.]

الله تعالي جو صفاتي نالو "عظيم" آهي:

وَهُوَ الْعَلِيُّ الْعَظِيْمُ [۽ اهو بلند ۽ عظيم آهي.]

پنهنجي ڪتاب کي به اهو ئي لقب ڏئي ٿو:

وَلَقَدْ اٰتَيْنٰكَ سَبْعًا مِّنَ الْمَثَانِيْ وَالْقُرْاٰنَ الْعَظِيْمَ [۽ بيشڪ اسان توهان کي ست آيتون عطا فرمايون آهن، جيڪي دهرائي دهرائي پڙهجن ٿيون ۽ قرآن عظيم پڻ ڏنوسون.]

پڻ فرمائي ٿو ته:

اِنَّهٗ لَعَلِيٌّ كَبِيْرٌ [بيشڪ اهو تمام مٿانهون ڪتاب آهي.]

پنهنجي رسول جي باري ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَاِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ [۽ بيشڪ تون عظيم اخلاق وارو آهين.]

امت جي باري ۾ فرمائي ٿو ته:

رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ [الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي الله کان راضي

www.maktabah.org

ٿيا.]

سندس صفاتي نالو شهيد ۽ گواه آهي:

وَكَفٰى بِاللّٰهِ شَهِيْدًا [۽ الله گواه ڪافي آهي.]

پنهنجي رسول جي باري ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

وَجِئْنَا بِكَ عَلٰى هٰٓؤُلَآءِ شَهِيْدًا [۽ توکي انهن تي گواه بنائي آڻيندا سون.]

امت جي باري ۾ فرمائي ٿو:

لِتَكُوْنُوْا شُهَدَآءَ عَلَى النَّاسِ [تان تہ توهان ماڻهن تي گواه ٿيو.]

پاڻ کي "حق" فرمايو اٿس:

ذٰلِكَ بِاَنَّ اللّٰهَ هُوَ الْحَقُّ [اهو ان ڪري جو الله حق آهي.]

پنهنجي ڪتاب جي باري ۾ فرمائي ٿو:

حَتّٰى جَآءَهُمُ الْحَقُّ [تانجو انهن وٽ حق آيو.]

پنهنجي رسول جي باري ۾ فرمائي ٿو:

يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ قَدْ جَآءَكُمُ الرَّسُوْلُ بِالْحَقِّ [اي انسانو! توهان وٽ حق يعني رسول پاڪ اچي چڪو.]

امت جي باري ۾ فرمائي ٿو:

اُولٰٓئِكَ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا [اهي سچا پڪا مؤمن آهن.]

پاڻ کي "مبين" فرمائي ٿو:

هُوَ الْحَقُّ الْمُبِيْنُ [اهو پڌرو حق آهي.]

پنهنجي ڪتاب جي باري ۾ فرمائي ٿو:

تِلْكَ اٰيٰتُ الْكِتٰبِ الْمُبِيْنِ [هي پڌري ڪتاب جون آيتون آهن.]

پنهنجي رسول جي باري ۾ فرمائي ٿو:

اِنْ اَنَا اِلَّا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ [آءٌ تہ رڳو پڌرو ڊيڄارينڌڙ آهيان.]

امت جي باري ۾ فرمائي ٿو:

وَاَصْلَحُوْا وَبَيَّنُوْا [۽ انهن پنهنجي اصلاح ڪئي ۽ بيان ڪيائون.]

پاڻ کي "اعليٰ" فرمائي ٿو:

سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْاَعْلٰى [پنهنجي سڀ کان بلند و بالا رب جي نالي

www.maktabah.org

جي تسبيح ڪر.]

پنهنجي ڪتاب جي باري ۾ فرمائي ٿو:

لَعَلِيٌّ حَكِيْمٌ [اهو تمام متانهون حڪمت وارو آهي.]

پنهنجي رسول جي باري ۾ فرمائي ٿو:

وَهُوَ بِالْاُفُقِ الْاَعْلٰى [ڀ اهو متانهين اپ تي هو.]

امت جي باري ۾ فرمائي ٿو:

وَاَنْتُمُ الْاَعْلَوْنَ [ڀ توهان ئي سربلند ڀ متانهان آهيو.]

پاڻ کي "هادي، فرمايو اٿس:

قُلْ اِنَّ الْهُدٰى هُدَى اللّٰهِ [چؤ ته الله جي هدايت ئي اصل هدايت آهي.]

پنهنجي ڪتاب جي باري ۾ فرمائي ٿو:

لَا رَيْبَ فِيْهِ هُدًى لِّلْمُتَّقِيْنَ [منجهس ڪو شڪ نه آهي، متقين لاءِ هدايت آهي.]

پنهنجي رسول جي باري ۾ فرمائي ٿو:

لَقَدْ جَآءَهُمْ مِّنْ رَّبِّهِمُ الْهُدٰى [بيشڪ وٽن سندن پالڻهار طرفان هدايت ڏيڪاريندڙ رسول اچي چڪو.]

امت جي باري ۾ فرمائي ٿو:

رَاٰدَهُمْ هُدًى [انهن کي هدايت ۾ وڌايائين.]

پاڻ کي "حاڪم" فرمائي ٿو:

حَتّٰى يَحْكُمَ اللّٰهُ بَيْنَنَا [تانجو الله تعالي اسان جي توهان جي درميان فيصلو فرمائي.]

پنهنجي ڪتاب جي باري ۾ فرمائي ٿو:

حُكْمًا عَرَبِيًّا [توهان وٽ عربي ٻوليءَ ۾ حڪم ڪندڙ ڪتاب اچي چڪو.]

پنهنجي رسول کي فرمائي ٿو:

وَاَنِ احْكُمْ بَيْنَهُمْ [ڀ هي ته سندن درميان فيصلو فرماءِ.]

www.maktabah.org

امت لاءِ فرمائي ٿو:

كُوْنُوْا قَوَّامِيْنَ بِالْقِسْطِ [عدل ۽ انصاف قائم ڪندڙ ٿيو.]

پاڻ کي "رحمت" فرمايو اٿس:

وَرَبُّكَ الْغَفُوْرُ ذُو الرَّحْمَةِ [توهان جو رب بخشٽهار رحمت وارو آهي.]

پنهنجي ڪتاب جي باري ۾ فرمائي ٿو:

وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ مَا هُوَ شِفَآءٌ وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ [۽ سگهوئي اسين قرآن مان اهو حصو نازل ڪنداسون جنهن ۾ شفا ۽ مؤمن لاءِ رحمت آهي.]

پنهنجي رسول جي باري ۾ فرمائي ٿو:

وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ [بيشڪ اسان توهان کي جهانن لاءِ رحمت ڪري موڪليو آهي.]

امت جي باري ۾ فرمائي ٿو:

فَفِيْ رَحْمَةِ اللّٰهِ [پوءِ اهي الله جي رحمت ۾ سدائين رهڻ وارا هوندا.]

پاڻ کي "نذير" فرمائي ٿو:

فَاَنْذَرْتُكُمْ نَارًا تَلَظّٰى [پوءِ توهان کي شعلا هٽندڙ باهه کان ڊيڄاريان ٿو.]

پنهنجي ڪتاب جي باري ۾ فرمائي ٿو:

وَاَنْزَلْنَآ اِلَيْكُمْ نُوْرًا مُّبِيْنًا [۽ اسان توهان ڏانهن پڌرو نور لاٿو.]

پنهنجي رسول جي باري ۾ فرمائي ٿو:

بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا [بشارت ڏيندڙ ۽ ڊيڄارينڌڙ]

امت جي باري ۾ فرمائي ٿو:

وَلِيُنْذِرُوْا قَوْمَهُمْ اِذَا رَجَعُوْٓا اِلَيْهِمْ [۽ جڏهن اهي انهن ڏانهن موٽن ته پنهنجي قوم کي ڊيڄارين.]

پنهنجي ڪتاب کي "طاهر" فرمائي ٿو:

فِيْ صُحُفٍ مُّكَرَّمَةٍ مَّرْفُوْعَةٍ مُّطَهَّرَةٍ [اهو قرآن معزز مٿانهن، پاڪيزه صحيفن ۾ موجود آهي.]

www.maktabah.org

پنهنجي رسول جي باري ۾ فرمائي ٿو:

وَيُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيرًا [۽ توهان کي چڱيءَ طرح پاڪ ڪري.]

امت جي باري ۾ فرمائي ٿو:

إِنَّ اللهَ يُحِبُّ التَّوَّابِينَ وَيُحِبُّ الْمُتَطَهِّرِينَ [بيشڪ الله توبه قبول ڪندڙن کي ۽ چڱيءَ طرح صفائي ڪندڙن کي پسند فرمائي ٿو.]

پاڻ کي "طيب" فرمائي ٿو:

اَللهُ طَيِّبٌ [الله پاڪ آهي.]

۽ پنهنجي ڪتاب جي باري ۾ فرمائي ٿو:

وَهُدُوٓا إِلَى الطَّيِّبِ مِنَ الْقَوْلِ [۽ پاڪيزه قول ڏانهن کين هدايت ڪئي وئي.]

پنهنجي رسول جي باري ۾ فرمائي ٿو:

الطَّيِّبَاتُ لِلطَّيِّبِينَ [پاڪ شيون پاڪ ماڻهن لاءِ آهن.]

امت جي باري ۾ فرمائي ٿو:

الَّذِينَ تَتَوَفّٰهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ طَيِّبِينَ [انهن وٽ فرشتا خوشخبري ڏيندي، سندن روح ڪنڌ لاءِ ايندا.]

پاڻ کي "داعي" فرمائي ٿو:

وَاللهُ يَدْعُوٓا إِلَى دَارِ السَّلٰمِ [الله سلامتيءَ واري گهر ڏانهن سڏي ٿو.]

پنهنجي ڪتاب جي باري ۾ فرمائي ٿو:

اَجِيبُوا دَاعِيَ اللهِ [الله جي سڏيندڙ کي لبيڪ چئو.]

پنهنجي رسول جي باري ۾ فرمائي ٿو:

وَإِنَّكَ لَتَدْعُوهُمْ إِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيمٍ [۽ بيشڪ تون انهن کي سڌي واٽ ڏانهن سڏين ٿو.]

امت جي باري ۾ فرمائي ٿو:

اُدْعُونِيٓ اَسْتَجِبْ لَكُمْ [مون کي پڪاريو توهان جي دعا قبول ڪريان.]

پاڻ کي "قائم" فرمائي ٿو:

قَيِّمًا لِّيُنْذِرَ بَأْسًا شَدِيدًا مِّنْ لَّدُنْهُ وَيُبَشِّرَ الْمُؤْمِنِينَ [سڌو قائم آهي تان ته پنهنجي طرفان سخت مصيبت کان ڊيڄاري ۽ مؤمنن کي خوشخبري ڏي.]

www.maktabah.org

پنهنجي ڪتاب جي باري ۾ فرمائي ٿو:

فِيْهَا كُتُبٌ قَيِّمَةٌ [منجهس قيمتي ۽ قائم رهندڙ ڪتاب آهن.]

پنهنجي رسول جي باري ۾ فرمائي ٿو:

قَامَ عَبْدُ اللّٰهِ [سندس ٻانهو نماز پڙهڻ لاءِ بيٺو.]

امت جي باري ۾ فرمائي ٿو:

وَقُوْمُوْا لِلّٰهِ قٰنِتِيْنَ [الله لاءِ اطاعت ڪندڙ ٿي بيهو.]

پاڻ کي "صادق" فرمائي ٿو:

وَمَنْ اَصْدَقُ مِنَ اللّٰهِ قِيْلًا [الله کان وڌيڪ سچي ڳالهه ڪندڙ ڪير آهي؟.]

پنهنجي ڪتاب جي باري ۾ فرمائي ٿو:

وَالَّذِيْ جَآءَ بِالصِّدْقِ [جنهن سچ کي آندو.]

رسول الله ﷺ جن جي باري ۾ فرمائي ٿو:

وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى ۝ اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰى ۝ [۽ پنهنجين خواهشن جي ذريعي نٿو ڳالهائي.. اها ته هڪ وحي آهي، جيڪا ان ڏانهن موڪلي وڃي ٿي.]

پنهنجي امت جي باري ۾ فرمائي ٿو:

اُولٰٓئِكَ هُمُ الصّٰدِقُوْنَ [اهي ئي سچا ماڻهو آهن.]

پنهنجي باري ۾ فرمائي ٿو:

فَتَبٰرَكَ اللّٰهُ اَحْسَنُ الْخٰلِقِيْنَ [پوءِ برڪت وارو آهي الله جيڪو بهترين پيدا ڪندڙ آهي.]

پنهنجي ڪتاب جي باري ۾ فرمائي ٿو:

اَللّٰهُ نَزَّلَ اَحْسَنَ الْحَدِيْثِ [الله تعالي بهترين ڳالهه لاٿي آهي.]

پنهنجي رسول جي باري ۾ فرمائي ٿو:

لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْٓ اَحْسَنِ تَقْوِيْمٍ [بيشڪ اسان انسان کي بهترين صورت ۾ پيدا ڪيو.]

امت جي باري ۾ فرمائي ٿو:

وَمَنْ اَحْسَنُ قَوْلًا مِّمَّنْ دَعَآ اِلَى اللّٰهِ [ان کان بهترين ڳالهه ڪنهن جي ٿي

www.maktabah.org

سگهي ٿي جيڪو الله ڏانهن سڏي؟]

۽ هتي الله ڏانهن سڏڻ مان مراد ذڪر آهي، جيئن تفسير نسفي ۾ آهي. غرض ته الله تعالي جهڙيءَ طرح پنهنجي پيغمبر کي ظاهري ۽ باطني دولت ۽ سعادت سان نوازيو ۽ مالامال فرمايو آهي. ساڳيءَ طرح پنهنجن پيارن کي به ان مان بهرو ۽ حصو عطا فرمايو آهي، جنهن کي اهي سڀ کان عظيم دولت سمجهن ٿا. ٻين کي ان جي کهڙي خبر؟ جيستائين خدا پرستيءَ جي لذت نٿي چکجي، ان وقت تائين الله کي سڃاڻي نٿو سگهجي.

رباعي

آن دولت عظيم که خدا داد بسرور زان
حظ پذير است مگر امت ايشان
آنحضرت که از نعمت حق بهره ور آمد
پر فيض بنگر امت زان نعمت يزدان.

[اها عظيم دولت جيڪا سرور دو جهان کي رب تعالي عطا فرمائي، ان مان سندن امت پاڻو ۽ بهرو پرايو. نبي ڪريم ﷺ جن کي خدا تعالي وٽان جيڪا به نعمت ملي، توهان ڏسو ته ان مان سندن امت ڪيئن فيض ۽ فائدو وٺي رهي آهي.]

ملڪ رسالت جي هن عظيم بادشاه ۽ سلطنت نبوت جي عظيم شهنشاه ۽ مملڪت ولايت جي بي مثال سردار جي عظيم الشان صفتن کي ڪو شخص جاڻي سڃاڻي ۽ سمجهي نه ٿو سگهي.

مثنوي

آن شهنشاه عالم اقصي
واقف سر قاب او ادني
هر کس آگاه نيست اين معنا
که چه باشد حقيقت او ادنا
هم چون فرمود خواجهء هردو جهان

www.maktabah.org

سيد القرم[1] خادم الفقراء
سرور سروران هر دو جهان
اشرف و افضل زمين و زمان
مفخر الانبياء ختم الرسل شود شان
هزار بهر خجل در جهان
شاه ملک داران ست
تاج سرتاج تاجداران ست
كامران كام بخش در دو جهان
زينت و زيب بخت بخت زمان
گر بيايد بدرگهِ تو گدا
شاه گردد بدولت عظما
بركشيد آمده بجماه علم
اين نوشته مگر بلوح و قلم
برتر از جمله قياس و وهم
نمي گنجد بر ز كيش در فهم
هرچه گويم ازان بلند تر است
زانكه از گفت ارجمند تر است
احد داند حقيقت احمد
در مجاز است احمد و الحمد
جز خدا آگاه از حقيقت او نيست
حقيقت احمد گم كسي هسته

[اهو هن وسيع ۽ ڪشادي جهان جو شهنشاه، جيڪو قاب قوسين او ادني جي راز جو واقف آهي. هر شخص ان جي معني نٿو ڄاڻي ته ان جي حقيقت ڇا آهي ۽ "او ادني" جو مطلب ڪهڙو آهي؟ جيئن ٻنهي جهانن جي سردار رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو آهي ته: "قوم جو سردار فقيرن جو خادم

(۱) الفردوس بماثور الخطاب ص ۳۲۰ج۲ – فيض القدير ص ۱۲۲ ج۴ – الجهاد لابن مبارک ص۱۵۹ ج۱ – التدوين في اخبار قزوين ص۳۰۵۷ج۴ – تاريخ بغداد ص ۱۸۷ ج۱۰– كشف الخفا ص۵۶۱،۵۶۲ ج۱) "خادم الفقراء" جا لفظ ثابت نہ آهن.

www.maktabah.org

هوندو آهي." اهڙو ئي ماڻهو پنهنجي جهانن جي سردار جو امام ۽ سردار هوندو آهي. پاڻ سڳورا، زمين ۽ زمان کان افضل ۽ اشرف آهن. سندن هستي اهڙي بيمثال آهي، جنهن تي نبي سڳورا به فخر کن ٿا ۽ جنهن تي رسول جي رسالت جو سلسلو ختم ٿئي ٿو. (دنيا جي) ملکن جي بادشاهن جو شهنشاه آهي ۽ تاجدار سردارن جو سرتاج آهي، يعني هر قسم جي سرتاجي ۽ سرداريءَ جو تاج کين ئي سونهي ٿو. پنهنجي جهانن ۾ کاميابيءَ جي ڪنجي سندن هٿ ۾ آهي. دنيا جهان جو حسن جمال ۽ زيب زينت سندن دم قدم سان آهي. جيڪڏهن کو تنهنجي درگاه تي گدا ٿي ايندو تہ ان کي عظيم دولت نصيب ٿيندي ۽ تنهنجي مهر و ڪرم سان فيضياب ٿي ويندو. سمورا علم سندن ئي وسيلي سان ظاهر ٿيا. اها ئي ڳالهه لوح ۽ قلم ۾ لکيل آهي. سندن ذات هر قسم جي قياس، سوچ ۽ وهم کان مٿانهين آهي. پاڻ ڪنهن جي فهم ۽ سمجهه جي دائري ۾ ماپي نٿا سگهن. جيڪي به چوان ٿو سندن شان ان کان بلند برتر آهي، سندن تعريف ۽ ص فت ۾ جيڪا به ڳالهه چئي سگهجي ٿي پاڻ ان کان وڌيڪ عزت وارا آهن. احد (يعني الله) احمد جي حقيقت کي ڄاڻي ٿو. پاڻ مجازي لحاظ سان "احمد" ۽ "محمد" آهن. الله کان سواءِ ڪوبہ سندن حقيقت نٿو ڄاڻي. احمد جي حقيقت مخلوق مان ڪوبہ نٿو ڄاڻي.ا

اي عزيز! سيني موجوده شين جو مرڪز ۽ سرچشمو پاڻ سڳورن جي ذات بابرڪات آهي، مٿن الله جون بيشمار رحمتون، برڪتون هجن ۽ سندن اهل و عيال ۽ اصحابن تي پڻ. اهي پاڻ سڳورا ئي آهن جن کي پنهنجي جهانن جي سرداري ملي، معراج نصيب ٿي، قرآن مجيد کين روشن چنڊ قرار ڏنو جنهن جي نور سان عرش کان فرش تائين زمين آسمان ۽ پوري ڪائنات منور آهي. جنهن حق کي غالب ڪيو ۽ باطل کي نابود ڪيو. سندس جمال ۽ ڪمال جي نور سان ڪفر ۽ گمراهي دور ٿي ۽ سندس جلال جي جلوي سان باطل فرار ٿيو. جيئن الله تعالي فرمائي ٿو:

قُلْ جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ إِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوقًا[1]

[چؤ تہ حق آيو ۽ باطل ڀڳو. بيشڪ باطل آهي ئي ڀڄڻ وارو]

---

(1) سوره بني اسرائيل آيت: ٨١

www.maktabah.org

غزل

آن شاه سریر قاب او ادنی
و آن ماه منیر وهو بالافق الاعلی
و آن سرور کونین خداوند محبت
محبوب تر از جمله بدرگاه معلا
ان داور دارین شهنشاه رسالت
سلطان سلاطین بر او رنگ "او ادنی"
خورشید جهان تاب که از غیب درخشید
در رویۀ زمین ظاهر شد نورِ تجلی
چون ظاهر شد گوی حق ظاَهر شد
گردید جاءَ الحق بالباطل بین کان زهوقا
از نور جمالش همه کفر و ضلالت شد برطرف
آن مهر زمان پرتو انداخت شد روشن
زان نور جهان و ما فیها از نور ضیاءِ
آن همه انوار چه بگویم
خال کف او صیقل زنگ رخ بیضا
چون صورت او صورتگر نقش نـ بسته
از دائره نقش بدین زینت و زیبا
گرچه آدم سجود فرشته است بصورت
آن سجده همه برتو بوده است معما
از فیض جمال تو نصیبي بر یوسف
واز لطف کمال تو نسیمي بمسیحا
صد بحر تکلم بـ خدا دادنت بـ سرور
یک قطره ازان بحر رسید بر موسی
در هر دو جمال هرچه که موجوده شد آمد
از بر طفیل تو خدا کرد مهیا
این دولت عظما تو چه داني که چه باشد
از گنج نهان ظاهر شد گوهر یکتا

www.maktabah.org

چون ميم شد از احمد "فقري" توجه
گوي اين راز نهاني است نشايد سر افشا
قَالَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ: مَنْ رَاٰنِيْ فَقَدْ رَاَى الْحَقَّ

حضور عليه الصلوة والسلام جن، قاب قوسين جي تخت تي ويهندڙ آهن. يعني رب تعالي سان سندن ملاقات وقت ۾ ڪمانن جيترو فاصلو هو. يا (ان كان بـ) تمام ويجهو هو. هو مٿاهين اپ تي نروار ٽيندڙ اهو روشن چند، ٻنهي جهانن جو اهو سردار ۽ محبت جو اهو مولي، دارين جو اهو داور، رسالت جو شهنشاه، بادشاهن جو اهو بادشاه، "او ادني" جو رنگ جنهن تي ختم آهي. دنيا کي روشن ڪندڙ سج، جيڪو ڳجهه مان روشن ٿيو. جنهن جي نور جون شعاعون روئي زمين تي ظاهر ٿيون. جڏهن اهو نڪري نروار ٿيو تہ حق جو رستو ظاهر ٿيو جيئن الله تعالي فرمائي ٿو تہ حق آيو ۽ باطل ڀڄو. ان جي جمال جي نور سب سمورو ڪفر ۽ گمراهي ختم ٿي. سندن نور جي چند زماني تي پنهنجو عڪس ۽ اولڙو وڌو تہ دنيا ۽ جيڪي منجهس شيون آهن، سي سڀ روشن ٿي ويون سندن انوار جي آڏ ڪهڙي ڀالهہ ڪريان سندن نوراني رخ سان ڪٿ چڙهيل هر شيءِ طاهر ۽ چٽي ٿي وئي. سندن صورت ناهڙ واري ان جو ڪو نقش ناهي ناهيو. بس سندن نقش جي دائري سبب هي سمورو حسن ۽ جمال آهي. جيتوڻيڪ بظاهر آدم عليه السلام کي فرشتن سجدو ڪيو پر در حقيقت اهو پوشيده سجدو، اي الله جا رسول! توهان کي هو. توهان جي جمال جي فيض جو هڪ حصو يوسف کي نصيب ٿيو ۽ توهان جي ڪمال جي مهرباني مان مسيح عليه السلام کي مسيحائي نصيب ٿي. الله تعالي سان هم ڪلاميءَ جا سوين سمنڊ توهان کي عطا ٿيا جنهن مان فقط هڪ قطرو موسيٰ عليه السلام کي نصيب ٿيو. ٻنهي جهانن ۾ جيڪو بہ حسن ۽ جمال آهي اهو الله تعالي وٽان توهان جي واسطي يا طفيل آهي. توکي ڪهڙي خبر تہ اها عظيم دولت ڇا آهي؟ بس ائين سمجهہ تہ ڳجهي خزاني مان بي مثال گوهر ظاهر ٿيو. ٻڏهن احمد جو ميم ظاهر ٿيو تہ ماڻهن چوڻ شروع ڪيو تہ اهو هڪ ڳجهو راز آهي، جنهن راز کي ظاهر ڪرڻ نہ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ پاڻ سڳورن فرمايو آهي تہ جنهن مون کي ڏٺو پوءِ بيشڪ ان حق کي ڏٺو.

www.maktabah.org

باب پنجون

فتح بابت صحابہ ڪرام ۽ سندن فضيلتون

اصحابن سڳورن ۾ سڀ کان وڌيڪ مرتبو چئن يارن جو آهي، جن مان امير المؤمنين، سيد المحبين، امام المتقين حضرت صديق اڪبر رضي الله عنه جو مان ۽ شان سڀ کان مٿانهون آهي. "صديق" سندن لقب آهي. ان جو شان نزول هي آهي ته رسول الله ﷺ جن هڪ ڏينهن ڪيس فرمايو ته: الله تعالي توکي "صديق" جو خطاب عطا فرمايو آهي. ڇاڪاڻ ته پاڻ سڀ کان پهريائين معراج جي تصديق ڪيائين يا هن ڪري ته سڀ کان پهريائين رسول الله ﷺ جن جي رسالت تي ايمان آندائين. ڪي چون ٿا ته ڪين "صديق" جو لقب هن ڪي مليو جو ظاهري ۽ باطني سچائي ۽ صفائيءَ جي دولت ڪين حاصل هئي:

الصِّدِّيقُ مَنْ لَّمْ يَتَغَيَّرْ بَاطِنُ أَمْرِهٖ مِنْ ظَاهِرِهٖ وَقِيْلَ الصِّدِّيْقُ قَوْلًا وَ فِعْلًا وَ عَقْلًا

[صديق اهو آهي، جنهن جو باطن به ظاهر وانگر هجي ۽ چيو ويو آهي ته جيڪو قول، فعل ۽ عقلي اعتبار سان سچو هجي اهو صديق آهي.]

سندن ٻيو لقب "عتيق" آهي ان جو شان نزول هي آهي ته هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ جن ارشاد فرمايو ته:

مَنْ أَرَادَ أَنْ يَّنْظُرَ إِلٰى عَتِيْقٍ مِّنَ النَّارِ فَلْيَنْظُرْ إِلٰى أَبِيْ بَكْرٍ (1)

[جيڪو گهري ٿو ته ان کي ڏسي، جنهن کي باهه کان آزادي عطا ٿي آهي، ان کي گهرجي ته ابوبڪر صديق کي ڏسي.]

عتيق چوڻ جو سبب

جنهن ڏينهن حضرت ابوبڪر اسلام قبول ڪيو ته نبي ڪريم

---

(1) المستدرک حديث: ۴۴۰۴- مجمع الزوائد ص۴۱ ج۹- المعجم الاوسط حديث: ۹۳۸۴ مسند ابي يعلي حديث: ۴۸۹۹- المعجم الڪبير حديث:۱۰ - الاستيعاب ص۹۶۳ ج۳- الاصابة ص۱۷۰ ج۴- الرياض النضرة حديث:۳۱۹۸

www.maktabah.org

ﷺ جن کيس فرمايو:

أَنْتَ عَتِيقُ اللهِ مِنَ النَّارِ فَسُمِّيَ عَتِيقًا (2)

[بيشڪ تون دوزخ کان الله جو آزاد ٽيل ٻانهو آهين.]

سنڌن چهري جي حسن جمال ۽ سنڌن اخلاق جي چڱائي ۽ ٻلائيءَ جي ڪري ٻ ڪين عتيق چيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته لغت ۾ "عتيق" جي معنيٰ حسن جي ٻ آيل آهي.

بيت

صورت و سيرتش همه جان بوده
زان از چشمه عوام پنهان بوده
چشمم ايمان جمال او بينده
کود کي چهره نکو بينده.

[سنڌس صورت ۽ سنڌس سيرت سموري سهڻي هئي جيڪا ماڻهن جي اکين کان ڳجهي هئي. هن جي ايمان جي اک جو جمال (حُسن) ڏسڻ وٽان هو ۽ سنڌن چهرو ٻار وانگر معصوم ۽ پيارو هو.]

سنڌن عتيق هجڻ جو ٻيون سبب هي بيان ڪيو ويو آهي ته حسب ۽ نسب جي لحاظ کان هر قسم جي عيبن کان پاڪ هو. ڪي چون ٿا ته صديق اهو شخص آهي، جيڪو پنهنجو سڀ ڪجهه حق تعاليٰ جي رضا لاءِ خرچ ڪري ڇڏي. جيئن مشهور حديث آهي ته جنگ تبوڪ جي موقعي تي جڏهن اصحابن سڳورن الله جي واٽ ۾ تَن مَن ۽ دَن دولت جي بازي لڳائي ۽ سڀ ڪجهه آڻي خدمت اقدس ۾ پيش ڪيو ته رسول الله ﷺ جن ابوبڪر صديق رضي الله عنه کان پڇيو ته:

مَا أَبْقَيْتَ لِأَهْلِكَ؟ قَالَ أَبُوبَكْرٍ الصِّدِّيقُ: أَللهَ تَعَالىٰ وَرَسُولَهُ (1)

---

(2) صحيح ابن حبان حديث: ٦٨٦٤- مستدرک حاڪم حديث: ٣٥٥٧- الاحاديث المختارة حديث: ٢٦٥- موارد الضمآن حديث: ٢١٧١- ترمذي حديث: ٣٦٧٩- مجمع الزوائد ص ٤٠ج٩- مسند البزار حديث: ٢٢١٣- الترغيب والترهيب حديث: ٩٨٣- تهذيب التهذيب ص ٢٧٦ ج٥ – تهذيب الكمال ص ٢٨٤ ج١٥ – رجال صحيح بخاري ص ٣٨١ ج١.

www.maktabah.org

[پنهنجي گهر وارن لاءِ چا چڏي آيو آهين؟ ابوبکر صديق رضي الله عنه چيو ته الله ۽ ان جي رسول کي.]

چاکاڻ ته ابوبکر صديق پنهنجو سڀ ڪجهہ، ايستائين جو جسم تي پاتل ڪپڑا بہ لاهي آڻي حاضر ڪيا ۽ پاڻ هڪ ڪمبل يا ڪدر جي چادر ويڑهي آيو. ساڳئي لباس ۾ حضرت جبرئيل امين پاڻ سڳورن وٽ آيو ۽ عرض ڪيائين ته اي الله جا رسول! جيئن ته توهان جي خاص خليفي اهو ويس ڏکيو آهي. الله جي حڪم سان آسمان جي فرشتن بہ اهو ويس ڏکيو آهي. روايت آهي ته هڪ ڏينهن ابوبکر صديق رضي الله عنه رسول الله ﷺ جن جي ڪاپي پاسي هو. پاڻ سڳورن ان جو سڄو هٿ پڪڑي ارشاد فرمايو ته قيامت جي ڏينهن تون ۽ آءٌ هن طرح اڀاريا وينداسون. حضرت عمرو بن عاص رضي الله عنه کان روايت آهي ته مون پڇيو ته اي الله جا رسول! عورتن مان توهان کي سڀ کان وڌيڪ پياري ڪير آهي؟ فرمايائون ته عائشه رضي الله عنها. مون عرض ڪيو ته مردن ۾ سڀ کان ڪير پيارو آهي؟ فرمايائون ته ان جو پيءُ. مون چيو ته ان کان پوءِ؟ فرمايائون ته عمر.[1]

ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته مون هر شخص جو حق ادا ڪري چڏيو سواءِ ابوبکر جي، سندس

---

(1) تفسير قرطبي ص٣٠٧ ج١٧- ابن ڪثير ص٥٦٠ ج١- المستدرک علي الصحيحين ص٥٧٤ ج١- الاحاديث المختارة ص١٧٤ ج١- ترمذي حديث: ٣٦٧٥- دارمي حديث: ١٦٦٠- بيهقي حديث: ٧٥٦٣- ابوداؤد حديث:١٦٧٨- مسند بزار حديث: ١٥٩- مسند عبد بن حميد حديث: ٢٧٠- السنة ابن ابي عاصم ص٥٧٩ ج٢

(1) مسلم حديث: ٢٣٨٤- بخاري حديث: ٤١٠٠- ابن حبان حديث: ٦٨٨٥، ٦٩٠٠، ٧١٠٦- المستدرک حديث: ٦٧٤٠- الاحاديث المختارة حديث: ١٩٤٠- ترمذي حديث: ٣٨٨٥، ٣٨٩٠- بيهقي حديث: ١٢٨٧٩، ١٤٥٢٥ السنن الكبري حديث: ٨١١٧- ابن ماجه حديث: ١٠١- مسند احمد حديث: ١٧٨٤٤- مسند عبد بن حميد حديث: ٢٩٥- المعجم الكبير حديث: ١١٤- سير اعلام النبلاء ص١٤٢ ج٢- الاستيعاب ص٩٦٧ ج٣- الطبقات الكبري ص٦٧ ج٨- الاصابة ص١٧٣ ج٤-

www.maktabah.org

احسانن جو بدلو الله تعالي قيامت جي ڏينهن عطا فرمائيندو.[2]

سندن شان ۾ پاڻ سڳورا وڌيڪ فرمائين ٿا ته:

أَنْتَ صَاحِبِي عَلَى الْحَوْضِ[3]

[تون حوض ڪوثر تي منهنجو ساٿي آهين.]

هي حديث آهي ته ارشاد فرمايائون ته:

ثَانِيَ اثْنَيْنِ فِي الْغَارِ وَثَانِيَ اثْنَيْنِ فِي الْعَرْشِ وَثَانِيَ اثْنَيْنِ فِي الْمَدْفَنِ[4]

[تون غار ۾ مون سان گڏ هئين ۽ عرش تي به گڏ هوندين ۽ قبر ۾ به گڏ هوندين.]

سڀ کان اڳ پاڻ سڳورن تي ايمان آڻيندڙ سڀ کان اڳ سندن خطبو پڙهندڙ سڀ کان اڳ ڪافرن کي اسلام جي دعوت ڏيندڙ سڀ کان اڳ خلافت جي مسند تي ويهندڙ سڀ کان اڳ امير حج مقرر ٿيندڙ سڀ کان اڳ خلافت جو وصي، آزاد ماڻهن مان سڀ کان اڳ اسلام قبول ڪندڙ سڀ کان اڳ معراج جي تصديق ڪندڙ امت مان سڀ کان اڳ قيامت جي ڏينهن اٺندڙ ۽ جنت ۾ سڀ کان اڳ داخل ٿيندڙ ابوبڪر صديق رضي الله عنه آهي. حضرت ابوبڪر کي اسم مبارڪ "احمد" جي خاصيت مان دولت پڙ حاصل ٿي جو رسول الله ﷺ جن سندن صفت رحمت ۽ مهرباني به بيان فرمائي جيڪا ملائڪن جي صفت آهي ۽ کين

---

(2) فتح الباري ص ١٣ ج٧، تحفة الاحوذي ص ١٠١ ج١، ميزان الاعتدال ص ٩٢ ج٦، لسان الميزان ص ١٠٥ ج٥، تاريخ بغداد ص ١١٨ ج٢ تهذيب الاسماء ص ٤٧٨ ج٢- ابن حبان حديث : ٦٨٥٨- موارد الظمآن حديث : ٢١٦٦- ترمذي حديث: ٣٦٦١- ابن ماجه ص٣٦ ج١- مسند احمد ص٢٥٣ ج٢.

(3) تفسير طبري ص٦٤ ج١٠- ابن حبان حديث: ٦٦٤٤- ترمذي حديث: ٣٦٧٠- مجمع الزوائد ص ٥٠ ج٩- المعجم الكبير حديث: ١٢١٢٧ص ٤٠٠ ج١١- فتح الباري ٣١٨ ج٨- الرياض النضرة ص٧٢ ج٢

(4) حديث جي ڪنهن به ڪتاب ۾ اها حديث ثابت نه آهي.

www.maktabah.org

حضرت ابراهيم خليل الله عليه السلام سان مشابهت ڏني[1]

سندن ٻاهتر (۷۲) فضيلتون اهڙيون آهن جيڪي اصحابن مان ڪنهن کي حاصل نہ آهن. والله تعالي اعلم.

انهن مان هڪ فضيلت اها ب آهي تہ قيامت جي ڏينهن جڏهن مؤمنن کي الله تعالي جي ملاقات ۽ ديدار نصيب ٿيندو تہ انهيءَ ڏينهن هڪ تجلي سيني ايمان وارن تي ۽ هڪ تجلي خاص امير المؤمنين ابوبڪر صديق رضي الله عنه تي ٿيندي.

يَاأَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا مَنْ يَرْتَدَّ مِنْكُمْ عَنْ دِينِهِ فَسَوْفَ يَأْتِي اللَّهُ بِقَوْمٍ يُحِبُّهُمْ وَيُحِبُّونَهُ[2]

[اي ايمان وارؤ! جيڪو توهان مان پنهنجي دين کان ڦري ويندو تہ پوءِ سگهوئي الله تعالي اهڙا ماڻهو آڻيندو جن کي اهو پيارو رکندو ۽ اهي ان کي پيارو رکندا.]

هن آيت جي تفسير ۾ روضة الاحباب ۾ آهي تہ ان مان مراد ابوبڪر صديق آهي. جڏهن رسول الله ﷺ جن وصال فرمايو ۽ ابوبڪر صديق رضي الله عنه خليفو مقرر ٿيو تہ جيڪي ماڻهو رسول الله ﷺ جن جي زماني ۾ زڪوة ڏيندا هئا. انهن زڪوة ڏيڻ کان انڪار ڪيو. حضرت ابوبڪر رضي الله عنه انهن جي خلاف جهاد ڪيو. ڪيترن اصحابن سگهورن عرض ڪيو تہ اي رسول الله جا خليفا! وقت جي تقاضا ۽ مصلحت اجازت نٿي ڏئي تہ اسان انهن جي خلاف جنگ ڪريون.

---

(1) جنگ بدر جي قيدين کي ڇڏڻ يا نہ ڇڏڻ جو مسئلو پيش آيو تہ حضرت ابوبڪر صديق کين معاف ڪرڻ جو ۽ حضرت عمر سائين کين قتل ڪرڻ جو مشورو ڏنو. انهيءَ موقعي تي فرمايائون تہ : اي ابوبڪرا تنهنجو مثال ابراهيم ۽ عيسي عليهما السلام جي مثال وانگر آهي: تفسير قرطبي ۴۲۱۴ج۲۰۴۷ج۸- تفسير طبري ص۴۳ج۱۰- مجمع الزوائدص۸۶ ج۵- مسند احمد حديث: ۳۶۳۲-تحفة الاحوذي ص۳۰۵ج۵-فضائل الصحابة ابن حنبل ص۱۸۱ج۱- تاريخ طبري ص۴۷ج۲

(2) المائده آيت: ۵۴

www.maktabah.org

چاڪاڻ تہ رسول الله ﷺ جن جي وفات جو حادثو تازو آهي ۽ اسلام کي استحڪام عطا نہ ٿيو آهي. اسلام جا دشمن گهٽا آهن، پر ابوبڪر صديق رضي الله عنه فرمايو تہ آءٌ ضرور انهن سان جنگ ڪندس. حضرت عمر رضي الله عنه سندن خدمت ۾ عرض ڪيو تہ رسول الله ﷺ جن جي وصال جو غم ۽ ڏک نئون آهي ۽ ماڻهن جون دليون غمگين آهن، ان ڪري جيڪي زڪوة نٿا ڏين انهن سان نرمي ڪرڻ گهرجي. حضرت ابوبڪر رضي الله عنه فرمايو تہ اي عمر! جاهليت ۾ تہ تون وڏو بهادر هئين ۽ اسلام ۾ اچي ڍڪٿو ۽ مصلحت پسند ٿي ويو آهين:

وَاللّٰهِ لَوْ مَنَعُوْنِيْ عِقَالًا مِمَّا اَدُّوْا اِلٰى رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ لَقَاتَلْتُهُمْ (1)

[خدا جو قسم ڏاچيءَ کي ٻڌڻ واري رسي. جيڪا رسول الله ﷺ جن کي ڏيندا هئا جيڪڏهن اها بہ ڏيڻ کان انڪار ڪندا، تڏهن بہ آءٌ انهن سان وڙهندس.]

حضرت عمر رضي الله عنه چيو تہ:

اَمَا سَمِعْتَ مِنْ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ اَنَّهٗ قَالَ اُمِرْتُ اَنْ اُقَاتِلَ النَّاسَ حَتّٰى يَقُوْلُوْا لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ فَاِذَا قَالُوْهَا عَصَمُوْا مِنِّيْ دِمَائَهُمْ وَاَمْوَالَهُمْ (2)

[ڇا توهان رسول الله ﷺ جن کي فرمائيندي نہ ٻڌو آهي تہ مون کي حڪم ڪيو ويو آهي تہ ماڻهن سان وڙهان. تانجو لا اله الا الله جي شاهدي ڏين. پوءِ جڏهن اها شاهدي ڏين تہ مون کان پنهنجيون جانيون ۽ پنهنجا مال حفاظت ۾ ورتائون.]

حضرت ابوبڪر رضي الله عنه فرمايو تہ اي عمر! تو پوري حديث بيان نہ ڪئي. چاڪاڻ تہ پاڻ سڳورن اهو بہ فرمايو آهي تہ:

---

(1) بخاري حديث: ٦٨٥٥- مسلم ص ٥١ج١- حديث: ٢- ترمذي ص ٣ج٥- بيهقي ص ١٠٤ ج ٤- مصنف ابن ابي شيبه ص ٤٣٤ج ٢- مصنف عبدالزاق ص ٤٤ ج ٤- شرح السيوطي ص ١٥ج ٥.

(2) قرطبي ص ١٩٢ج ١- ابن كثير ص ٣١٠ج ٢ بخاري حديث: ٢٥- مسلم ص ٥١ج١ حديث: ٢٠- ترمذي ص ٣ج٥- مجمع الزوائد ١٢٦ج١- مصنف ابن ابي شيبه ص ٥٥٧ ج ٥- مصنف عبدالزاق ص ٦٦ج٦- احمد ص ٤٢ج١- شعب الايمان ص ٣٢٨ج ٤.

www.maktabah.org

إِلَّا بِحَقِّهَا وَحِسَابُهُمْ عَلَى اللهِ

[مگر اسلام جي حق سان (انهن سان وڙهندس) ۽ انهن جو حساب الله تي آهي.]

پوءِ حضرت ابوبکر رضہ انهن سان جنگ کئي ۽ رسول الله ﷺ جن جي زماني ۾ جيکا زکوة ڏيندا هئا، اها انهن کان مکمل ورتائون ۽ دين جي باري ۾ ماٹھن جي ملامت ۽ گفتگوءَ جي کا پرواه نہ کيائين:

يَاأَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا مَنْ يَرْتَدَّ مِنْكُمْ عَنْ دِينِهِ فَسَوْفَ يَأْتِي اللهُ بِقَوْمٍ يُحِبُّهُمْ وَيُحِبُّونَهُ أَذِلَّةٍ عَلَى الْمُؤْمِنِينَ أَعِزَّةٍ عَلَى الْكَافِرِينَ يُجَاهِدُونَ فِي سَبِيلِ اللهِ وَلَا يَخَافُونَ لَوْمَةَ لَائِمٍ ذَٰلِكَ فَضْلُ اللهِ يُؤْتِيهِ مَنْ يَشَاءُ وَاللهُ وَاسِعٌ عَلِيمٌ ﴿٥٤﴾ (1)

[اي ايمان وارؤ! توهان مان جيکو پنهنجي دين کان ڦرندو ته پوءِ الله سگهو ئي اهڙن ماٹھن کي آڻيندو جن کي پسند ڪندو ۽ اهي ان کي پسند ڪندا ايمان وارن تي نرم ۽ کافرن تي سخت هوندا. الله جي واٽ ۾ جهاد ڪندا ۽ ملامت ڪندڙ جي ملامت جي پرواه نہ ڪندا، اهو الله جو فضل آهي، جنهن کي چاهي تو عطا ڪري تو ۽ الله ڪشادي علم وارو آهي.]

خلافت صديقي جي باري ۾ هيٺين آيت ۾ ٻڌري ثابتي آهي:

إِنَّمَا وَلِيُّكُمُ اللهُ وَرَسُولُهُ وَالَّذِينَ آمَنُوا الَّذِينَ يُقِيمُونَ الصَّلَاةَ وَيُؤْتُونَ الزَّكَاةَ وَهُمْ رَاكِعُونَ ﴿٥٥﴾ وَمَنْ يَتَوَلَّ اللهَ وَرَسُولَهُ وَالَّذِينَ آمَنُوا فَإِنَّ حِزْبَ اللهِ هُمُ الْغَالِبُونَ ﴿٥٦﴾ (2)

[توهان جو دوست الله ۽ ان جو رسول ۽ اهي ايمان وارا آهن، جيکي نماز قائم ڪن ٿا، زکوة ادا ڪن ٿا ۽ رکوع ڪرڻ وارا آهن ۽ جيکو الله ۽ سندس رسول کي پنهنجو سائين ۽ ساٿي بنائيندو ته پوءِ بيشڪ الله جو گروهہ ئي غالب ٿيڻ وارو آهي.]

اها آيت حضرت ابوبکر ۽ علي مرتضي رضي الله عنهما جي باري

---

(1) المائده آيت: ٥٤ پ٦

(2) المائده آيت: ٥٥-٥٦ پ٦

www.maktabah.org

۾ لڳي. حضرت ابوبڪر زڪوة نہ ڏيندڙن جي خلاف جهاد ڪيو ۽ امير المؤمنين علي بن ابي طالب جي باري ۾ اڇي ٿو تہ هڪ پيري رسول الله ﷺ جن مسجد شريف ۾ موجود هئا ۽ علي بن ابي طالب رڪوع جي حالت ۾ هو ۽ هيءَ آيت نازل ٿي. پاڻ انهيءَ حالت ۾ منبي لاهي سائل کي ڏنائون. اها آيت حضرت علي رضہ جي خلافت جي باري ۾ نص يعني قرآن مجيد جو پڌرو حڪم آهي. پر خلافت عثمانيءَ کان بعد. ڪوئي چئي سگهي ٿو تہ ان صورت ۾ تہ خلافت صديقي ۽ خلافت مرتضوي گڏوگڏ هئڻ گهرجي ها. ان جو جواب هي آهي تہ انهن ۾نهي حڪومتن جو مسلسل هئڻ ضرور نہ آهي. ڇاڪاڻ تہ هر شخص پنهنجي راءِ تي حڪم ڪندو آهي ۽ هر هڪ جي راءِ جدا جدا هوندي آهي ۽ سيني خليفن جا ڪم ۽ ذميواريون جدا جدا هيون. جيڪڏهن توهان اعتراض ڪريو تہ صديقي خلافت کان بعد مرتضوي خلافت جو ذڪر آهي تہ پوءِ حضرت عمر ۽ حضرت عثمان ۾نهي جي خلافت وچ ۾ ڇو اڇي وئي؟ ان جو جواب هي آهي تہ اسان آيت مان حضرت ابوبڪر صديق ۽ علي مرتضيٰ رضي الله عنهما جي خلافت ثابت ڪئي جنهن مان صديق اڪبر جي خلافت اول آهي. جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن جي وصال کان پوءِ حضرت ابوبڪر صديق اڪبر زڪوة جي منڪرن جي خلاف جهاد ڪيو تہ الله تعالي جو وعدو پورو ٿيو. جنهن اعلان فرمايو هو تہ جيڪڏهن توهان مان ڪو دين کان ڦرندو تہ فَسَوْفَ يَأْتِي اللّٰهُ بِقَوْمٍ يُحِبُّهُمْ وَيُحِبُّوْنَهٗ پوءِ سگهو ئي الله اهڙن ماڻهن کي آڻيندو جن کي اهو پيارو رکندو ۽ اهي ان کي پيارو رکندا. جنهن مان مراد حضرت ابوبڪر صديق ۽ ٻيا اصحابي رضي الله عنهم آهن. جڏهن حضرت ابوبڪر جي خلافت قائم ٿي تہ پاڻ زڪوة نہ ڏيندڙن ۽ ڪوڙن نبين جي خلاف جنگ ڪيائين ۽ رسول الله ﷺ جن جي طريقي مطابق خلافت جو نظام هلايائين. ملڪ ۾ امن امان قائم ڪيائين ۽ سندس ڪوشش سان هر طرف اسلام کي استحڪام ۽ وسعت حاصل ٿي ۽ دشمن مغلوب ٿيا. زندگي جي آخري گهڙين ۾ عمر فاروق رضہ کي خلافت لاءِ چونڊيائين. جيئن انهيءَ نظام کي ڪاميابيءَ سان اڳتي جاري رکي سگهي. جيڪو خليفة الرسول ﷺ قائم ڪيو آهي. حضرت عمر رضہ خلافت جي ذميواري سنياليِ. حضرت ابوبڪر صديق

www.maktabah.org

رضہ جي اعتماد تي پورو لٿو ۽ ان جي پوري طرح پيروي ڪيائين.

حضرت عثمان ۽ حضرت ابن مسعود رضي الله عنهما فرمائين ٿا ته "جڏا عقل ۽ دانشمنديءَ ۾ سڀ کان اڳرا آهن:"[1]

۱- عزيز، مصر جنهن يوسف عليه السلام کي خريد ڪري پنهنجي گهر ۾ رکيو ۽ پنهنجي گهر واريءَ کي چيائين ته:

عَسَىٰٓ أَن يَنفَعَنَآ أَوْ نَتَّخِذَهُۥ وَلَدًا[2]

[ويجهو آهي ته اسان کي فائدو ڏي يا ان کي پنهنجو پٽ بنايون.]

۲- حضرت شعيب عليه السلام جي نياڻي، جنهن حضرت موسيٰ عليه السلام جي باري ۾ پنهنجي پيءُ کي چيو ته:

يَٰٓأَبَتِ ٱسْتَـْٔجِرْهُ ۖ إِنَّ خَيْرَ مَنِ ٱسْتَـْٔجَرْتَ ٱلْقَوِىُّ ٱلْأَمِينُ[3]

[اي منهنجا پيءُ ان کي ملازم رک بيشڪ بهترين ملازم اهو آهي، جيڪو طاقتور ۽ امين هجي.]

۳- نبي ڪريم ﷺ جن، پاڻ صديق اڪبر کي پنهنجو خليفو مقرر فرمايو. چاڪاڻ ته ابوبڪر صديق کان وڌيڪ افضل ۽ صالح موجود نه آهي.

حضرت انس رضي الله عنه کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو:

هٰذَانِ سَيِّدَا كُهُوْلِ أَهْلِ الْجَنَّةِ مِنَ الْأَوَّلِيْنَ وَالْآخِرِيْنَ غَيْرَ النَّبِيِّيْنَ وَالْمُرْسَلِيْنَ[4]

[بيشڪ ابوبڪر ۽ عمر نبين ۽ رسولن کان سواءِ جنت جي

---

(1) قرطبي ص١٦٠ ج٩. حضرت علي جو قول آهي ته چار جڏا سڀ کان وڌيڪ عقل مند آهن ۽ عورتون ۽ مرد. عورتن ۾ پهرين شعيب عليه السلام جي نياڻي صفرا ۽ پهريون مرد مصر جو عزيز هي عورت خديجة الكبرى جنهن نبي ﷺ جي باري ۾ هوشياري ظاهر فرمائي ۽ يو شخص ابوبڪر رضہ آهي جنهن مون کي پنهنجي وفات جي وقت چيو ته منهنجي فراست چوي ٿي ته خلافت عمر رضہ جي حوالي ڪريان. ستاريخ بغداد ص٣٥٦ ج١٠.

(2) سورة يوسف آيت: ٢١ پ١٣

(3) سورة القصص آيت: ٢٦ پ٢٠

(4) مجمع الزوائد ص ٥٣ج٩، ٥٣ج٩، سنن البيهقي الكبري ص١٥٣ج٨، حديث : ١٦٣٦- المعجم الاوسط ص١٤٠ج٤، حديث :٣٨١٦- مسند حميدي حديث :٣٣٩- مسند الشامين حديث : ٩١٣- السنة لعبد الله بن احمد ص٥٧٩ج٢- تحفة الاحوذي ص١٠٢ج١٠،٢٠٩ج١٠- شرح ابن ماجه ص٥ج١- الثقات ص٥٧٣ج٧- لسان الميزان ص٢٧٥ج١- الطبقات الكبري ص٣٣٤ج٢- معرفة علوم الحديث ص٢٥٢ج١

www.maktabah.org

جهونن جا سردار آهن.]

پڻ پاڻ سڳورن پنهنجين ڪن حديثن ۾ ابوبڪر صديق رضہ ۽ عمر فاروق رضہ جي خلافت جي باري ۾ اشارو فرمايو آهي:

اِقْتَدُوْا بِالَّذَيْنَ مِنْ بَعْدِيْ اَبُوْبَكْرٍ وَعُمَرَ (1)

[مون کان پوءِ ابوبڪر ۽ عمر جي پيروي ڪجو.]

ام المؤمنين عائشه رضي الله عنها فرمائي ٿي تہ رسول الله ﷺ جن مرض الموت ۾ فرمايو تہ:

اُدْعِيْ لِيْ اَبَابَكْرٍ اَبَاكِ وَاَخَاكِ حَتّٰى اَكْتُبَ كِتَابًا فَاِنِّيْ اَخَافُ اَنْ يَّتَمَنّٰى مُتَمَنٍّ وَيَقُوْلُ وَيَاْبَى اللّٰهُ وَالْمُؤْمِنُوْنَ (2)

[پنهنجي پيءُ ابوبڪر ۽ پنهنجي ڀاءُ عبد الرحمن کي سڏ ڪر تہ جيئن کين هڪ لکت لکي ڏيان. بيشڪ آءٌ ڊڄان ٿو تہ مون کان بعد ڪو اقتدار جي تمنا نہ ڪري، پوءِ فرمايائون تہ پر الله ۽ ايمان وارا ابوبڪر کان سواءِ ڪنهن ٻئي جي خلافت کي تسليم ئي نہ ڪندا.]

جڏهن حضرت عمر رضي الله عنه جي وصال جو وقت ويجهو آيو تہ حضرت عبدالرحمن بن عوف جي اڳواڻيءَ ۾ ڇهن ڇڻن جي ڪميٽي مقرر ڪيائين جن ۾ هي اصحاب رسول شامل هئا: عثمان، علي، طلحه، زبير، عبدالرحمن بن عوف، سعد بن ابي وقاص (رضي الله عنهم) عمر فاروق

---

(1) صحيح ابن حبان حديث: ٦٩٠٢ – مجمع الزوائد ص ٥٣ ج ٩، ص ٢٩٥ ج ٩– سنن البيهقي كبري حديث: ١٦٣٦٨ – مصنف ابن ابي شيبه حديث: ٣٧٠٤٩ – المعجم الاوسط حديث: ٣٨١٦– مسند الشاميين حديث: ٩١٣ – جامع العلوم والحكم ص ٢٦٤ ج١ – السنة لعبدالله بن احمد ص ٥٧٩– شرح الزرقاني ص ٣٧٢ ج٤ – تحفة الاحوذي ص ١٠٢ ج ١٠– شرح سنن ابن ماجه ص ٦ ج١ – الكني للبخاري ص ٥٠ ج١ – الجرح والتعديل ص ٤٠٢ ج٩ – الثقات ص ٥٧٣ ج ٧ – لسان الميزان ص ٢٧٢ ج١ – تهذيب التهذيب ص ٧٧ ج١١– تهذيب الكمال ص ٢٢٣ ج٢١)

(2) سنن البيهقي الكبري حديث :١٦٣٦٥– السنن الكبري حديث :٧٠٨١– المعجم الاوسط حديث :٦٥٧١–مسند احمد حديث :٢٥١٥٦– فتح الباري ٢٠٩ ج١٠١٢٥ج١٠٢٠٦ج١٣– الطبقات الكبري ص١٥٠ج٣– الرياض النضرة ص٩١ج٢

www.maktabah.org

رضي الله عنه جي وفات کان بعد سندن مشوري سان حضرت عثمان کي خليفو چونڊيو ويو. ڇاڪاڻ تہ حضرت عثمان بزرگ، شريف ۽ مکي جي سردارن مان، سخا جو صاحب، زاهد هو. خلافت جي پوري اهليت رکندو هو. ماڻهن ۾ خلافت جو نظام سندن حوالي ڪيو ۽ اهي ان کان خوش هئا. پوءِ جڏهن الله تعالي جي تقدير مطابق حضرت عثمان رضي الله عنه شهادت جو شربت چکيو تہ خلافت جو بار امام الاشجعين علي مرتضي ڪرم الله وجهه جي ڪلهن تي پيو. جنهن ان کي بهترين نموني سرانجام ڏنو ۽ مؤمنن جو امام مقرر ٿيو. شريعت، طريقت، حقيقت ۽ معرفت جي علم کي عام ڪيائين ۽ انهن جا مطلب ۽ مقصد آسان ڪيائين.

جيڪڏهن ڪو شخص چوي تہ متي بيان ڪيل آيت ۾ نہ ابوبڪر جو نالو آهي نہ علي مرتضي جو ان جو جواب آهي تہ جيتوڻيڪ الفاظ جمع جا آهن پر انهن جو مطلب واحد آهي. قرآن مجيد ۾ گهڻيون آيتون آهن، جتي ڪنهن ڳالهہ کي جمع سان بيان ڪيو ويو آهي ۽ ان جي مراد واحد هوندي آهي ۽ ڪنهن شيءِ کي واحد بيان ڪيو ويو آهي ۽ مراد جمع هوندي آهي. عربي لغت ۽ اڳئين زماني جي شعرن ۾ بہ اهڙا گهڻا مثال موجود آهن. مثلاً فرمائي ٿو:

وَلَقَدْ خَلَقْنَا الْإِنْسَانَ مِنْ سُلٰلَةٍ مِّنْ طِيْنٍ ﴿١٢﴾ ثُمَّ جَعَلْنٰهُ نُطْفَةً فِيْ قَرَارٍ مَّكِيْنٍ ﴿١٣﴾ (1)

[بيشڪ اسان انسان کي متيءَ جي ست مان پيدا ڪيو پوءِ ڪيس مضبوط ترسڻ جي جاءِ ۾ نطفو بنائي ٽڪايوسون.]

حالانڪ هر شيءِ نطفي مان پيدا ٿئي ٿي ۽ انسان جو لفظ بہ واحد استعمال ٿيل آهي ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

لَقَدْ خَلَقْنَا الْإِنْسَانَ فِيْٓ اَحْسَنِ تَقْوِيْمٍ ﴿٤﴾ (2)

[بيشڪ اسان انسان کي بهترين صورت ۾ پيدا ڪيو.]

حالانڪ سموري مخلوق بهترين صورت ۾ پيدا فرمائي وئي آهي.

---

(1) المؤمنون پ 18 آيت 12-13

(2) التين آيت ۴ پ۳۰

www.maktabah.org

پڙ هتي "انسان" واحد لفظ آهي. ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

مَا خَلَقْنَا السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ اِلَّا بِالْحَقِّ[1]

[بيشڪ اسان آسمانن ۽ زمين کي حق سان پيدا ڪيو آهي.]

حالانڪ آسمان وانگر زمين جا به ست قسم آهن. پر آسمان کي جمع ۽ زمين کي واحد استعمال ڪيو ويو. ٻئي هنڌ آهي:

اِنَّ اللّٰهَ خَلَقَ اٰدَمَ عَلٰى صُوْرَتِهٖ[2]

[بيشڪ الله تعالي آدم کي پنهنجي صورت مطابق پيدا ڪيو.]

هتي اڪيلي آدم جو بيان آهي. پڙ مراد اهي ماڻهو آهن، جيڪي گهڻا آهن پر لفظ واحد استعمال ٿيل آهي. اهڙا ٻيا به گهڻا قسم آهن، جيڪي تفسير جي ڪتاب ۾ بيان ٿيل آهن جيڪڏهن سمورو بيان ڪجي ته تحرير ڊگهي ٿي ويندي. غرض ته مٿي بيان ڪيل آيت يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۾، الله تعالي حضرت عليءَ جو ذڪر فرمايو. ٻئي هنڌ قرآن مجيد ۾ اهڙو مثال موجود آهي ته:

اِنَّ اِبْرٰهِيْمَ كَانَ اُمَّةً قَانِتًا لِّلّٰهِ حَنِيْفًا[3]

[بيشڪ ابراهيم الله جو فرمانبردار يڪسو ٿي، عبادت ڪندڙ امت هو.]

ڏسو هن آيت ۾ ابراهيم عليه السلام کي امت فرمايو ويو آهي حالانڪ قَانِتًا ۽ حَنِيْفًا واحد جا صيغا آهن. اهڙي طرح الله تعالي سيدنا صديق رضي الله عنه جي باري ۾ ارشاد فرمايو: فَسَوْفَ يَاْتِي اللّٰهُ بِقَوْمٍ [پوءِ سگهوئي الله تعالي هڪ قوم آڻيندو.] هتي قوم واحد جو صيغو آهي ۽ مراد جمع آهي. ٻي صفت آهي ته يُّحِبُّهُمْ [الله انهن سان محبت ڪندو.] هم

---

(1) سورة الاحقاف آيت:٣ پ٢٦

(2) تفسير طبري ص١١٤ج٩- قرطبي ص١١٤ ج٩، ص ٣٠٠ ج٥، ص ٣٩٢ ج٥- مسلم حديث: ٢٦١٢- بخاري حديث: ٥٨٧٣- صحيح ابن حبان ص ٣٣-٣٤ ج ١٤ – مسند احمد ص ٣١٥ ج٢- فتح الباري ص ١٨٣ ج٥، ص ٣٦٦ ج٦، ص ٣ ج١١- فيض القدير ص ٤٤٥-٤٤٦ ج٣

(3) سورة النحل آيت : ١٢٠ پ١٤

www.maktabah.org

جمع جو صيغو آهي. وَيُحِبُّوْنَهٗ [اهي ڻ سان محبت ڪندا] يُحِبُّوْنَهٗ ۾ واو نون جمع جو آهي. اَذِلَّةٍ [نرم دل] اَعِزَّةٍ [سخت] اسم جمع آهي. يُجَاهِدُوْنَ [جهاد ڪندا.] جمع جو صيغو آهي. لَا يَخَافُوْنَ [خوف نه ڪندا.] جمع جو صيغو آهي. اهي ست قسم ٿيا ۽ آيت سڳوري وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۾: وَالَّذِيْنَ ۾ نون جمع جو آهي. اٰمَنُوْا ۾ واو جمع جو آهي. بي الَّذِيْنَ ۾ نون جمع آهي. يُقِيْمُوْنَ ۾ واو نون جمع جو آهي. يُؤْتُوْنَ ۾ به واو نون جمع جو آهي. وَهُمْ ضمير جمع آهي. رَاكِعُوْنَ ۾ واو نون جمع جو آهي. اهي به ست ٿيا. ٻنهي آيتن ۾ ٻنهي کي ستن ستن صيغن ۾ جمع جي صيغي سان بيان ڪيو ويو آهي، پر مراد واحد آهي.

هاڻي ڏسو اهي حديثون جيڪي رسول الله ﷺ جن جي حجري جي دروازي تي ٻنهي بزرگن يعني ابوبڪر ۽ علي رضي الله عنهما جي باري ۾ بيان ٿيل آهن. اهي هڪ ٻئي طريقي سان، ڪتاب "روضة الحقائق في علم الحديث" ۾ آندل آهن جنهن جي مقدمي ۾ حضرت ابوهريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته:

قَدِمَا اِلٰى رَسُوْلِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

[هڪ ڏينهن ابوبڪر صديق علي مرتضيٰ رسول الله ﷺ جن جي حجري وٽ آيا]

فَقَالَ عَلِيٌّ لِاَبِيْ بَكْرٍ تَقَدَّمْ وَكُنْ اَوَّلَ مَنْ يَّقْرَعُ وَيَتَقَرَّبُ اِلَيْهِ

[حضرت علي رضي الله عنه، ابوبڪر رضي الله عنه کي چيو ته اڇو پهريائين توهان ان ۾ داخل ٿيو ۽ پيغمبر ﷺ جو قرب ماڻيو.]

قال ابوبكر تقدم انت يا علي فقال علي ما كنت بالذى اتقدم علٰى رجل سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول فى حقه ما اطلعت من بعدى علٰى رجل افضل من ابى بكر الصديق فقال ابوبكر ما كنت اتقدم علٰى رجل قال فى حقه رسول الله صلى الله عليه وسلم و انت خير الرجال فقال علي كرم الله وجهه انا لا اتقدم علٰى رجل قال فى حقه رسول الله صلى الله عليه وسلم من اراد ان ينظر الٰى صدر ابراهيم خليل الله فلينظر الٰى صدر ابى ابكر فقال ابوبكر انا لا اتقدم علٰى رجل قال فى حقه رسول الله صلى الله عليه وسلم من اراد ان ينظر الٰى آدم و صفوة والٰى يوسف و حسنه

www.maktabah.org

والى موسٰى و صولته و الى عيسٰى و زهده و الى محمد و خلقه فلينظر الى على رضى الله عنه فقال علىٌ انا لا اتقدم علٰى رجل قال فى حقه رسول الله صلى الله عليه وسلم اذا جمع العالم فى عرصات القيامة يوم الحسرة والندامة ينادى مناد من قبل الله تعالٰى يا ابابكر ادخل انت و محبوبك الجنة فقال ابوبكر انا لا اتقدم علٰى رجل قال فى حقه رسول الله صلى الله عليه وسلم انا من علي و علي منى فقال على كرم الله وجهه انا لا اتقدم علٰى رجل قال فى حقه رسول الله صلى الله عليه وسلم: ان صفات المحبين ثلاث مائة وستون صفة كلها موجودة فى ابى بكر فقال ابوبكر رضى الله عنه انا لا اتقدم علٰى رجل قال فى حقه رسول الله صلى الله عليه وسلم يوم حنين وخيبر قد اهدى له لبن و تمر فقال رسول الله صلى الله عليه وسلم هٰذه هدية من الطالب الغالب الى على بن ابى طالب فقال على رضى الله عنه لا اتقدم علٰى رجل قال فى حقه رسول الله صلى الله عليه وسلم اذا كان يوم القيامة يجى ءُ رضوان خازن الجنة بمفاتيح الجنة و مفاتيح النار و يقول يا ابابكر الرب جل جلالهٗ يقرئك السلام و يقول لك هذه مفاتيح الجنة و مفاتيح النار فابعث من شئت الى الجنة و من شئت الى النار فقال ابوبكر صديق رضى الله عنه انا لا اتقدم علٰى رجل قال فى حقه رسول الله صلى الله عليه وسلم ان جبرئيل اتانى فقال يا محمد ان الله يقرئك السلام و يقول لك انا احبك واحب عليا فسجد شكرا واحب فاطمة فسجد شكرا واحب حسنا وحسينا فسجد شكرا فقال على رضى الله عنه انا لا اتقدم علٰى رجل سمعت رسول الله صلى الله عليه وسلم يقول فى حقه: لو وزن ايمان ابى بكر الصديق و ايمان اهل الارض لرجح عليهم فقال ابوبكر رضى الله عنه انا لا اتقدام علٰى رجل قال فى حقه رسول الله صلى الله عليه وسلم ان عليّا يجى ءُ يوم القيامة مع اولاده و زوجته علٰى مراكب من البدن فيقول اهل القيامة اى نبى هٰذا؟ فينادى مناد هذا حبيب الله هٰذا على ابن ابى طالب فقال على رضى الله عنه انا لا اتقدم علٰى رجل قال فى حقه رسول الله صلى الله عليه وسلم يسمع اهل الحشر من ثمانية ابواب الجنة ادخل من ايها شئت ايها الصديق الاكبر! فقال ابوبكر رضى الله عنه انا لا اتقدم علٰى رجل قال فى حقه رسول الله صلى الله عليه وسلم بين قصرى و قصر ابراهيم خليل الله قصر على ابن ابى طالب فقال على رضى الله عنه انا لا اتقدم علٰى رجل قال فى حقه رسول الله صلى الله عليه وسلم ان اهل السموٰت من الكروبين والروحانيين والملأ الاعلٰى يصلون فى كل يوم لابى بكر الصديق

www.maktabah.org

فقال ابوبكر رضى الله عنه انا لا اتقدم على رجل فيه نزل على رسول الله صلى الله عليه وسلم و فى حق اهل بيته: يُطْعِمُوْنَ الطَّعَامَ عَلٰى حُبِّهٖ مِسْكِيْنًا وَّ يَتِيْمًا وَّ اَسِيْرًا فقال على رضى الله عنه انا لا اتقدم على رجل قال فى حقه رسول الله صلى الله عليه وسلم عن ربه: وَالَّذِىْ جَآءَ بِالصِّدْقِ وَصَدَّقَ بِهٖٓ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُتَّقُوْنَ فنظر جبرئيل عليه السلام الى الصادق الامين من عند رب العالمين وقال يا محمد ان الله تعالى يقرئك السلام و يخصك بالمحبة والاكرام و يقول ان ملٰئكة السمٰوت السبع ينظرون فى هٰذه الساعة الى ابى بكر الصديق و على المرتضى يستمعون ما جرىٰ بينهما من حسن المحاسن والاداب و حسن الجواب من بضها بعضا فقم انيهما و كن ثالثهما فان الله تعالى قد خصهما بالرحمة والرضوان و خصهما بحسن الاسلام والايمان فخرج رسول الله صلى الله عليه وسلم اليهما ووجدهما كما ذكر له جبرئيل عليه السلام فقبل النبى صلى الله عليه وسلم وجه كل واحد منهما فقال والذى نفس محمد بيده لوان البحار صارت مدادا والاشجار اقلاما واهل السمٰوت كاتبا لعجزوا عن حصر فضلكما ووصف اجركما وصلى الله علىٰ سيدنا و نبينا و حبيب ربنا محمد وآله واصحابه و ذرياته واهل بيته وبارك وسلم.

حضرت ابوبكر چيو ته اي علي! توهان اڳتي وڌو. حضرت عليءَ چيو ته آءٌ ان شخص كان اڳتي وڌڻ وارو نه آهيان جنهن جي حق ۾ مون رسول الله ﷺ جن كي فرمائيندي ٻڌو ته مون كان پوءِ توكي اهڙو شخص نه ملندو جيكو ابوبكر كان وڌيك افضل هجي. حضرت ابوبكر چيو ته آءٌ ان كان اڳتي وڌڻ وارو نه آهيان. جنهن جي حق ۾ رسول الله ﷺ جن كي فرمائيندي ٻڌو اٿم ته مون توكي سڀ كان افضل عورت نكاح ۾ ڏني ۽ تون بهترين ماڻهو آهين. حضرت عليءَ چيو ته آءٌ ان شخص كان اڳتي وڌڻ وارو نه آهيان جنهن جي حق ۾ رسول الله ﷺ جن كي فرمائيندي ٻڌو ته جيكو گهري ٿو ته ابراهيم خليل الله جو سينو ڏسي، اهو ابوبكر جي سيني ڏانهن نهاري. حضرت ابوبكر چيو ته آءٌ ان شخص كان اڳتي وڌڻ وارو نه آهيان جنهن جي حق ۾ مون رسول الله ﷺ جن كي فرمائيندي ٻڌو اٿم ته جيكو آدم عليه السلام ۽ ان جي صفت برگزيدگيءَ، يوسف ۽ ان جي حسن، موسيٰ ۽ ان جي دٻدٻي، عيسيٰ ۽ ان جي زهد، محمد ۽ ان جي

www.maktabah.org

خُلق ڏانهن ڏسڻ گهري ٿو ان کي گهرجي تہ عليءَ ڏانهن نهاري. حضرت عليءَ چيو تہ آءٌ ان شخص کان اڳتي وڌڻ وارو نہ آهيان جنهن جي حق ۾ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن حسرت ۽ ندامت جي ڏينهن قيامت جي گهڙين ۾ سموري دنيا کي گڏ ڪيو ويندو تہ الله تعالي طرفان اعلان ڪندڙ اعلان ڪندو تہ اي ابوبڪر! تون ۽ تنهنجو محبوب جنت ۾ داخل ٿيو. حضرت ابوبڪر چيو تہ آءٌ ان شخص کان اڳتي وڌڻ وارو نہ آهيان، جنهن جي حق ۾ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ آءٌ عليءَ مان ۽ علي مون مان آهي. حضرت علي چيو تہ آءٌ ان شخص کان اڳتي وڌڻ وارو نہ آهيان جنهن جي حق ۾ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ محبن جون ٽي سو ست صفتون آهن سڀ ابوبڪر ۾ موجود آهن. حضرت ابوبڪر چيو تہ آءٌ ان شخص کان اڳتي وڌڻ وارو نہ آهيان جنهن کي حنين ۽ خيبر جي ڏينهن کير ۽ ڪجيءَ جو تحفو مليو تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ اهو طالب غالب يعني الله تعالي جي طرفان علي بن ابي طالب لاءِ تحفو آهي. حضرت عليءَ چيو تہ آءٌ ان شخص کان اڳتي وڌڻ وارو نہ آهيان جنهن جي حق ۾ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ قيامت جي ڏينهن جنت جو رضوان ۽ دوزخ جو داروغو جنت ۽ دوزخ جون چاهيون ڪٽي ابوبڪر رضي الله عنه جي سامهون ايندا ۽ چوندا تہ الله جل جلاله توهان کي سلام چوي ٿو ۽ فرمائي ٿو تہ هي جنت ۽ دوزخ جون چاهيون آهن جنهن کي چاهيو جنت ۾ داخل ڪريو ۽ جنهن کي چاهيو دوزخ ۾ داخل ڪريو. حضرت ابوبڪر چيو تہ آءٌ ان شخص کان اڳتي وڌڻ وارو نہ آهيان جنهن جي حق ۾ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جبرئيل عليه السلام مون وٽ آيو. چيائين تہ اي محمد! بيشڪ الله توهان کي سلام چوي ٿو ۽ فرمائي ٿو تہ آءٌ توسان ۽ عليءَ سان محبت ڪريان ٿو پوءِ شڪر جو سجدو ادا فرماءِ، پڙ فرمائي ٿو تہ آءٌ فاطمه سان محبت ڪريان ٿو پوءِ شڪر جو سجدو ادا فرماءِ. حضرت عليءَ چيو تہ آءٌ ان کان اڳتي وڌڻ وارو نہ آهيان جنهن جي حق ۾ رسول الله ﷺ جن کي فرمائيندي ٻڌو اٿم تہ جيڪڏهن ابوبڪر صديق ۽ روءِ زمين جي ايمان وارن جو ايمان تورجي تہ البتہ ابوبڪر جو ايمان سيني کان ڳورو ٿيندو.

www.maktabah.org

حضرت ابوبکر چيو تہ آءٌ ان شخص کان اڳتي وڌڻ وارو نہ آهيان جنهن جي حق ۾ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ بيشڪ قيامت جي ڏينهن علي پنهنجي اولاد ۽ گهر واريءَ سان قربانيءَ جي جانورن جي سوارين تي ايندو ۽ پوءِ قيامت وارا چوندا تہ هي ڪهڙو نبي آهي؟ اعلان ڪرڻ وارو اعلان ڪندو تہ هي الله جو محبوب علي بن ابي طالب آهي. حضرت عليءَ چيو تہ آءٌ ان شخص کان اڳتي وڌڻ وارو نہ آهيان جنهن جي حق ۾ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جنت جا اٺ دروازا آهن ۽ ابوبکر کي چيو ويندو تہ جنهن دروازي مان توهان گهرو ان مان داخل ٿيو. حضرت ابوبکر چيو تہ آءٌ ان شخص کان اڳتي وڌڻ وارو نہ آهيان جنهن جي حق ۾ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ منهنجي محلات ۽ ابراهيم جي محلات جي وچ ۾ عليءَ جو محل آهي. حضرت عليءَ چيو تہ آءٌ ان شخص کان اڳتي وڌڻ وارو نہ آهيان جنهن جي حق ۾ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ آسمانن وارن مان ڪروبين، روحاني ۽ ملاءُ الاعليٰ وارا فرشتا سڀ هر رور ابوبکر لاءِ رحمت جي دعا گهرن ٿا. حضرت ابوبکر چيو تہ آءٌ ان شخص کان اڳتي وڌڻ وارو نہ آهيان جنهن جي حق ۾ ۽ سندس گهر وارن جي حق ۾ رسول الله ﷺ جن تي هيءَ آيت نازل ٿي:

وَيُطْعِمُونَ الطَّعَامَ عَلَىٰ حُبِّهِ مِسْكِينًا وَيَتِيمًا وَأَسِيرًا (1)

[الله جي رضامنديءَ لاءِ مسڪينن، يتيمن ۽ قيدين کي کاڏو کارائين ٿا.]

حضرت عليءَ چيو تہ آءٌ ان شخص کان اڳتي وڌڻ وارو نہ آهيان جنهن جي باري ۾ رسول الله ﷺ جن تي سندس پالڻهار طرفان وحي نازل ٿي تہ (ترجمو) "جيڪو سچ سان آيو ۽ سچ جي تصديق ڪيائين اهي ئي پرهيزگار آهن." پوءِ حضرت جبرئيل امين نبي ڪريم ﷺ جن ڏانهن آيو ۽ چيائين تہ اي محمد ﷺ! بيشڪ الله تعالي توهان کي سلام چوي ٿو ۽ خصوصي محبت جو تحفو موڪلي ٿو ۽ فرمائي ٿو تہ ستن آسمانن وارا هن گهڙيءَ ابوبکر صديق ۽ علي مرتضيٰ ڏانهن نهارين ٿا ۽ انهن جي

(1) الدهر آيت ٨ پ ٢٩

www.maktabah.org

درميان جيڪو ادب ۽ احترام جو بهترين معاملو جاري آهي ان کي ٻڌن ٿا. پوءِ توهان انهن جي درميان، ٽيان شامل ٿيو. چاڪاڻ ته الله تعالي انهن بنهي کي پنهنجي رحمت ۽ رضا سان خاص ڪيو آهي ۽ انهن کي اسلام ۽ ايمان جي حسن سان نوازيو آهي. پوءِ رسول الله ﷺ جن انهن ڏانهن آيا ۽ جيئن جبرئيل عليه السلام چيو هو. تيئن کين ڏنائون. پاڻ سڳورن بنهي مان هرهڪ جو منهن چميو ۽ فرمايائون ته ان ذات جو قسم! جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي، جيڪڏهن سمورا سمنڊ مس، سپ وڻ قلم ۽ آسمانن ۽ زمينن واري سپ مخلوق ڪاتب ٿين، تڏهن به توهان جي فضيلتن ۽ توهان جي اجر جي لکڻ کان عاجز ايندا. الله تعالي اسان جي سردار ۽ اسان جي نبي پنهنجي محبوب ۽ ان جي اصحاب ۽ اولاد ۽ اهل بيت تي درود ۽ سلام موڪلي.

حضرت حسان بن ثابت رضي الله عنه رسول الله ﷺ ۽ حضرت ابوبڪر، عمر رضي الله عنهما جي تعريف هن طرح بيان ڪئي آهي:

روا بعضهم اكرمهم ذي شان قد ذكروا
عاشق بلافرقهء في حياتهم
واجتمعوا في الممات اذا قبروا
رسول رب العالمين وصاحبيه
صديقه ثم بعده عمر وصلي الله
علي خير خلقه محمد وآله واجمعين.

[اهي هڪ ٻئي کان وڌيڪ عزت وارا آهن. بيشڪ اهي رسول الله ﷺ جن جا سچا عاشق آهن. زندگيءَ ۾ به ساڻن گڏ هئا ته مرڻ کان پوءِ به هڪ هنڌ قبر ۾ دفن آهن، يعني الله رب العالمين جو رسول ﷺ ۽ سندن به ساٿي حضرت ابوبڪر صديق ۽ عمر، رضي الله عنهما۔ الله رحمت ڪري مخلوق ۾ سپ کان افضل حضرت محمد ﷺ تي ۽ سندن آل ۽ اولاد سيني تي.]

"روضة الاحباب" ۾ آهي ته هڪ پيري رسول الله ﷺ جن حضرت حسان بن ثابت رضي الله عنه کي روضه مبارڪ مان آواز ڏئي پڇيو ته چا ابوبڪر جي شان ۾ شعر چيا اٿئي؟ چيائين ته هائو. پوءِ هي بيت پڙهيائين.

www.maktabah.org

شعر

اذا تذكرت شجواً من اخي ثقة
فاذكر اخاك ابابكر بما فعلا
خير البرية اتقاها واعدلها
بعد النبي واوفاها بما حملا
الثاني التالي المحمود مشهده
او الناس منهم صدق الرسلا
وثاني اثنين في الغار المنيف
وقد طاف العدو به اذ صعدوا الجبلا
وكان حب رسول الله قد علموا
خير البرية اذ لا يعدلون به رجلا [1]

[جڏهن توکي کنهن ويجهي ياءُ جو غم ياد اچي تہ پنهنجي ياءُ ابوبکر رضي الله عنه جي کارگذارين جو ذکر ضرور کجانءِ. پاڻ نبي کريم ﷺ جن کان پوءِ مخلوق ۾ سڀ کان پلارو سڀ کان وڌيڪ پرهيزگار، پنهنجي ذميوارين کي سڀ کان وڌيڪ پورو کندڙ ۽ نيائيندڙ غار حرا ۾ ساڻن گڏ ٻيو آهي، هر ميدان ۾ رسول الله ﷺ جن سان گڏ رهندڙ ماڻهن ۾ سڀ کان اڳ سندن تصديق کندڙ مٽانهين غار ۾ ٻيو آهي. بيشڪ جڏهن دشمن جبل تي چڙهيا تہ اهي سندن چوڌاري چکر هڻي واپس هليا ويا، سيني کي خبر آهي تہ ابوبکر صديق، الله جي پيغمبر پاڪ جو وڌيڪ پيارو آهي، مخلوق ۾ سڀ کان پلارو ۽ افضل آهي، جنهن کان وڌيڪ کو ٻيو نہ آهي.]

رسول الله ﷺ جن سندس شعر ٻڌي فرمايو تہ:

---

(1) تفسير قرطبي ص ٢٣٦ ج ٨- المستدرک في الصحيحين ص ٦٧ ج ٢- مجمع الزوائد ص ٤٣ ج ٩- مصنف ابن ابي شيبه ص ١٤ ج ٧- ايضاً ٣٣٦- المعجم الکبير ص ٨٩ ج ١٢- کتاب الزهد لابن ابي عاصم ص ١١٢ ج ١- تاريخ بغداد ص ٥١ ج ١٤ صفوة الصفوة ص ٢٤١ج ١- الاستيعاب ص ٩٦٤ ج ٣ وغيرها.

www.maktabah.org

أَحْسَنْتَ يَا حَسَّانُ

[اي حسان! ڏاڍا سٺا شعر چيا اٿئي.]

اصحابن ۾ سڀ کان اڳ ايمان آڻيندڙ ۽ رسول الله جي سڀ کان اڳ تصديق ڪندڙ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه آهي. اها روايت عمر، عباس، ابو سعيد خدري ۽ حسان بن ثابت -رضي الله عنهم- جي آهي. عمرو بن عبسه رضي الله عنه کان روايت آهي ته جڏهن آءٌ اسلام جي دولت کان مشرف ٿيم ته مون رسول الله ﷺ جن کان پڇيو ته توهان سان گڏ انهيءَ دين تي ٻيو ڪير آهي؟ ارشاد فرمايائون ته آزاد ۽ غلام[1] آزاد ماڻهن مان صديق اڪبر ۽ غلامن مان مراد بلال رضي الله عنه آهي. عبدالله بن مسعود رضي الله عنه جي روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو:

لَوْ كُنْتُ مُتَّخِذًا خَلِيْلًا غَيْرَ رَبِّيْ لَاتَّخَذْتُ اَبَا بَكْرٍ خَلِيْلًا[2]

[جيڪڏهن پنهنجي رب کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي دوست ٻڌايان ها ته ابوبڪر صديق کي دوست ٻڌايان ها.]

وَقَالَ النَّبِيُّ ﷺ فِيْ حَقِّ صِدِّيْقٍ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ مَا صَبَّ اللهُ فِيْ صَدْرِيْ شَيْئًا اِلَّا وَقَدْ صَبَّ فِيْ صَدْرِ ابْنِ اَبِيْ قَحَافَةَ[3]

[الله تعالي منهنجي دل ۾ جيڪا به ٻلائي وڌي، سا ابوبڪر صديق جي دل ۾ وڌائين.]

---

(1) مسلم حديث: ٨٣٢ج ١- مستدرک حاڪم ص ٦٩ ج ٣- مسند ابي عوانه (الاول) ص ١٨ ج ١- مجمع الزوائد ص ٥٤ ج ١- سنن بيهقي ص ٤٥٤ ج ٢- احمد ١١٣ج ٤- شعب الايمان ص التمهيد لابن عبدالبر ص ٢٤ ج ٤.

(2) قرطبي ص ٤٠٠ ج ٥- بخاري ص ١٧٨ ج ١- حديث: ٤٥٥- مسلم ص ٣٧٧ج ١ حديث: ٥٣٢- ترمذي ص ٦٠٩ ج ٥- ابن حبان ص ٤٣٤ ج ١٤- مجمع الزوائد ص ٤٤ ج ٩- احمد ص ٢٧٠ ج ١- سير نبلاء الاعلام ١٤٢٢ ج ٢- حلية الاولياء ص ١٣ ج ٣.

(3) حديث موضوع آهي ڏسو هيٺيان ڪتاب: نقد المنقول ص ١٠٤ ج ١- ڪشف الخفاء ص ٥٦٥ ج ٢- المنار المنيف ١١٥ ج ١.

www.maktabah.org

وَقَالَ عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ: اَوَّلُ مَنْ اٰمَنَ بِيْ اَبُوْبَكْرٍ (4)

[پاڻ سڳورن فرمايو تہ مون تي سڀ کان اڳ ابوبکر ايمان آندو.]

رسول الله ﷺ جن جي نبوت ۽ رسالت کان پهريائين ابوبکر صديق رضي الله عنه نيڪيءَ ۽ پلائيءَ جا ڪم ڪندو رهندو هو ۽ قوم جو سردار هجڻ جي باوجود گوشه نشينيءَ کي پسند ڪندو هو. تنهن ڪري دور جاهليت جا سردار مٿس اعتراض ڪندا هئا تہ اسان جو رهبر ۽ اڳواڻ هڻڻ جي باوجود، تون گوشه نشينيءَ واري زندگي گذارين ٿو ۽ اسان کي ماڻهن جي سامهون شرمندو ڪرين ٿو. ان کان سواءِ حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه جا جيڪي بہ ساٿي آهن، اهي بہ صف اول جا اصحابي ۽ مهاجرين اولين مان آهن.

ثَانِيَ اثْنَيْنِ اِذْهُمَا فِي الْغَارِ (1)

[جڏهن اهي ٻئي جڻا غار ۾ هئا.]

يعني رسول الله ﷺ جن ۽ ابوبکر صديق رضي الله عنه. جيڪي سچائيءَ ۽ عزت جا سرچشما آهن، جيئن قرآن مجيد مان اها حقيقت ثابت آهي تہ حضرت ابوبکر صديق، حضرت رسول الله ﷺ جن جو غار جو رفيق ۽ سندن ساٿي آهي. سندن ٻيا لقب هي آهن: شيخ، عتيق، متجوع، رحيق، غريق، بحر التحقيق، التصديق والتوفيق، صديق، خليفه رسول الله ﷺ، نبين کان بعد سيني کان افضل، امير المؤمنين، امام المتقين ابوبکر رضي الله عنه.

سندن صفتن مان هي بہ آهي تہ پاڻ عالم لاهوت جي معارف کان واقف آهن، جيئن پاڻ فرمائي ٿو:

مَا رَاَيْتُ شَيْئًا اِلَّا وَرَاَيْتُ اللّٰهَ قَبْلَهٗ

[مون جيڪا بہ شيءِ ڏٺي، ان کان اڳ الله تعالي کي ڏٺو.]

جڏهن رسول الله ﷺ جن مرض الموت ۾ هئا تہ اصحابن پڇيو

---

(4) حديث ثابت نہ آهي.

(1) سوره التوبه آيت: ۴۰ پ ۱۰

www.maktabah.org

تہ نماز ڪنهن جي امامت ۾ پڙهون؟

فَقَالَ النَّبِيُّ ﷺ مُرُوْا اَبَا بَكْرٍ فَلْيُصَلِّ بِالنَّاسِ[2]

[ابوبڪر کي منهنجي طرفان حڪم ڪريو تہ ماڻهن کي نماز پڙهائي.]

نبي سائين ﷺ جن جي وصال واري بيماريءَ دوران هڪ ڏينهن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه امامت ڪرائي رهيو هو تہ پاڻ سڳورا ﷺ جن هڪ هٿ حضرت علي رضي الله عنه ۽ ٻيو هٿ فضل بن عباس رضي الله عنهما جي ڪلهن تي رکي مسجد نبويءَ ۾ آيا.[1]

جڏهن حضرت ابوبڪر رضي الله عنه کي معلوم ٿيو تہ پيغمبر پاڪ اچي ويو آهي تہ پوئتي هٽڻ گهريائين. پاڻ سڳورن اشاري سان حڪم فرمايو تہ پنهنجي جاءِ تي رهہ يعني نماز پڙهاءِ. پوءِ پاڻ ابوبڪر صديق جي پاسي ۾ ويهي نماز پڙهڻ لڳا. ابوبڪر ٻيهي نبي سائين ﷺ جن جي امامت ۾ نماز پڙهڻ لڳو ۽ ماڻهو ابوبڪر صديق جي امامت ۾ نماز پڙهڻ لڳا.

سندس شان ۾ الله تعالي فرمائي ٿو تہ: ثَانِيَ اثْنَيْنِ اِذْ هُمَا فِي الْغَارِ [ٻن مان هڪ جڏهن اهي ٻئي ڄڻا يعني حضرت محمد مصطفيٰ ۽ ابوبڪر صديق غار ۾ هئا.]

سيني علم وارن جو اتفاق آهي تہ آيت سڳوريءَ ۾ "ثاني اثنين" مان مراد حضرت صديق اڪبر آهي. وڌيڪ ارشاد فرمائي ٿو تہ:

اِذْ يَقُوْلُ لِصَاحِبِهٖ لَا تَحْزَنْ اِنَّ اللّٰهَ مَعَنَا[2]

يعني حضرت صديق اڪبر تلاش ڪندڙ ڪافر دشمن کي

---

(2) (بخاري ص۲۴۰- ۲۵۱- ۲۵۲ ج ۱، ۱۲۳۸ج۳،۲۶۶۳ حديث: ۶۸۷۳- مسلم ص ۳۱۳- ۳۱۶ ج ۱، حديث ۴۲- قرطبي ص ۲۴۱ ج ۱۷- ترمذي ص ۶ ج ۵ - دارمي ص ۵۲ ج۱- احمد ص ۲۰۹ ج ۱- احمد ص ۲۰۹ ج ۱- فتح الباري ص ۲۰۵ ج ۲- ابن حبان ص ۲۹۲- ۲۹۳- ۲۹۴ ج ۱۵- ابن ماجه ص ۳۸۹- ۳۹۱ ج ۱)

(1) صحيح هي آهي تہ حضرت علي رضي الله عنه سان گڏ ٻيو خود حضرت عباس، يعني نبي سائين جن جو چاچو هو نڪي سندس پٽ فضل- رضي الله عنهم- جيئن حضرت ابن عباس جي حديث بخاريءَ ۾ موجود آهي ڏسو بخاري حديث: ۶۳۴

(2) سوره توبه آيت : ۴۰ پ ۱۰

www.maktabah.org

پنهنجي طرف ايندي ڏنو تہ غمگين ٿيو. تڏهن نبي سائين پنهنجي ساڻي ابوبڪر کي فرمايو تہ غم نہ ڪر الله اسان سان گڏ آهي.] اهڙيءَ طرح هيٺيون آيتون بہ سندس شان ۾ لٿيون:

فَأَمَّا مَنْ أَعْطَىٰ وَاتَّقَىٰ ۝٥ وَصَدَّقَ بِالْحُسْنَىٰ ۝٦ (3)

[پوءِ جنهن مال ڏنو ۽ پرهيزگاري ڪيائين ۽ سچائيءَ جي تصديق ڪيائين.]

هن آيت ۾ سندس ٽي صفتون بيان ٿيون آهن: ١- الله جي رضامنديءَ لاءِ مال خرچ ڪرڻ، ٢- پرهيزگاري ۽ تقوي اختيار ڪرڻ ٣- ۽ رسول الله ﷺ جن جي رسالت، نبوت يا سفر معراج جي تصديق ڪرڻ. ڇاڪاڻ تہ ان سلسلي ۾ ٻئي هنڌ آهي تہ:

وَالَّذِي جَاءَ بِالصِّدْقِ (1)

[۽ جنهن سچ آندو]

هتي "سچ آڻيندڙ" مان مراد نبي سائين ﷺ جن آهن ۽ مٿي آيت ۾ "وصدق" مان مراد ابوبڪر صديق آهي. يعني ان صديق، انهيءَ صادق مصدوق نبي ڪريم ﷺ جن جي آندل سچي دعوت جي تصديق ڪئي. ٻيون آيتون بہ سندس شان ۾ آهن جيئن:

وَلِمَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهِ جَنَّتَانِ (2)

يعني جيڪو پنهنجي رب جي سامهون بيهڻ کان ڈنو ان لاءِ بہ جنتون آهن. پڻ ارشاد آهي تہ:

إِنَّ أَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللَّهِ أَتْقَاكُمْ (3)

[بيشڪ الله وٽ توهان مان سڀ کان وڌيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو توهان مان سڀ کان پرهيزگار آهي.]

---

(3) سورة اليل آيت: ٥-٦ پ٣٠

(1) سورة الزمر آيت: ٣٣

(2) سوره رحمن آيت: ٤٦ پ ٢٧

(3) سورة الحجرات آيت: ١٣ پ ٢٦

www.maktabah.org

ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا عَبْدًا مَّمْلُوْكًا لَّا يَقْدِرُ عَلٰى شَيْءٍ وَّمَنْ رَّزَقْنٰهُ مِنَّا رِزْقًا حَسَنًا فَهُوَ يُنْفِقُ مِنْهُ سِرًّا وَّجَهْرًا هَلْ يَسْتَوٗنَ(4)

[الله هڪ ٻانهي جو مثال بيان ڪري ٿو جيڪو ڪنهن شيءِ جو مالڪ نه آهي ۽ (ان جي ٻيٽ ۾) ٻيو شخص آهي، جنهن کي اسان پنهنجي طرفان سهڻو رزق ڏنو پوءِ اهو ان مان ڳجهه ۽ ظاهر ۾ خرچ ڪري ٿو ڇا ٻئي برابر ٿي سگهن ٿا؟]

هن آيت ۾ آخري شخص جيڪو رات ۽ ڏينهن ڳجهو ۽ ظاهر الله جي واٽ ۾ مال خرچ ڪري ٿو انهيءَ مان مراد حضرت ابوبڪر صديق آهي. رسول الله ﷺ جن ابوبڪر صديق کي فرمايو ته اي ابوبڪر! آگاه ٿيءُ ته تنهنجي موت جي وقت ملڪ الموت اِها آيت پڙهندو. ابوبڪر صديق اڪبر رضہ جي فضيلت ۾ مشهور عارف بالله شيخ عطار فرمائي ٿو:

مثنوي

خواجهء اول که اول يار اوست
ثاني اثنين اذ هما في الغار اوست
صدر دين، صديق اکبر قطب حق
در همه چيز از همه برده سبق
هر چه حق از بارگاه کبريا
ريخت در صدر شريف مصطفيٰ
آن همه در سينه صديق ريخت
لاجرم تا بود ازو تحقيق ريخت
چون دو عالم را بيکدم در کشيد
لب به بست از سنگ و خوش دم در کشيد
سر فرو بردي همه شب تا بروز
نيم شب هوئي بر آورده به سوز
هوئي او تا چين برفتي مشک بار

(4) سوره النحل آيت ۷۵ ۾ آهي:

www.maktabah.org

مشک کردي خون آهوتي تتار
زين سبب گفت آفتاب شرع و دين
علم بايد جست از اينجا تا به چين
سنگ از آن بودي بحکمت درد هانش
تا به سنگ و هنگ "هو" گويد زبانش
ني که سنگش بر زبان بگرفت راه
تا نه گويد هيچ نام جُز اله
سنگ بايد تا پديد آيد وقار
مردم بي سنگ که آيد بکار
چون عمر موئي بر صدر او
چون تو کردي ثاني اثنين قبول
ثاني اثنين او بود بعد از رسول.

[سپ کان وڌيڪ افضل ابوبکر رضي الله عنه آهي، جيڪو نبي سائين ﷺ جن جو اولين ساٿي آهي. "ثاني اثنين" سندس ئي لقب آهي جڏهن اهي ٻئي غار ۾ هئا. دين جو ٿنڀ صديق اڪبر آهي، جيڪو حق جو تارو آهي. سيني ٻلاين ۾ سپ کان اڳي گوءِ ڪٽي ويو. حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي سيني مبارڪ ۾ حق تعالي جي طرفان جيڪو به حق ءِ سچ آيو ان جي پالوٽ پاڻ سڳورن صديق اڪبر جي سيني ۾ ڪئي. بيشڪ سچائي جي اها پالوٽ اتان ئي ٿي. جڏهن ٻنهي جهانن جي باري ۾ سوچ ويچار ڪيائين ته منهن ۾ پٿر وجهي چپ بند ڪري ڇڏيائين ۽ ديرتائين خاموش رهيو. صبح تائين ساري رات خاموش رهيو. اڌ رات جو درد وچان سندس دانهن نڪري وئي. اهڙي دانهن جنهن جي خوشبو ملڪ چين تائين پکڙجي وئي. اهڙي خوشبوءِ جنهن تاتاري هرڻ جي رت کي به مشڪ سان واسي ڇڏيو. انهيءَ سبب جي ڪري حضور عليه الصلوة والسلام جن کين دين ۽ علم جو سج فرمايو آهي ته علم جي تلاش چين تائين ڪريو. دانائيءَ جي ڪري منهن مان حڪمت جا موتي نڪرن ٿا. پوءِ جڏهن به زبان مان گفتا ڪيندو آهي ته دانائي ۽ عقلمندي کان سواءِ نه ڳالهائيندو آهي. جنهن کي زبان تي قدرت هوندي، اهو "الله" کان سواءِ ٻيو ڪو لفظ نه ڳالهائيندو

www.maktabah.org

آهي. زبان تي ضابطو رکڻ گهرجي تان تہ ان مان وقار ۽ عزت ظاهر ٿئي. جنهن شخص کي زبان تي کنٽرول نہ آهي، اهو کنهن کم جو نہ آهي. جڏهن عمر رضي الله عنه صديق اکبر جي سيني تي وار ڏٺو تہ سندس قدر ۽ عزت جي کڻي چوڻ لڳو تہ ڪاش اهو وار منهنجي سيني تي هجي ها! جڏهن تون قبول کرين ٿو تہ صديق اکبر نبي سائين ﷺ جن جي غار جو ساٿي آهي تہ پوءِ پڪ ڄاڻ تہ رسول الله ﷺ کان بعد ان جو ٻيو نمبر آهي.]

رسول الله ﷺ جن حضرت صديق اکبر رضي الله عنه کي فرمايو تہ جنت عدن ۾ مون تنهنجي لاءِ ستارن کان بہ وڌيڪ محل ڏٺا. جيڪي هيرن جواهرن سان جڙيل هئا. هر محل ستن آسمانن ۽ زمينن جي برابر آهي. جبرئيل امين مون کي اهي سڀ محل ڏيکاريا ۽ چيائين تہ هي محل ابوبکر صديق جا، هي محل عمر فاروق جا، هي محل عثمان غني جا ۽ هي محل علي مرتضيٰ جا آهن. رضي الله عنهم پر ابوبکر رضہ جي محل کان عظيم ۽ بلندتر محل کنهن جا بہ نہ آهن.

سيرت ۽ تاريخ جي ڪتابن ۾ آهي تہ ابوبکر صديق اصحاب الفيل [هاٿين جي لشکر جي تباهيءَ] واري واقعي کان ٻہ چار مهينا بعد ۾ پيدا ٿيو. سندن عمر مبارڪ تقريباً ٦٣ سال هئي، چنچر رات يا جمعي رات ڏينهن ٢٢ تاريخ جمادي الآخر ١٣ھ ۾ وفات ڪيائين. ۽ اصحابن سڳورن جي اتفاق سان خلافت امير المؤمنين،امام المتقين عمر فاروق رضي الله تعالي عنه ڏانهن منتقل ڪيائين. ڪيس حقوق الله ۽ حقوق العباد جي تاڪيد ڪيائين ۽ ان ڏس ۾ ڪيس وصيت ڪيائين جنهن جا آخري الفاظ هي آهن تہ: "جيڪڏهن منهنجي وصيت جي پابندي ڪندين تہ موت وقت ڪا شيءِ توکي موت کان وڌيڪ پياري نہ هوندي ۽ جيڪڏهن منهنجي وصيت کي ضايع ڪندين تہ موت وقت، توکي ان کان وڌيڪ ڪا اٹوندڙ شيءِ نہ لپندي."

حضرت عمر فاورق رضي الله عنه جون فضيلتون

حضرت ابوبکر رضي الله عنه جو جانشين عدل ۽ انصاف جو ٿيون عظيم انسان امير المؤمنين امام المتورعين عمر فاروق رضي الله عنه

www.maktabah.org

جڏهن خلافت جي منصب تي ويٺو تہ سڀ کان پهريائين خلافت اسلاميه کي زور وڌرايائين. سندس زماني ۾ عرب ۽ عجم جا گهڻا علائقا اسلام ۾ آيا. اوپر ۾ جيحون، ڏکڻ ۾ سد سڪندري، يعني موجوده روسي علائقن تائين ۽ اولهہ ۾ مصر ۽ اسڪندريه تائين اسلام جو جهنڊو ڦڙڪڻ لڳو. ڏکڻ ۾ سلطنت روم جا گهڻا علائقا فتح ٿيا ۽ هند ۽ سنڌ جي سرحد تائين اسلام جي عزت ۽ شوڪت ۽ دٻدٻو قائم ٿيو. حضرت امير المؤمنين عمر فاروق رضي الله عنه جو عدل انصاف اڄ ڏينهن تائين مشهور آهي جيئن شاعر چوي ٿو:

بيت

داد ملت ودين را بعدل معموري شطشط

[ملت ۽ دين کي عدل ۽ انصاف سان کچاکچ ڀري ڇڏيائين.]

سندس قائم ڪيل عدل انصاف جو نظام تاڪ منجهند واري سج کان وڌيڪ روشن آهي. انهيءَ عدل انصاف جي تقاضا جي ڪري امير المؤمنين عمر فاروق رضي الله عنه پنهنجي پٽ (ابو شحام) تي اسلامي شريعت نافذ ڪندي ڪيس ڦٽڪن جي سزا ڏني، جنهن جي سَٽَ سهي نہ سگهيو ۽ مري ويو (جيئن تاريخ جي ڪتابن ۾ اهو واقعو مذڪور آهي.) سندس انصاف پروريءَ جي سلسلي ۾ مشهور آهي تہ هڪ رات پاڻ بيت المال جو ڏيئو ٻاري مسلمانن جا ڪم اڪلائي رهيو هو. هڪ شخص گهران آيو ۽ حضرت عمر رضہ سان ڳالهائڻ شروع ڪيائين. حڪم فرمايائون تہ: هن ڏيئي کي وسائي ڇڏيو. جڏهن واسطيدار شخص هليو ويو تہ پوءِ ڏيئو ٻارڻ جو حڪم ڏنائون. ماٺهن پڇيو تہ اي امير المؤمنين! ڪهڙو سبب آهي جو توهان انهيءَ شخص جي موجودگيءَ ۾ ڏيئو وسائي پوءِ ساڻس گفتگو ڪئي؟ فرمايائون تہ ڏيئي تي سيني مسلمانن جو حق آهي ۽ مون کي اها ڳالهہ پسند نہ آئي تہ اسين ذاتي قسم جون ڳالهيون ڪرڻ وقت، بہ مسلمانن جي بيت المال جون شيون استعمال ڪريون.

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي فضيلتن جو جيترو حق

www.maktabah.org

آهي. تن جو بيان ڪرڻ هن فقير لاءِ مشڪل آهي. تبرڪ طور ڪجھ واقعا لکجن ٿا. عموماً سڪل مانيءَ تي گذارو ڪندو هو. ڪڏهن منو ءِ سٽيو ڪاڏو نہ ڪاڏائين ءِ نہ ٽڏو پاڻي پيتائين. انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ مون حضرت عمر رضي الله عنه جي لباس ۾ چار سو چتيون لڳل ڏٺيون. روايت آهي تہ هڪ پيري اصحابن جي دعوت تي ويو. انهن ٽڏو ءِ منو پاڻي پيش ڪيو. جڏهن چکي ڏٺائين تہ پاڻي ٽڏو ءِ منو آهي تہ منهن مبارڪ کان پيالو پري ڪيائين. اصحابن چيو تہ سائين! ٽڏو ءِ منو پاڻي نٿا پيئو؟ فرمايائون تہ آءٌ منو ءِ ٽڏو پاڻي ڪيئن ٿو پي سگهان. ڇا منهنجي مملڪت جي سيني ماڻهن کي اها نعمت حاصل آهي؟

"امير المؤمنين" چوڻ جو سبب هي آهي تہ هڪ پيري اصحابن کي فرمايائون تہ توهان صديق اڪبر رضي الله عنه کي رسول الله ﷺ جو خليفو چوندا هئا. مون کي سندس خليفو ءِ جانشين ڇئو. حضرت مغيره بن شعبه رضي الله عنه چيو تہ توهان کي امير المؤمنين چونداسون. ام المؤمنين عائشه صديقه رضي الله عنها جي روايت ۾ آهي تہ: "فاروق" جو لقب کين رسول الله ﷺ جن عطا فرمايو. حضرت علي رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ فاروق جي معنيٰ آهي حق ءِ باطل ۾ فرق ڪندڙ.

قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِنَّ اللّٰهَ تَعَالٰى جَعَلَ الْحَقَّ عَلٰى لِسَانِ عُمَرَ وَ قَلْبِهٖ وَهُوَ الْفَارُوْقُ فَرَّقَ اللّٰهُ بِهٖ بَيْنَ الْحَقِّ وَالْبَاطِلِ[1]

[رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ: الله تعاليٰ حق کي عمر رضي الله عنه جي زبان ءِ قلب تي جاري فرمائي ڇڏيو آهي ءِ ان جي ذريعي، الله حق ءِ باطل جي درميان فرق ڪيو آهي.]

---

(1) الطبقات الكبري ص٢٧٠ ج٣- تهذيب الاسماء ص٣٢٥ج٢- ميزان الاعتدال ص٣٣٩ج١- صحيح ابن حبان حديث: ٦٨٨٩،٦٨٩٥- مستدرك حاكم حديث: ٤٥٠١- موارد الضمآن حديث: ٢١٨٤ – ترمذي حديث: ٣٦٨٢- مجمع الزوائد ص ٦٦، ٦٧ ج٩- بيهقي حديث: ١٢٥٠٣- ابوداؤد حديث: ٢٩٦١، ٢٩٦٢- ابن ماجه حديث: ١٠٨- مصنف ابن ابي شيبه حديث: ٣١٩٨٦-مسند احمد حديث: ٥١٤٥-مسند عبد بن حميد حديث : ٧٥٨- المعجم الكبير حديث :١٠٧٧- فتح الباري ص٥٠ ج٧،٤٨١ ج٩، ١٤٨ج١٢. واضح هجي تہ روايتن ۾ الفاظ گهٽ وڌ آهن.

www.maktabah.org

سندس شان ۾ الله تعالي ارشاد فرمائي ٿو:

أَوَمَنْ كَانَ مَيْتًا فَأَحْيَيْنَاهُ وَجَعَلْنَا لَهُ نُورًا يَمْشِي بِهِ فِي النَّاسِ[2]

[يا جيڪو شخص ويران (يعني بغير هدايت جي) هو پوءِ اسان ان کي جياريو ۽ ان کي نور عطا ڪيو جنهن جي ذريعي ماڻهن ۾ هلي چلي ٿو.]

نقل آهي ته "بشر" نالي هڪ منافق جو ڪنهن يهوديءَ سان تڪرار ٿي پيو. يهوديءَ چيو ته هن معاملي جو نبيرو محمد رسول الله ﷺ کان ڪرايون ٿا. منافقن، جن جي هڪ صفت الله تعالي قرآن مجيد ۾ هيءَ بيان فرمائي آهي ته:

قَدْ بَدَتِ الْبَغْضَاءُ مِنْ أَفْوَاهِهِمْ وَمَا تُخْفِي صُدُورُهُمْ أَكْبَرُ[1]

[سندن اسلام دشمني سندن واتن مان ظاهر ٿي چڪي آهي ۽ سندن سينا جيڪي ڪجهه لڪائين ٿا، سو ان کان گهڻو وڌو آهي.]

منافق، يهوديءَ کي چيو ته معاملو يهودين جي سردار ڪعب بن اشرف وٽ کڻي هلون ٿا. يهوديءَ چيو ته نا! تون مسلمانيءَ جي دعوي ڪرين ٿو سو حضرت محمد ﷺ جن وٽ نبيري لاءِ هلون ٿا. جڏهن معاملو پاڻ ڪريمن وٽ آندائون ته نبي سائين جن، يهوديءَ جي حق ۾ فيصلو ڏنو. منافق جڏهن ٻاهر آيو ته سوچڻ لڳو ته حضرت عمر رضه يهودين جو سخت دشمن آهي، چو نه فيصلو ان وٽ کڻي هلون.[2]

اهو سوچي يهوديءَ کي چيائين ته چڱو! فيصلو حضرت عمر رضي الله عنه وٽ کڻي هلون ٿا، جيڪو حڪم اهو ڪندو ان کي مجيندا سون. جڏهن ٻئي حضرت عمر رضي الله عنه وٽ آيا ته يهوديءَ کيس ٻڌايو ته اڳ ۾ نبي ڪريم ﷺ جن منهنجي حق ۾ فيصلو ڏئي چڪا آهن، پر هي شخص نٿو مڃي. حضرت عمر رضي الله عنه منافق کان پڇيو ته: ڇا واقعي اها ئي ڳالهه آهي؟ چيائين ته هائو بلڪل! فرمايائين ته

---

(2) سورة الانعام آيت: ۱۲۲

(1) سوره آل عمران آيت: ۸۸

(2) هڪ ٻي روايت ۾ مطابق حضرت عمر فاروق رضه وٽ وڃڻ کان اڳ حضرت ابوبڪر صديق رضه وٽ ويا هئا. حضرت ابوبڪر صديق رضه به يهوديءَ جي حق ۾ فيصلو ڏنو هو

www.maktabah.org

اجهو ٿو توهان جي وچ ۾ فيصلو ڪريان. اهو چئي گهر ويو ۽ تلوار آڻي انهيءَ منافق جي سسي لاهي فرمايائين ته جيڪو شخص محمد رسول الله ﷺ جو فيصلو نٿو مڃي، مون وٽ ان جي باري ۾ حڪم اهو ئي آهي. جنهن تي جبرئيل عليه السلام هيءَ وحي آندي، الله تعالي فرمائي ٿو ته:

اَلَمْ تَرَ اِلَى الَّذِيْنَ يَزْعُمُوْنَ اَنَّهُمْ اٰمَنُوْا بِمَآ اُنْزِلَ اِلَيْكَ وَمَآ اُنْزِلَ مِنْ قَبْلِكَ يُرِيْدُوْنَ اَنْ يَّتَحَاكَمُوْٓا اِلَى الطَّاغُوْتِ وَقَدْ اُمِرُوْٓا اَنْ يَّكْفُرُوْا بِهٖ وَيُرِيْدُ الشَّيْطٰنُ اَنْ يُّضِلَّهُمْ ضَلٰلًا بَعِيْدًا ﴿٦٠﴾[3]

[چا تو انهن ماڻهن کي نه ڏٺو جيڪي پائين ٿا ته انهن ايمان آندو انهيءَ ڪتاب تي، جيڪو توهان تي نازل ڪيو ويو ۽ جيڪو توهان کان اڳ لاٿو ويو، چاهين ٿا ته طاغوت جي مطابق فيصلو ڪن، حالانڪ کين حڪم ڏنو ويو آهي ته ان (طاغوت) جو ڪفر ڪن ۽ شيطان چاهي ٿو ته انهن کي ڏورانهين گمراهيءَ ۾ اڇلائي ڇڏي.]

انهيءَ وقت جبريل عليه السلام اچي فرمايو ته:

اِنَّ عُمَرَ فَرَّقَ بَيْنَ الْحَقِّ وَالْبَاطِلِ[1]

[بيشڪ عمر حق ۽ باطل جي درميان فيصلو ڪري ڇڏيو.]

هي حديث مطابق هڪ پيري رسول الله ﷺ جن فرمايو ته:

يَا عُمَرُ اَنْتَ فَارُوْقٌ

[اي عمر! تون حق ۽ باطل ۾ فرق ڪندڙ آهين.]

حضرت انس رضي الله عنه جي روايت ۾ آهي ته رسول الله ﷺ جن ابوبڪر ۽ عمر رضي الله عنهما جي حق ۾ ارشاد فرمايو ته:

هٰذَانِ سَيِّدَا كُهُوْلِ اَهْلِ الْجَنَّةِ مِنَ الْاَوَّلِيْنَ وَالْاٰخِرِيْنَ اِلَّا النَّبِيِّيْنَ وَالْمُرْسَلِيْنَ[2]

---

(3) سورة النساء آيت: ٦٠

(1) تفسير قرطبي ص ٢٦٤ج٥ آيت: الم تر الي الذين يزعمون (النساء:٦٠- جلالين، طبري، ابن كثير ساڳي آيت، فتح الباري ص٣٨،٣٧ج٥)

(2) ابن حبان ص ٣٣٠ج ١٥- ترمذي ص ٦١٠ج ٥- مجمع الزوائد ص ٥٣ ج ٩- ابن ماجه ص ٣٦ ج ١- مسند احمد ص ٨٠ ج ١- المعجم الكبير ص ١٠٤ ج ٢٢- فيض القدير ص ٨٩ ج ١- تهذيب التهذيب ص ٣٠٧ ج ٩- تاريخ بغداد ص ١٥ ج ٥- الاحاديث

www.maktabah.org

[اهي ٻئي ڇٽا اڳين ۽ پوين بزرگ جنتين جا سردار آهن. سواءِ نبين ۽ رسولن سڳورن جي.]

ڪن روايتن ۾ آهي تہ نبي سائين ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ:

اِقْتَدُوْا بِالَّذَيْنَ مِنْ بَعْدِیْ اَبِیْ بَكْرٍ وَعُمَرَ[3]

[مون کان پوءِ ابوبکر ۽ عمر جي پيروي ڪجو.]

هڪ بي حديث ۾ آهي تہ:

اِنِّیْ لَا اَدْرِیْ مَا بَقَائِیْ فِیْكُمْ فَاقْتَدُوْا بِالَّذَیْنِ مِنْ بَعْدِیْ اَبِیْ بَكْرٍ وَعُمَرَ[1]

[مون کي معلوم نہ آهي تہ توهان ۾ ڪيترو عرصو باقي رهندس، پوءِ مون کان بعد ابوبکر ۽ عمر جي پيروي ڪجو.]

پڻ پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو تہ جيڪڏهن مون کان پوءِ نبوت جو سلسلو قائم هجي ها تہ جيڪر عمر نبي ٿئي ها (پر جيئن تہ پاڻ خاتم النبين آهن تنهن ڪري ڪائنڪ پوءِ کو نئون نبي قيامت تائين نہ ايندو).[2]

غرض تہ حضرت عمر فاروق رضي عنه جون فضيلتون، بيان ۽ لکت کان ٻاهر آهن. شيخ فريد الدين عطار فرمائي ٿو:

المختارة:٢٥١٠،٢٢٦٠،٥٤٦،٥٤٥- موارد الظمان حديث : ٢١٩٢- مسند بزار :٤٩٠- مسند ابي يعلي حديث :٥٣٣- فضائل الصحابة لابن حنبل ص١٢٣،١٤٨،١٥٨،٧٧١،١٨٥

(3) مجمع الزوائد ص ٥٣ج٩، ٥٣ج٩، سنن البيهقي الكبري ص١٥٣ج٨، حديث : ١٦٣٦- المعجم الاوسط ص١٤٠ج٤، حديث :٣٨١٦- مسند حميدي حديث :٣٣٩- مسند الشامين حديث : ٩١٣- السنة لعبد الله بن احمد ص٥٧٩ج٢- تحفة الاحوذي ص١٠٢ج١٠،٢٠٩ج١٠- شرح ابن ماجه ص٥ج١- الثقات ص٥٧٣ج٧- لسان الميزان ص٢٧٥ج١- الطبقات الكبري ص٣٣٤ج٢- معرفة علوم الحديث ص٢٥٢ج١

(1) مصنف ابن ابي شيبه حديث :٣٧٠٤٩- صحيح ابن حبان حديث : ٦٩٠٢-جامع العلوم والحكم ص٢٦٤ج١- تحفة الاحوذي ص٢٦٤ ج١٠- الكني للبخاري ص٥٠ج١- الطبقات الكبري ص٣٣٤ج٢- فضائل الصحابة لابن حنبل ص١٨٦ج١

(2) مستدرک حاڪم حديث : ٩٢ج٣- ترمذي حديث :٣٦٨٦- مجمع الزوائد ص٦٨ج٩- مسند احمد حديث :١٧٤٤١- مسند الروياني حديث :٢١٢،٢٢٣- المعجم الكبير حديث :٨٢٢- فتح الباري ص ٥١ ج٧- فيض القدير ص٣٢٥ج٥- تهذيب التهذيب ص٣٨٦ج٧- تهذيب الكمال ص٣٢٤ ج٢١- تهذيب الاسماء ص٣٢٩ج٢

www.maktabah.org

مثنوي

خواجهء شرع آفتاب جمع و دين
ظل حق فاروق اعظم شمع دين
ختم كرده عدل و انصاف او ز حق
در فراست بود بر وحيَش سبق
آنكه حق طاها برو خواند از نخست
تا مطهر شد طاها و درست
هاي طاها در دل او هاي وهوست
فرخ آنكه از هاي هو در هاي وهوست
آنكه دارد بر صراط اول گذر
هست او از قول پيغمبر عمر
آنكه اول حلقه دار السلام
او بدست آرد زهي عالي مقام
چون نخستش حق نهد در دست دست
آخرش باخود برد آنجا كه هست
كار دين از عدل او انجام يافت
نيل جنبش زلزله آرام يافت
شمع جنت بود و اندر هيچ جمع
هيچ كس را سايه نبود ايهء شمع
شمع را چون سايه نبود ز نور
چون گريخت از سايه او ديو دور
چون سخن گفتي حقيقت بر زبانش
از راي قلبي خدا گشتي عيانش
گر ز درد عشق جان مي سوختش
گه ز نطق حق زبان وي سوختش
چون نبي ديدش كه او مي سوخت زار
گفت شمع جنت است اين نامدار.[1]

(1) شعرن جي درستي لاءِ ڏسو: منطق الطير ص ٢٧

www.maktabah.org

[اهو شريعت جو امام، ملت ۽ دين جو سج، حق تعاليٰ جو سايو ۽ دين جي شمع آهي. فاروق اعظم. الله تعاليٰ جي طرفان عدل ۽ انصاف کي پنهنجي عروج تي پهچايو. پنهنجي دانائيءَ سبب سندس وحيءَ کان اڳتي وڌي ويو. جڏهن الله تعاليٰ پهريون پيرو نبي کريم ﷺ جن کي "طـه" فرمايو ته انهيءَ طه جو مظهر حضرت عمر فاروق ٿيو. "طـه" جي "ه" جيڪا سندس دل ۾ آهي، سا "هو" مان مراد حق تعاليٰ آ ي. پيغمبر پاڪ جي قول مطابق پل صراط تي سڀ کان پهريائين عمر جو گذر ٿيندو. سڀ کان پهريائين دارالسلام جو حلقو انهيءَ قائم ڪيو. اهو آهي سندس بلند مقام. جڏهن حق تعاليٰ، پهريون پيرو پنهنجو هٿ ان جي هٿ تي رکيو ته آخرڪار پنهنجي رهنمائي ۾ ڪيس انهيءَ عظيم مقام تي پهچايائين. جيڪو ان کي حاصل ٿيو. دين جا ڪم ان جي عدل سان پورا ٿيا. زلزلي سبب ڏاڏندڙ نيل دريا ان جي حڪم سان قرار ورتو. ماٺهن جي ميڙ ۾ جنت جي شمع هو ۽ شمع وانگر سندس پاڇو نه هو. اس ۾ به سندس نور جي ڪري پاڇو نه هو. چاڪاڻ ته ان جو پاڇو ڏسي شيطان به ڀڄندو هو. جڏهن ڳالهائيندو هو ته سندس زبان تي حق جاري ٿيندو هو. الله جا سڀ راز ان جي زباني ظاهر ٿيا. درد عشق جي ڪري سندس جان سڙندي هئي. حق ڳالهائڻ جي ڪري ان جي زبان سڙندي هئي. جڏهن نبيءَ ڏٺو ته (دين ۽ ملت جي درد ۾) سڙي ٿو ته ارشاد فرمايائين ته اهو نيڪنام جنت جي شمع آهي. سندس وفات تي غيب مان ڪنهن هي شعر چيا:

عليک سلام من امير و باركت
يد الله في ذاک الاديم الممزق
قضيت امورا ثم غادرت بعدها
بوائق في اكمامها تفتق
فمن يسع او يركب جناحي نعامة
ليدرک ما قدمت بالامس يسبق
فما كنت اخشي ان تكون وفاته

www.maktabah.org

بكفي سبنتي اخضر العين مطرق
ا بعد قتيل بالمدينة اصبحت له الارض
تهتز العضاه باسوق.[1]

[اي اميرا توتي سلامتي ۾ برڪت هجي. فتني فساد جي هن دنيا تي، تون الله جو هٿ هئين. ڪير آهي، جيڪو اٿ پڪيءَ جي پرن تي اڏري تان تہ گذريل زماني کي لهي يعني توهان جهڙو وري ڪير ٿيندو؟ توهان عظيم الشان ڪارناما سرانجام ڏئي رحلت فرمائي. ان کان بعد فتنن ۾ فسادن منهن ڪڍيو. آءٌ تہ ڏڃندو هيس تہ متان منهنجي وفات جهڪيل سنهري نيرين اکين واري بهادر شخص کان اڳ ۾ ٿئي. ڇا مديني ۾ شهادت جي واقعي کان پوءِ جڏهن تہ زمين ان لاءِ اونداهين ٿي وئي، ان کان پوءِ وٽن ۾ ميوا ۽ گل ڦل لڳندا؟ يعني ڇا اسلام کي وري اهڙي ترقي ۽ رونق حاصل ٿيندي؟.]

سندس پيدائش اصحاب فيل واري واقعي جي تيرهين سال ۾ رحلت چنڊ جي ڏينهن، محرم جي پهرين تاريخ هجرت جي ٽيويهين سال ۾ ٿي. انهيءَ ڏينهن دنيا ۾ سڀ کان بهترين انسان هن فاني دنيا مان دارالبقاءَ ڏانهن لاڏاٿو ڪري ويو. هڪ روايت مطابق اربعا جي ڏينهن ستاويهين ذوالحج، ٽيويهين هجري تي شهادت جو شربت پيتائون. ٻي روايت مطابق ذوالحج جا چار ڏينهن باقي هئا تہ رحلت فرمايائون. ڇيو وڃي ٿو تہ سندس خلافت جي مدت ڏهہ سال آهي. ان کان پوءِ يقين ڄاڻ تہ انهيءَ عزت ۽ احترام جي صاحب جا آخري الفاظ هي هئا تہ: "ڪفي بالله" (الله ڪافي آهي) ان کان بعد خلافت امير المؤمنين، محب الرحمن عثمان بن عفان رضي الله عنه ڏانهن منتقل ٿي. ذو الحج جي مهيني ۾ مسلمانن اتفاق سان ڪيس "امير المؤمنين" مڃيو. سندس فضيلتون ۽ حالتون

---

(1) شعرن جي درستي لاءِ ڏسو: مصنف ابن ابي شيبه ص ۲۵۷ ج ٦- السنته للخلال ص ۲۱٦ ج ۱- الثقات ص ۲۲٦ ج ۲- صفوة الصلوة ص ۲۹۲ ج ۱- هي شعر مختلف ڪتابن ۾ مختلف طريقن سان آيل آهن. تفصيل ۽ تشريح لاءِ ڏسو: الغريب لابن قتيبه ص ۱٦ کان ۲۳.

www.maktabah.org

تفصيلي نہ آهن. مختصر ائين سمجهو تہ پاڻ عدل و انصاف ۽ احسان جو پيڪر هو ۽ شريعت جي هر حڪم تي ثابت قدم رهندي خلافت جو انتظام هلائيندو رهيو.

حضرت عثمان ذوالنورين جون فضيلتون

جڏهن حضرت عمر فاروق رضي الله عنه، دشمن جي حملي ۾ زخمي ٿيو تہ ماڻهن عرض ڪيو تہ وصيت فرمايو. انهيءَ فرمايو تہ: ڇهن ڇڻن هرهڪ عثمان، علي، طلحه، زبير، عبدالرحمن بن عوف، سعد بن ابي وقاص – رضي الله عنهم – مان ڪنهن هڪ کي مشورو ڪري خليفو چونڊيو. انهن ڇهن مقدس هستين جي اتفاق سان امير المؤمنين عثمان ذوالنورين رضي الله عنه کي خليفو چونڊيو ويو. پاڻ انهيءَ وقت اصحابن سڳورن ۾ سڀ کان وڏيڪ بزرگ، سڀ کان وڏيڪ شريف ۽ مڪي جي سردارن مان هو. انتهائي درجي جو زاهد، پرهيزگار، ڪامل صلاحيتن ۽ اهليتن جو صاحب هو. جنهن جي خلافت کي سيني ماڻهن قبول ڪيو. سندس فضيلتن ۾ قرآن مجيد جون آيتون ۽ رسول الله ﷺ جون حديثون ڪافي آهن.

الله تعالي ارشاد فرمائي ٿو:

وَالَّذِيْنَ مَعَهٗۤ اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ رُحَمَآءُ بَيْنَهُمْ تَرٰىهُمْ رُكَّعًا سُجَّدًا يَّبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنَ اللّٰهِ[1]

[محمد رسول الله ﷺ ۽ جيڪي سندن ساٿي آهن، اهي ڪافرن تي سخت ۽ پاڻ ۾ رحمدل آهن. تون کين رڪوع ۽ سجدا ڪندي ڏسندين، الله جو فضل تلاش ڪن ٿا.]

حضرت حسن بصري جي قول مطابق هتي "رحماءُ بينهم" مان مراد حضرت عثمان بن عفان رضي الله عنه آهي. هڪ ٻي آيت ۾ آهي:

الَّذِيْ تَوَلّٰى وَاَعْطٰى قَلِيْلًا وَّاَكْدٰى[2]

---

(1) سوره الفتح آيت: ٢٩

(2) سوره نجم آيت: ٣٤

www.maktabah.org

[جيڪو شخص حڪومت جو انتظام سنياليِ الله جي واتَ ۾ مال ڏي.]

ابن عباس، سدي، ڪلبيِ ۽ مفسرن جي هڪ جماعت کان منقول آهي تہ اها آيت حضرت عثمان جي شان ۾ نازل ٿي. پڙ آيت سڳوري:

أَنَّآءَ ٱلَّيۡلِ سَاجِدًا وَّقَآئِمًا [3]

[جيڪو شخص رات جون گهڙيون سجدو ۽ قيام ڪندي گذاري ٿو.]

اها آيت بہ اميرالمؤمنين عثمان بن عفان رضي الله تعالي عنه جي شان ۾ نازل ٿي. سوره آل عمران جي هيءَ آيت سڳوري بہ سندس باري ۾ آهي:

وَلَقَدۡ عَفَا ٱللَّهُ عَنۡهُمۡ [4]

[بيشڪ الله تعالي انهن کي معاف ڪري چڪو.]

ام المؤمنين عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ هڪ پيري نبي ڪريم ﷺ جن منهنجي گهر وٽا هئا. سندن ستر مبارڪ کليل هئي، انهيءَ وقت ابوبڪر صديق ۽ عمر فاروق رضي الله عنهما اجازت وٺي اندر آيا ۽ پاڻ سڳورن جي ويجهو اچي وٽا. پاڻ ساڳئي حالت ۾ وٽا رهيا، ٿوري دير کان پوءِ عثمان بن عفان رضي الله عنه آيو تہ پنهنجي ستر مبارڪ ڍڪي ورتائون. پوءِ مون عرض ڪيو تہ اي الله جا رسول ﷺ! ابوبڪر ۽ عمر آيو تہ توهان ساڳئي حالت ۾ وٽا رهيا، جنهن وقت عثمان رضي الله عنه آيو تہ توهان ستر مبارڪ ڍڪي ڇڏي، ان جو ڪهڙو سبب آهي؟ ارشاد فرمايائون تہ جنهن شخص کان فرشتا شرم ڪن ٿا، ڇا ان کان آءٌ شرم نہ ڪريان؟ [1]

قرآن مجيد جي هيءَ آيت بہ سندس شان ۾ نازل ٿي:

ٱلَّذِينَ يُنفِقُونَ أَمۡوَٰلَهُمۡ فِي سَبِيلِ ٱللَّهِ [2]

---

(3) سوره الزمر آيت : ٩

(4) سوره آل عمران آيت : ١٥٥

(1) مسلم ص ج حديث: ٢٤٠١ص ٦٦١٨ج ٤ و مثله في البخاري باختلاف يسير في مناقب عثمان- ابن حبان ص ٣٣٦ج ١٥- مجمع الزوائد ص ٨٨ج ٩- سنن بيهقي ص ٢٣٠ج٢- المعجم الاوسط حديث: ٨٦٠١ص ٣٦٩ج٨- احمد ص ٦٢ ج ٦- فتح الباري ص ٥٥ج ٧، اهڙي ٻي روايت مغيره بن شعبه کان بہ آهي: فضائل عثمان مسلم شريف وغيره.

(2) البقره آيت :٢٦١ پ٣

www.maktabah.org

[جيڪي پنهنجا مال الله جي واٽ ۾ خرچ ڪن ٿا.]

س‌چون ٿا ته حضرت عثمان بن عفان رضي الله عنه کي "ذوالنورين" هن ڪري چون ٿا، جو پاڻ رسول الله ﷺ جن سان مٽين پيڑهيءَ ۾ پيءُ ۽ ماءُ جي طرفان قرابت رکي ٿو ۽ پٽ نبي ڪريم ﷺ جن جو سوٽ يا ماسات ٿا آهي. يا ان جو هڪ سبب هي ٿا آهي ته رسول الله ﷺ جن کيس هڪ نياڻيءَ جي وفات کان پوءِ پنهنجي ٻي نياڻي نڪاح ۾ عطا فرمائي. جڏهن ٻي ٿا گذاري وئي ته ارشاد فرمايائون ته: جيڪڏهن اسان جي ٽين ڌيءَ ٿا هوندَ اها ٿا سندس نڪاح ۾ ڏئي ڇڏيون ها. تاريخ وارا لکن ٿا ته آدم عليه السلام کان نبي اڪرم ﷺ جن تائين ڪڏهن ٿا ڪو اهڙو شخص ٿي نه گذريو آهي، جنهن کي نبي سڳوري پنهنجون ٻه نياڻيون نڪاح ۾ عطا ڪيون هجن.[3]

شيخ فريد الدين عطار سندس شان ۾ چوي ٿو:

مثنوي

خواجهء سنت که نور مطلق است
بل خداوند دو نور برحق است
آن که غرق بحر عرفان آمده است
صدر دين عثمان عفان آمده است
رفعت کان رايت ايمان گرفت
از اميرالمؤمنين عثمان گرفت
رونق کين عرصه کونين يافت
از دل پر نور ذوالنورين يافت
يوسف ثاني بقول مصطفي
بحر تقوي و حيا کان وفا
سر بريدندش که تا بنشسته بود
ارچه پيوسته رحم پيوست بود

(3) سنن البيهقي حديث : ١٣٢٠٥، السنة للخلال ص٣٩٢ج٢- تهذيب الكمال ص٤٥٠ج١٩ وغيره

www.maktabah.org

هم بعدل او شد ايمان منتشر
هم زحكمش گشت قرآن منتشر
هم هدايت در جهان هم هنر
اُمتش در عهد او شد بيشتر
كار ذوالقربيٰ بجان پرداخته
جان خود در كار ايشان باخته
سيد السادات گفتي بر فلک
شرم دارد دائم از عثمان ملک
هم پيامبر گفت در كشف و حجاب
حق نخواهد كرد با عثمان خطاب
چون نبُد او تا كند بيعت قبول
بُد بجايَ دست او دست رسول
حاضران گفتند كه من بر سود مي
گر چو ذوالنورين غائب بود مي
گفت اورا مهتر دنيا و دين
هرچه بكند نيست بيمش ازين.(1)

[پاڻ سنت جو امام آهي جيڪو نور مطلق آهي، بلڪ ٻن سڃن نورن جو صاحب آهي. جيڪو عرفان جي درياءَ ۾ غرق آهي، سو دين جي اڳواڻ عثمان بن عفان جي ڪري آهي. ايمان جي جهنڊي کي جيڪا بلندي حاصل آهي، اها امير المؤمنين عثمان بن عفان جي ڪري آهي. ٻنهي جهانن ۾ جيڪي رونقون آهن، اهي ذوالنورين جي نوراني دل جي ڪري آهن. حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي فرمان مطابق، پاڻ يوسف ثاني آهي. پاڻ تقويٰ ۽ حياءَ جو سمنڊ ۽ وفا جي ڪاٺ هو. وڏل حالت ۾ ئي سندس سر جُدا ڪيائون، (ڪيس شهيد ڪيائون) ۽ هو ان وقت به لڳاتار رحم جو مجسمو هو. ان جي عدل ۽ انصاف جي ڪري دنيا ۾ ايمان پکڙيو ۽ پڙ هن جي حڪم جي ڪري قرآن جي اشاعت ٿي. سندس زماني ۾ دنيا ۾ هدايت ۽ علم ۽ هنر جي اشاعت وڏي پاڳي ٿي.

(1) ڏسو: منطق الطير ص ۲۸، ڪتاب سنڌ يونيورسٽي لائبريري ۾ موجود آهي.

www.maktabah.org

عزازت ۽ قرابت جي حقن جي ادائيگيءَ جي ڪري پنهنجي جان تان هٿ کنيائين. سيد السادات عليه السلام جن جو ارشاد آهي ته آسمان تي فرشتا به عثمان رضي الله عنه کان شرم ڪن ٿا. خود پيغمبر پاڪ ﷺ پاڻ ٻه پني مبارڪ تي ڪپڙو ڍڪڻ جو سبب ٻڌايو هو بيان ڪيو. پاڻ سڳورن جو ارشاد آهي ته الله تعالي عثمان کان حساب نه ونندو. (بيعت رضوان وقت) پاڻ موجود نه هو ته سوال پيدا ٿيو ته ان جي بيعت ڪيئن ڪجي؟ تڏهن رسول الله ﷺ جن سندس ٻاران پنهنجي هڪ هٿ تي پنهنجو ٻيو هٿ رکي، عثمان رضہ جي طرفان پاڻ بيعت ڪئي. حاضرين چيو ته جيڪڏهن جهاد ۾ عثمان بن عفان ذوالنورين غائب آهي ته پوءِ ڪهڙو فائدو؟ الله جي رسول فرمايو ته دنيا ۽ دين جو پيشوا، عثمان جيڪي چاهي سو ڪري، ان لاءِ هن کان پوءِ ڪو خوف نه آهي.]

امير المؤمنين عثمان رضي الله عنه جمعي جي ڏينهن تيرهن ذوالحج ۳۵هـ تي شهيد ٿيو. روايت آهي ته غيب مان آواز آيو ته ڪيس دفن ڪريو ۽ سندس نماز پڙهو پوءِ بيشڪ الله تعالي ان جي نماز پڙهي چڪو آهي، يعني ان تي رحمت موڪلي چڪو آهي. هڪ روايت ۾ آهي ته جڏهن سندس روح دارالبقا پرواز ڪري ويو ته گهر جي چئني طرفن مان آواز ٻڌڻ ۾ آيا. پهريون آواز هو ته "اي حيادار اڪين وارا بهادر عثمان بن عفان! مدينيء ۾ تنهنجي شهادت جي ڪري اونداهي ڇانئجي وئي ۽ باغي غالب ٿي ويا." ٻيو آواز هو ته "اي پٽ عفان جا! توکي جنت جي خوشين، خوشبوئن ۽ گلن، گلزارن جي خوشخبري هجي." ٽيون آواز آيو ته "اي پٽ عفان جا! غير فاني نعمتن جي توکي خوشخبري هجي." چوٿون آواز هو ته "اي عفان جا پٽ! پنهنجي رب جي خوشخبري وٺ، جيڪو توتي ڪڏهن ناراض نه ٿيندو." حضرت عثمان رضي الله عنه جي قاتلن جو ڏاڍو بيڄڙو حال ٿيو. ڪنهن جي سسي سندس ڏڙ ڪان جدا ٿي، ڪنهن جو هٿ شل ٿي پيو ڪو مجذوم يعني جذامي ٿي پيو ڪو مجنون يعني چريو ٿي پيو ۽ اهڙين ٻين خطرناڪ مصيبتن ۾ اهي گرفتار ٿيا. امير المؤمنين عثمان بن عفان رضي الله عنه جي مرثيي ۾ ماٿهن هي شعر پڙهيا:

www.maktabah.org

ابو خليفه شعر چوندي ٻڌايو تہ اسان کي عباس بن فضل رياشي، ليلي، اخيله سندس مرثيي ۾ هي شعر ٻڌايا:

ابعد عثمان ترجو الخير امته
قد كان افضل من يمشي علي ساق
خليفة الله اعطاهم و خولهم
ما كان من ذهب حلو واوراق
فلا تكذب بوعد الله واتقه
ولا تكونن علي شيءٍ باشفاق
ولا تقولن لشيءٍ سوف افعله
قد قدر الله ماكان امرؤ لاق. (1)

ڇا عثمان کان بعد نبي ڪريم ﷺ جن جي امت پلائي جي اميد رکي ٿي؟ زمين تي جيڪي به هلن چلن ٿا، سيني کان افضل هو. الله جو خليفو هو، جيڪي به سون چاندي ۾ ويس وڳا هوندا هئا، سي ماڻهن کي عطا ڪندو هو. پوءِ الله جي وعدي کي ڪوڙو نہ ڄاڻ ۽ ان جو خوف ڪر. ان جي مهرباني ۾ مهلت جي ڪري بي خوف نہ ٿيءُ. ڪنهن ڪم جي باري ۾ ائين نہ چوندو ڪر تہ سياڻي هيئن ۽ هيئن ڪندس. ماڻهوءَ کي جيڪي ڪجهہ پيش اچي ٿو، اهو الله سڀ تقدير ۾ لکي ڇڏيو آهي.

امير المؤمنين علي مرتضيٰ ڪرم الله وجهه جون فضيلتون

جڏهن امير المؤمنين عثمان رضي الله عنه جي قتل جو دل ڏکوئيندڙ واقعو واقع ٿيو ان وقت علي بن ابي طالب ماڻهن کان جدا ٿي گهر ۾ رينو هو. پوءِ هر قسم جا ماڻهو سندس خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيا ۽ بيعت ونڊ لاءِ زور ڏنائون، مگر پاڻ قبول نہ ڪيائون. امير المؤمنين عثمان رضي الله عنه جي شهادت جي پنجين ڏينهن مصر جي ماڻهن مديني وارن ڏانهن وفد موڪلي، انهن کي چيو تہ علي مرتضيٰ وٽ وڃو ۽ خلافت جو منصب قبول ڪرڻ لاءِ مٿس زور بار رکو. انهن سندس خدمت ۾ حاضر ٿي

(1) شعرن جي درستي ڏسو: مجمع الزوائد ص ۹۹ ج ۹ ۽ المعجم الكبير ص ۸۵ ج ۱.

www.maktabah.org

چيو تہ خلافت جا وڏيڪ حقدار توهان آهيو پوءِ اهو منصب سنياليو. ارشاد فرمايائون تہ مون کي ان ڪم جي باري ۾ ڪا رغبت نہ آهي. چيائون تہ جيڪڏهن خلافت جو منصب خالي رهندو تہ ماڻهن ۾ فتنو فساد ۽ قتل عام جاري ٿي ويندو. ڇاڪاڻ تہ چيو ويو آهي تہ: لَوْلَا السُّلْطَانُ لَاَكَلَ النَّاسُ بَعْضُهُمْ بَعْضًا [جيڪڏهن بادشاه نہ هوندو تہ ماڻهو هڪ ٻئي کي کائي ناس ڪري ڇڏيندا.] ۽ عوام الناس جا معاملا درهم برهم ٿي ويندا. ارشاد فرمايائون تہ پنهنجن ساٿين سان صلاح مشورو ڪريو. جنهن کي وٺيو ان کي اهو منصب حوالي ڪريو. چيائين تہ سمورا داناءَ، صلحاءَ، اتقياءَ ۽ اصحاب رسول الله ﷺ مديني ۾ موجود نہ آهن ۽ بيشمار ماڻهن ٻاهران پڻ توهان جي نالي تي بيعت ڪرڻ لاءِ زور ڏين ٿا. جڏهن مهاجرن ۽ انصارن جو زور حد کان وڌي ويو تہ علي مرتضيٰ رضي الله عنه منبر رسول الله ﷺ تي اچي وينو ۽ فصيح، بليغ خطبو ارشاد فرمايائون. الله تعالي جي ساراه ڪرڻ ۽ نبي ڪريم ﷺ جن تي درورد پڙهڻ کان پوءِ فرمايائون تہ: "اي ايمان وارؤ! ڇا توهان هن ڳالهہ تي راضي آهيو تہ آءٌ خليفو ٿيان؟" سيني چيو تہ هائو! پوءِ سڀ کان پهريائين حضرت طلحه رضي الله عنه سندس هٿ تي بيعت ڪئي. حضرت طلحه جو هٿ جنگ احد ۾ رسول الله ﷺ جن جو دفاع ڪندي زخمي ٿي پيو هو. جيڪو ايڏا تائين صحيح نہ ٿيو هو. پر تڏهن بہ انهيءَ هٿ سان علي مرتضيٰ جي بيعت ڪيائين. ان کان پوءِ حضرت زبير رضي الله عنه سندس بيعت ڪئي. ڪن ڪتابن ۾ آهي تہ اها بيعت جمعي جي ڏينهن ٿي، جڏهن امير المؤمنين عثمان رضي الله عنه شهادت جو شربت پيتو. ڪن روايتن ۾ آهي تہ شهادت جي واقعي کان هڪ هفتو بعد علي رضي الله عنه جي بيعت ٿي. سيرت ۽ تاريخ جي ڪن ڪتابن ۾ آهي تہ جڏهن ماڻهن کي معلوم ٿيو تہ علي رضي الله عنه خلافت وٺڻ کان انڪار ڪري رهيو آهي تہ طلحه ۽ زبير رضي الله عنهما (جيڪي عشره مبشره مان آهن) مهاجرن ۽ انصار جي هڪ جماعت ساڻ ڪري وٽس آيا ۽ چيائون تہ مسلمانن کي امام ۽ خليفي جي ضرورت آهي، توهان بيعت وٺو. حضرت علي فرمايو تہ مون کي ان جي ڪا رغبت نہ

www.maktabah.org

آهي. جڏهن اصحابن سڳورن جو زور حد کان وڌيو تہ فرمايائون تہ چگو اچوا ٻلي منهنجي هٿ تي بيعت ڪريو. آءٌ خلافت جو نظام هلائڻ لاءِ شريعت جي حدن کان هيڏي هوڏي نہ ٽپندس ۽ ماٹهن جا معاملا مشوري سان طئي ڪيا ويندا. بيت المال مان هڪ درهم بہ نہ کڻندس. توهان سان مهرباني ۽ ٻاجهہ جو سلوڪ ڪندس. ٻانهن جا حڪم احڪام ڪتاب الله ۽ سنت رسول الله ﷺ موجب طئي ڪيا ويندا. پوءِ فرمايائون تہ مسجد ۾ هلو. اتي سڀ کان پهريائين طلحه ۽ زبير رضي الله عنهما سندس بيعت ڪئي. ان کان پوءِ ٻين مهاجرن، انصارن ۽ مديني وارن بيعت ڪئي. حضرت علي رضي الله عنه خطبو ارشاد فرمايو جنهن جي شروعات هن طرح ڪيائون تہ:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ عَلٰى اِحْسَانِهٖ قَدْ رَجَعَ الْحَقُّ عَلٰى مَكَانِهٖ

[الله تعالي جو شڪر آهي سندس احسان تي، جو حق پنهنجي جاءِ تي موٽي آيو.]

خطبو ڏيئي فارغ ٿيا تہ حضرت خزيمه بن ثابت انصاري رضي الله عنه، جنهن کي رسول الله ﷺ جن اها سعادت عطا ڪئي هئي جو سندس شاهدي ٻن جڻن جي شاهديءَ جي برابر ليکي ويندي هئي، اهو اٿيو ۽ علي رضي الله عنه جي شان ۾ هي نعت پڙهيائين:

اذا لحف بالبيع علي ابوالحسن
ممن يخاف منه الفتن
وجدناه اولي الناس بالناس
انه طيب قريش بالكتاب والسنة
وهو اشرف قريش من يشفق عباده
اذا فاجرا يوما من الطيب يغزو كتاب
وهو الشريف الذي فيهم من الخير كله
وما فيهم بعض الذي فيه من شره
وهو افضل آل من يامن الناس واحد.

[ياد ڪريو جڏهن ماٹهن زور شور سان ابوالحسن علي بن ابي

www.maktabah.org

طالب جي بيعت ڪئي. جنهن کان فتنو فساد پکيڙيندڙ قوتون ڌڃن ٿيون. ڪيس ماٺهن جي ولايت ۽ امارت جو سپ کان وڌيڪ لائق لڏوسون. اهو قريش ۾ ڪتاب الله ۽ سنت رسول الله کي سپ کان وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي. قريش مان ماٺهن تي سپ کان وڌيڪ مهربان آهي. جڏهن هڪ بدبخت، هڪ ڏينهن ان سان قرآن جي باري ۾ جهڳڙو ڪيو حالانڪ پاڻ سپ کان وڌيڪ پلارو انسان آهي. ماٺهن ۾ کي شريسند به آهن، پر علي اهو شخص آهي جنهن ڏانهن ماٺهو اچي، پناه ونڊي رهيا آهن.] [1]

نقل آهي ته بيعت ڪرڻ کان پوءِ حضرت علي رضي الله عنه وٽ حضرت طلحه ۽ زبير اصحابن سڳورن رضي الله عنهم اجمعين جي جماعت سان گڏجي آيا. چيائون ته امير المؤمنين عثمان رضي الله عنه جي قاتلن کان بدلو ڪيئن ونڊجي؟ حضرت علي سائين فرمايو ته سندس قاتل گهٽا آهن ۽ اسان انهن مان ڪنهن هڪ شخص کي به بغير گواهيءَ جي نه پڪڙيندا سون ۽ نه ماريندا سون ۽ جيڪڏهن ڪنهن جي باري ۾ معلوم ٿئي ته عثمان رضي الله عنه جو قاتل آهي ته شريعت جي تعليم مطابق ان کان ضرور قصاص ونڊندا سون. انهيءَ دوران ڪافي اهڙا واقعا ٿيا جن جو بيان ڏکو آهي، تنهن ڪري انهن کان پاسو ڪريون ٿا. امير المؤمنين علي بن ابن طالب جون فضيلتون ۽ صفتون بيشمار آهن، جن کي تحرير ۽ تقرير ۾ بند نٿو ڪري سگهجي، تنهن هوندي به ان ڏس ۾ الله ۽ سندس رسول پاڪ ﷺ جا ڪجهه فرمان بيان ڪريون ٿا:

قَالَ النَّبِيُّ ﷺ مَنْ كُنْتُ مَوْلَاهُ فَعَلِيٌّ مَوْلَاهُ [1]

[نبي ﷺ جن فرمايو ته جنهن جو آءٌ سائي آهيان، تنهن جو سائي هي علي آهي]

---

(1) اهي شعر لکت ۾ صاف ۽ پڙهڻ جهڙا نه آهن، اندازي سان لکيا ويا ۽ اهي آهن به اڻ پورا. والله اعلم بالصواب (مترجم)

(1) قرطبي ص ٢٦٦ ج ١- تفسير ابن كثير ص ١٥ ج ٢- ابن حبان ص ٣٧٦ ج ١٥- مستدرک حاكم ص ١١٩ ج ٣- مجمع الزوائد ١٧ ج ٧- السنن الكبرىٰ ص ١٠٨ ج ٥- مسند احمد ص ١١٨ ج ١- المعجم الصغير ص ١٢٩ ج ١.

www.maktabah.org

اَللّٰهُمَّ وَالِ مَنْ وَالَاهُ وَعَادِ مَنْ عَادَاهُ[2]

[اي الله! جيڪو هن سان محبت ڪري، تون ان سان محبت ڪر ۽ جيڪو هن سان دشمني ڪري، تون به ان سان دشمني ڪر.]

يَا عَلِيُّ! اَنْتَ مِنِّيْ بِمَنْزِلَةِ هَارُوْنَ مِنْ مُوْسٰى[3]

(اي علي! منهنجي لاءِ تون ائين آهين، جيئن موسيٰ عليه السلام لاءِ هارون عليه السلام هو، پر مون کان پوءِ ڪو نبي نه آهي.]

اَنَا مَدِيْنَةُ الْعِلْمِ وَعَلِيٌّ بَابُهَا[4]

[آءٌ علم جو شهر ۽ علي ان جو دروازو آهي.]

پاڻ سڳورن ﷺ جن (ام المؤمنين ام سلمه رضي الله عنها کي) فرمايو ته:

لَحْمُهُ لَحْمِيْ وَدَمُهُ دَمِيْ[5]

ان جو گوشت منهنجو گوشت ۽ ان جو رت منهنجو رت آهي.]

اِنَّهُ مِنِّيْ وَاَنَا مِنْهُ وَلَا يُؤَدِّيْ عَنِّيْ اِلَّا عَلِيٌّ وَلَا سَيْفًا اِلَّا ذُوالْفَقَارِ[6]

---

(2) قرطبي ص ٢٦٦ج ١- ابن حبان ص ٣٧٦ ج ١٥- مستدرک حاڪم ص ١١٩ج ٣- مجمع الزوائد ١٧ ج ٧- السنن الڪبري ص ١٠٨ ج ٥- مسند احمد ص ١١٨ج ١.. المعجم الصغير ص ١٢٩ج ١.

(3) قرطبي ص ٢٦٦ج ١- مستدرک حاڪم ص ٤١٩ ج ٣- مجمع الزوائد: ١٠٤ ج ٩- السنن الڪبري ص ٤٥ ج ٥- ابن ماجه ص ٤٣ ج ١.

(4) مستدرک علي الصحيحين ص ١٣٧- ١٣٨ ج ٣- معجم الڪبير ص ٦٥ ج ١١- فيض القدير ص ٣٦ج ١- لسان الميزان ص ٤٢٢- ٤٣٢ج ١- تهذيب التهذيب ٢٨٥- ٢٨٦ ج ٦- ڪشف الخفاءَ ص ٢٣٥- ٢٣٦ ج ١.

(5) مجمع الزوائد ص ١١١ ج ٩- معجم الڪبير ص ١٨ ج ٢.

(6) ابن هشام لکي ٿو ته ابن ابي نجيح جي واسطي سان ڪن علم وارن مون کي هي حديث ٻڌائي ته احد جي ڏينهن آسمان تان آواز آيو ته: لا سيف الا سيف ذوالفقار ولا فتي الا علي (سيرة النبوية لابن هشام ص ٥١ ج ٤) منذري فرمائي ٿو ته اها حديث امام ترمذيءَ روايت ڪئي آهي. (عون المعبود ص ٢٦٤ ج ١٠- تحفة الاحوذي ص ١٨٢ج ٦- فيض القدير ص ٤٢٦ ج ٦) امام ذهبي ابو حاتم جي حوالي سان ان حديث جي راوي محمد بن جرير کي ڪوڙو چوي ٿو. (ميزان الاعتدال ص ٣٩٠ ج ٥) ابن جوزي ان کي موضوعات ۾ شمار ڪيو آهي. (ڪشف الخفاء)

www.maktabah.org

[اهو مون مان آهي ۽ آءُ ان مان آهيان. علي کان سواءِ کو جوان يعني بهادر نہ آهي ۽ ذوالفقار کان سواءِ کا تلوار نہ آهي.]

حسن بصري کان منقول آهي تہ بدر جي جنگ ۾ سندس شان ۾ الله جي رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ:

طُوْبٰى لِلْجَيْشِ اَمِيْرُهُمْ رَسُوْلُ اللهِ وَمُبَارِزُهُمْ اَسَدُ اللهِ وَجِهَادُهُ طَاعَةُ اللهِ وَمَدَدُهُمْ مَلٰٓئِكَةُ اللهِ وَثَوَابُهُمْ رِضْوَانُ اللهِ

[انهيءَ لشکر لاءِ خوشخبري هجي، جنهن جو امير رسول الله ﷺ ۽ جنهن جو مبارز يعني ويڙهہ جي دعوت ڏيندڙ اسد الله (علي رضي الله عنه) ۽ جنهن جو جهاد الله جي اطاعت لاءِ ۽ جنهن جي مدد ڪندڙ فرشتا آهن ۽ جنهن جو ثواب الله جي رضامندي آهي.]

رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ علي جي صورت مون چوٽين آسمان تي ڏٺي تہ جبرئيل کان پڇيم. چيائين تہ اي الله جا رسول ﷺ! فرشتا علي رضہ جي ديدار جا مشتاق هئا. الله تعالي سندس صورت وارو هڪ فرشتو پيدا ڪيو تان تہ ان جي زيارت ڪن ۽ شير خدا علي مرتضي عليه السلام جي درميان اُن جي مَدَح ڏسن. شير خدا جو پنهنجو قول آهي تہ:

قَالَ مَا كُنْتُ اَحَبُّ اَنْ تَخْرُجَ وَجْهًا اِلَّا وَاَنَا مَعَكَ فَقَالَ اَمَا تَرْضٰى اَنْ تَكُوْنَ مِنِّيْ بِمَنْزِلَةِ هَارُوْنَ مِنْ مُوْسٰى غَيْرَ اَنَّهٗ لَا نَبِيَّ بَعْدِيْ (1)

[تبوڪ جي جنگ تي وڃڻ وقت پاڻ سڳوري ڪيس مديني ۾ رهڻ جو حڪم فرمايو. عرض ڪيائين تہ اي الله جا رسول! آءُ تہ اها ڳالهہ پسند ڪريان ٿو تہ توهان جنهن طرف بہ رخ فرمايو آءُ ضرور توهان سان گڏ هجان. فرمايائون تہ چا توکي پسند نہ آهي تہ مون سان توکي اهو درجو هجي جيڪو هارون کي موسيٰ سان هو سواءِ ان جي جو مون کان بعد ڪو نبي نہ آهي.]

حضرت علي سائين جو پنهنجو هڪ بيت آهي:

---

(1) بخاري ص ٦٩٦ ج ٢.

www.maktabah.org

سَبَقْتُكُمْ إِلَى الْإِسْلَامِ طُرًّا صَغِيْرًا - مَا بَلَغْتُ أَوَانَ حُلُمِيْ[1]

[مون توهان سيني کان اسلام ۾ سبقت ڪئي جڏهن آءٌ ننڍو هيس ۽ بلوغت کي نه پهتو هيس.]

فصيح عرب شاعرن سندس مدح ۾ ڪلام ۾ چيو آهي، جن مان ڪي شعر هي آهن:

قل لا تلحمک والاقدار عالية
بدمت تلک الكلام اركانا
فقل لنا فضل من يمشي علي قدم
و اولَي الناس اسلاما و ايمانا.

[چؤ ته نه وڌهو اسان جا ديني ارڪان تمام مٽانهان آهن. چؤ ته اسان کي انهن تي فضيلت ۽ بزرگي حاصل آهي جيڪي زمين تي هلن ٿا ۽ پاڻ سڀ کان اسلام ۽ ايمان ۾ اول آهي.]

سندس رحلت جمعي جي ڏينهن ۱۷- رمضان ۴۰هـ ۾ ٿي. سندس مدح ۾ شيخ فريد الدين عطار رح فرمائي ٿو:

---

(۱) تلخيص الحبير- پڙ فرمائي ٿو ته اني لاول من اسلم (مون سڀ کان اڳ اسلام آندو) (مجمع الزوائد ص۲۰۷ ج۹- مصنف عبدالرزاق ص۴۸٦ ج۵- المعجم الكبير ص۴۱۱ ج۲۲، ص۱۳۳ ج۲۴) ساڳيو قول زيد بن ارقم جو آهي: (فضائل الصحابه للنسائي حديث: ۳۴ ج۱) ابو موسي اشعري جو به اهوئي قول آهي: مستدرک حديث: ۵۹٦۳-ابوذر غفاري ۽ مقداد به ائين چون ٿا: (قرطبي ص۲۳٦ ج۸) حاڪم فرمائي ٿو ته تاريخ وارن وٽ هن ڳالهه ۾ اختلاف نه آهي ته سڀ کان اڳ علي سائين اسلام آندو (ساڳيو حوالو) پڙ چيو ويو آهي ته سڀ کان اڳ خديجة الكبري رضه اسلام آندو: (قرطبي ص۲۳۷ ج۸) سندس اسلام آٹڻ جي عمر جي باري ۾ روايتون مختلف آهن. احمد ۾ آهي ته ۱۵ سالن جي هجار ۾ اسلام آندائين: (التحقيق في احاديث الخلاف ص ۲۳۵ ج ۲) اهوئي حسن بصريءَ جو قول آهي، جنهن کي ابن جوزي ضعيف ۽ ابن حجر صحيح هاڻائي ٿو: (تلخيص الحبير ص ۷۸ ج ۳) پڙ ابن اسحاق جي حوالي سان لکي ٿو ته وڌيڪ راجح قول مطابق ان وقت سندس عمر ۱۰ سال هئي (فتح الباري ص ۷۲ ج ۲) هي راقم عرض ڪري ٿو ته علمي ديانتداريءَ جي تقاضا اها ئي آهي ته حضرت علي سائين رضي الله عنه جي مٿئين قول کي جيئن جو تيئن تسليم ڪجي، ڇاڪاڻ ته ان قول جي پيٺ ۾ سيدنا ابوبڪر رضي الله عنه جو ڪو قول نه آهي ته " مون سڀ کان اڳ اسلام آندو" . والله اعلم بالصواب .

www.maktabah.org

مثنوي

خواجهء حق پيشوائ راستين
كوه حلم و باب علم و قطب دين
ساقي كوثر امام رهنماي
ابن عم مصطفي شير خدا
مرتضائ مجتبي جفت بتول
خواجهء معصوم و داماد رسول
در بيان ره نموني آمده
صاحب اسرار "سلوني" آمده
مقتدا بيشک باستحقاق اوست
مفتي مطلق علي الاطلاق اوست
چون علي از غيبهاي حق يکيست
عقل را در بينش او کسي شکيست
همه ز اقضکم علي جان آگه است
همه علي محسوس في ذات الله است
از دم عيسي کسي گر زنده خاست
او بدم دست بريده کرد راست
گشت اندر کعبه آن صاحب قبول
بت شکن بر پشت دوش رسول
در ضميرش بود مکنونات غيب
زان بر آوردي يد بيضا ز حبيب
گر يد بيضا نه بودش آشکار
کي گرفتي ذوالفقار آنجا قرار
گاه در جوش آمدي از کار خويش
گه فرو گفتي بچه اسرار خويش
در همه آفاق همدم مي نيافت
در درون مي گشت و محرم مي نيافت.

www.maktabah.org

[حق جو امام، نيڪين جو اڳواڻ، علم جو دروازو حلم ۽ بردباري ۽ نهٺاپ ۾ جبل ۽ دين جو تارو آهي. حوض ڪوثر جو ساقي، امام، رهنما، نبي سائين ﷺ جن جو سوٽ، شيرخدا، علي مرتضيٰ آهي، جيڪو احمد مجتبيٰ ﷺ کي راضي ڪندڙ خاتون جنت جو گهر وارو امام معصوم ۽ رسول الله ﷺ جن جو ڀاڻو آهي. پاڻ برحق امام آهي، جنهن عام اعلان فرمايو هو ته "سلوني" يعني جيڪي وٽيو سو مون کان پڇو. توهان کي راز جي هر هڪ ڳالهه ٻڌائيندس. دين ڏانهن ماٺهن جي رهنمائي ڪرڻ سندس ئي استحقاق آهي. پاڻ علي الاطلاق مفتي يعني ديني مسئلن جي باري ۾ فتويٰ ڏيندڙ آهي. جيئن ته علي سائين حق جي اسرارن مان هڪ آهي، پوءِ سندس دانشمنديءَ ۾ ڪنهن کي شڪ ٿيندو؟ جنهن جي باري ۾ نبي ﷺ جن جي حديث شريف ۾ آهي ته اَقْضَاكُمْ عَلِيٌّ[1] يعني توهان مان سڀ کان صحيح فيصلو ڪندڙ علي آهي، پاڻ سڀ کان وڏو فقيه هئڻ سان گڏوگڏ سلوڪ جي واٽ جو وڏو عارف بالله ٻه آهي. جيئن حضرت عيسيٰ جي دم سان مئل شخص زنده ٿي اٿندو هو، تيئن حضرت علي سائين پنهنجي دم سان هٿ ڪٽيل هڪ شخص جي هٿ کي تندرست ڪري ڇڏيو. پاڻ ئي اهو شخص آهي، جنهن نبي سائين ﷺ جن جي پٺيءَ تي چڙهي ڪعبة الله جي مٿان رکيل بتن کي ٽوڙي ڇڏيو. منجهس غيب جا راز هئا، جيڪي ائين ظاهر ڪندو هو، جيئن حضرت موسيٰ عليه السلام بغل ۾ هٿ وجهي ٻاهر ڪيندو هو ته اهو روشن ٿي ويندو هو. جيڪڏهن ان جو "روشن هٿ" ظاهر نه ٿئي ها ته "ذوالفقار" نالي تلوار ڪيئن قرار وٺي ها؟ ڪڏهن پنهنجي ڪم ۾ پرجوش هوندو هو ته، ڪڏهن پنهنجن اسرارن جي اونهائيءَ ۾ گهرو هئڻ سبب آهستي ڳالهائيندو هو. سموري جهان ۾ پنهنجو ڪو ساڻي نه لڌائين. پاڻ اڪثر باطن ۾ گم رهندو هو ۽ پنهنجو ڪو رازدار نه لڌائين.]

---

(1) تفسير قرطبي ص١٦٢، ١٦٤ ج١٥- فيض القدير ص٢٢٠ ج١- كشف الخفاء ص١٨٤ ج١- الاحكام للآمدي ص٢٢٤ ج٤- حضرت عمر رضي الله عنه جو قول آهي ته اسان ۾ سڀ کان وڌيڪ صحيح فيصلو ڪندڙ علي رضي الله عنه آهي: بخاري موقوفا حديث :٤٧١٩- فتح الباري ص٧٤ ج٩، ٥٣ ج٩- شرح الزرقاني ص٣٤٠ ج١ حلية الاولياء ص٦٥ ج١ سير اعلام النبلاء ص٣٩ ج١ تهذيب التهذيب ص٢٩٦ ج٧.

www.maktabah.org

مجموعي لحاظ سان رسول الله ﷺ جن جي چئن يارن ۽ سيني ساڻين جي ساراه ۾ شيخ سعدي شيرازي فرمائي ٿو تہ:

غزل

ياران كسي كه يار است
بآتش دوزخش چه كار است؟
اول كه نشست بر خلافت
ابوبكر كه باتو يار غار است
دوم عمر آن كه رافضي را
از زخم ستايش دلفگار است
سوم عثمان كه از حيايش
چو ابر بهار شرمسار است
چارم بر سروران عالم
حيدر كه امير نامدار است
اين قلعه رخ دين را
زين چار بنايش استوار است
هر كسي كه كرد بغض بكرا
محروم ز رويۂ هر چار است
سعدي باداۂ مدح هر يكست
چون بلبل مست در بهار است .

[جيكي رسول الله ﷺ جن جا يار آهن، انهن جو دوزخ جي باه سان كهڙو كم؟ سڀ كان پهريون جيكو خلافت جي منصب تي ويٺو سو نبي سائين ﷺ جن جو يار غار حضرت صديق اكبر آهي. ٻيو حضرت عمر فاروق آهي، جنهن جي نالي سان رافضين جا سينا تار تار زخمي ۽ داغدار آهن. ٽيون عثمان غني آهي، جنهن جي حياءَ جي سبب موسم بهار جو ڪكر بہ شرمسار آهي. چوٿون حضرت حيدر ڪرار اميرن

www.maktabah.org

جو امير آهي. اهي چارئي يار دين اسلام جي قلعي جا چار ٿنب آهن. جيڪو انهن مان ڪنهن هڪ سان بہ ساڙ ۽ بغض رکندو اهو انهن چئني جي ديدار کان محروم ٿيندو. سعدي تہ انهن سيني جي ساراه بيان ڪندڙ آهي. جيئن بهار جي مند ۾ بلبل مست هوندي آهي.]

انهيءَ ڪري ڄاڻڻ گهرجي تہ جيڪڏهن ڪو شخص انهن جي محبت ۾ فرق ڪري ٿو يعني ڪنهن سان محبت ۽ ڪنهن سان بغض ۽ دشمني رکي ٿو اهو قرآن ۽ حديث جي پڌري حڪم موجب ڪافر ٿئي ٿو. (نعوذ بالله)

كَمَا قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: سَبُّ الشَّيْخَيْنِ كُفْرٌ وَسَبُّ الْخَتَنَيْنِ فِسْقٌ[1]

[نبي ﷺ جن فرمايو آهي تہ ابوبڪر ۽ عمر رضي الله عنهما کي گاريون ڏيڻ ڪفر آهي ۽ حضرت عثمان ۽ علي رضي الله عنهما کي گاريون ڏيڻ فسق آهي.]

اهي بنهي قسمن جا ماڻهو دوزخي آهن.

كَمَا قِيْلَ الْكَافِرُ وَالْفَاسِقُ فِي النَّارِ

[جيئن فرمايو ويو آهي تہ ڪافر ۽ فاسق دوزخي آهن.]

مٿي ڄاڻايل بنهي قسمن جا ماڻهو ايمان جي دولت کان محروم آهن. اهڙن بدبخت ماڻهن جي بدقسمتي تي روئڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ انهن جي جهالت، انهن جي بي ديني، انهن جي دين ۽ ايمان کان محرومي، انهن جي بدبختي ۽ انهن جي شقاوت جي ڪري شيطان لعين انهن کي تمام پري اڇلائي ڇڏيو آهي، نہ تہ انهن ويچارن کي پلا ڪهڙو حق آهي ۽ سندن ڪهڙو واسطو آهي، جو الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي پيارن جي محبت جو دم ڀرين يا انهن سان پنهنجي دشمني ظاهر ڪن؟ جيڪو بہ محب ۽ مخلص موحد مسلمان هوندو اهو انهن چئني يارن جو محب ۽ مخلص هوندو. بس جيڪي ماڻهو دين اسلام جي دائري کان خارج آهن. اهي ئي انهن جي خلاف زبان درازي ۽ بهتان بازي ڪندا آهن. سمورا اصحابي

---

(1) حديث ثابت نہ آهي.

www.maktabah.org

سڳورا جنتي آهن. چاڪاڻ تہ نبي ﷺ جا پيارا ۽ مخلص ۽ محب آهن. پوءِ انهن جو دوست دين جو دوست ۽ انهن جو دشمن دين جو دشمن آهي. انهيءَ ڪري جيڪو بہ انهن (اصحابين) جو دشمن آهي اهو الله جي حبيب يعني حضرت محمد ﷺ جن جو دشمن آهي ۽ جيڪو الله جي حبيب ﷺ جن جو دشمن آهي. بيشڪ اهو خدا تعالي جو دشمن آهي ۽ خدا جي دشمن کي برو چوڻ جائز آهي.

قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اَللّٰهُ اَللّٰهُ فِيْ اَصْحَابِيْ لَا تَتَّخِذُوْهُمْ غَرَضًا بَعْدِيْ فَمَنْ اَحَبَّهُمْ فَبِحُبِّيْ اَحَبَّهُمْ وَمَنْ اَبْغَضَهُمْ فَبِبُغْضِيْ اَبْغَضَهُمْ وَمَنْ آذَاهُمْ فَقَدْ آذَانِيْ وَمَنْ آذَانِيْ فَقَدْ آذَى اللّٰهَ وَمَنْ آذَى اللّٰهَ يُوْشِكُ اَنْ يَّاْخُذَهٗ (1)

[نبي ﷺ جن فرمايو آهي تہ منهنجن ساڻين جي باري ۾ خدا جو خوف ڪريو. خدا جو خوف ڪريو. مون کان پوءِ انهن کي پنهنجي ساڙ ۽ دشمنيءَ جو نشانو نہ بنائجو. پوءِ بيشڪ جيڪو انهن سان محبت ڪندو تہ اهو منهنجي محبت جي ڪري ساڻن محبت ڪندو ۽ جيڪو انهن سان دشمني ڪندو تہ اهو مون سان دشمنيءَ جي ڪري ساڻن دشمني ڪندو ۽ جنهن انهن کي ايذايو تہ پوءِ بيشڪ انهي مون کي ايذايو ۽ جنهن مون کي ايذايو تہ بيشڪ انهيءَ الله کي ايذايو ۽ جنهن الله کي ايذايو تہ پوءِ ويجهو آهي تہ ان کي دوزخ جي باه پڪڑي.]

وَقَالَ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: مَنْ سَبَّ اَصْحَابِيْ فَعَلَيْهِ لَعْنَةُ اللّٰهِ وَالْمَلٰٓئِكَةِ وَالنَّاسِ اَجْمَعِيْنَ لَا يَقْبَلُ اللّٰهُ مِنْهُ صَرْفًا وَلَا عَدْلًا يَعْنِيْ لَا فَرِيْضَةً وَلَا نَافِلَةً (1)

[۽ نبي ﷺ جن فرمايو تہ جنهن منهنجن ساڻين کي گاريون ڏنيون ان تي الله، فرشتن، ماڻهن سڀني جي لعنت آهي. الله ان جي نہ فرضي

---

(1) السنة للخلال ص ٥١٤ ج ٣- الفردوس بماثور الخطاب ص ١٤٥ ج ١- تهذيب الكمال ص ١٠ج ١٧ ترمذي ص ٦٩٦ ج ٥.

(1) المعجم الكبير ص ١٤٢ ج ١٢- فضائل الصحابة لابن حنبل ص ٥٢ ج ١- تاريخ بغداد ص ٢٤١ج ١٤- تاريخ جرجان ٢٧٤٢ج ١- و باختلاف يسير احمد ص ٢٩٦ ج ١- بزار، طبراني اوسط، كبير (مجمع الزوائد ٢١ ج ١٠).

www.maktabah.org

عبادت قبول كندو ۽ نہ نفلي عبادت قبول كندو.]

وَعَنْهُ عَلَيْهِ السَّلَامُ قَالَ لَاتَسُبُّوْا اَصْحَابِيْ، لَاتَسُبُّوْا اَصْحَابِيْ فَوَالَّذِيْ نَفْسِيْ بِيَدِهٖ لَوْ اَنَّ اَحَدَكُمْ اَنْفَقَ مِثْلَ اُحُدٍ ذَهَبًا مَا بَلَغَ مُدَّ اَحَدِهِمْ وَلَا نَصِيْفَهٗ (2)

[رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ منهنجن اصحابن كي گاريون نہ ڏيو. پوءِ مون كي قسم آهي الله جو. جنهن جي قبضي ۾ منهنجي جان آهي تہ جيكڏهن توهان مان كو احد جبل جيترو سون بہ (الله جي واٽ ۾) خرچ كندو. تڏهن بہ انهن مان كنهن هك جي ٿوئي يا اڌ ٿوئي صدقي اناج خيرات كرڻ جي ثواب تي بہ نہ پهچندو.]

اهي ۽ اهڙيون بيون كافي حديثون آهن. جيكي سيني اصحابن جي شان كي بيان كن ٿيون. اهي حضرات پاڻ ۾ محب، مخلص، فدوي، دل ۽ جان سان الله جا پيارا آهن. هك ٻئي تي جانثار هئا انهن جي خلاف كنهن بہ قسم جي بدگوئي، بدزباني، جهالت، شيطانيت، بدبختي ۽ تنقيد جي ڳالهہ نہ كرڻ گهرجي. ڇاكاڻ تہ اهي سيئي رسول الله ﷺ جن جا پيارا آهن. بلك انهن جي ذريعي الله ۽ رسول جي واٽ تي هلجي. ڇاكاڻ تہ اهي روشني جا منارا آهن. جيئن نبي ﷺ جن فرمايو آهي:

اَصْحَابِيْ كَالنُّجُوْمِ بِاَيِّهِمْ اقْتَدَيْتُمْ اِهْتَدَيْتُمْ (1)

[منهنجا اصحابي ستارن وانگر آهن. انهن مان جنهن جي بہ پيروي كندؤ تہ سڌي واٽ لهندؤ.]

جيتوڻيك اصحابن سڳورن ۾ فضيلتن ۽ درجن جو فرق آهي. جيئن قرآن جي آيتن ۽ حديثن مان ثابت آهي. تڏهن بہ مجموعي اعتبار

---

(2) ترمذي حديث: ٣٨٦١ ص ٦٩٥ ج ٥- مجمع الزوائد ص ١٥ ج ١- سنن بيهقي كبير حديث: ٢٠٦٩٦ ص ٢٠٩ج ١٠- ابن ماجه حديث: ١٦١ ص ٥٧ ج ١- مصنف ابن ابي شيبه حديث: ٣٢٤٠٤ ص ٤٠٤ ج ٦- احمد حديث: ١١٠٩٤ ص ١١ ج ٣- شعب الايمان حديث: ١٩ ج ٢.

(1) امام دار قطني چوي ٿو تہ هن حديث جا راوي مجهول آهن: لسان الميزان ص ١٣٧ ج ٢- التمهيد ابن عبدالبر ص ٢٦٣ ج ٤- فيض القدير ص ٤٣٢ج ٤- كشف الخفاء ص ١٤٧ ج ١.

www.maktabah.org

سان سمورن اصحابن جي عدالت ۾ سچائي مڃيل عقيدو آهي، تنهن کري ڄاڻڻ گهرجي ته اهي سڀ دل ۽ جان سان، الله جي عظيم رسول ﷺ جا مخلص ۽ محب هئا ۽ پاڻ سڳورن جي صحبت ۽ فيض مان گهڻو پاڳو پرايو اٿن، جنهن جي کري بغير کنهن فرق ۽ بحث جي سيني کي حق ۽ عدل، انصاف تي مڃڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته نبي ﷺ جن جي بابرکت صحبت جي کري خراب خصلتن کان پاڪ ۽ سهڻين صفتن جا مالڪ هئا. اهوئي سبب آهي ته الله تعالي پنهنجي پاڪ ڪتاب ۾ انهن جون ڇڳيون صفتون بيان فرمايون آهن، جيئن قرآن مجيد ۾ ارشاد آهي ته:

كُنْتُمْ خَيْرَ أُمَّةٍ أُخْرِجَتْ لِلنَّاسِ (2)

[توهان هڪ بهترين امت آهيو جنهن کي ماڻهن جي پلائيءَ لاءِ قائم کيو ويو آهي.]

وَكَذٰلِكَ جَعَلْنٰكُمْ أُمَّةً وَّسَطًا (3)

[۽ اهڙي طرح اسان توهان کي عدل ۽ انصاف کي قائم کندڙ امت بنايو.]

کن مفسرن جي چوڻ مطابق هنن ٻنهي آيتن مان مراد اصحابي سڳورا آهن. هڪ ٻي آيت ۾ ارشاد آهي:

وَالسّٰبِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ مِنَ الْمُهٰجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ وَالَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُمْ بِاِحْسَانٍ رَّضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ وَاَعَدَّ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ تَحْتَهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ ﴿١٠٠﴾ (1)

[۽ مهاجرن ۽ انصارن مان سڀ کان اڳرائي کندڙ ۽ جن انهن جي نيڪيءَ سان پيروي کئي، الله تعالي انهن کان راضي ۽ اهي ان کان راضي آهن ۽ انهن لاءِ جنتون تيار کيون اٿس، جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون. سدائين انهن ۾ رهندا ۽ اها ئي عظيم کاميابي آهي.]

ظاهر آهي ته الله تعالي جي رضا کان سواءِ ڇڳو مانُ مرتبو ۽ درجو

---

(2) سورة آل عمران آيت: ١١٠

(3) سورة البقرة آيت: ١٤٣

(1) سوره توبه آيت: ١٠٠ پ ١٠

www.maktabah.org

نڏو ملي سگهي، جيئن ٻئي هنڌ آهي:

وَرِضْوَانٌ مِّنَ اللّٰهِ اَكْبَرُ (2)

[۽ الله جي رضامندي سڀ کان وڏي شيءِ آهي.]

حديث ۾ آهي ته الله تعالي فرمائي ٿو ته:

اُحِلُّ لَكُمْ رِضْوَانِيْ فَلَا اُسْخَطُ عَلَيْكُمْ (3)

[مون توهان لاءِ پنهنجي رضامندي لکي ڇڏي، هاڻي کڏهن به توهان تي ناراض نه ٿيندس.]

اڳتي ساڳئي سورت توبه جي ساڳئي آيت ۾ آهي ته:

ذٰلِكَ هُوَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ

[اها ئي سڀ کان وڏي کاميابي آهي.]

ساڳي سورة، يارهين سيپاري ۾ ارشاد فرمائي ٿو ته:

لَقَدْ تَّابَ اللّٰهُ عَلَى النَّبِيِّ وَالْمُهٰجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ فِيْ سَاعَةِ الْعُسْرَةِ مِنْ بَعْدِ مَا كَادَ يَزِيْغُ قُلُوْبُ فَرِيْقٍ مِّنْهُمْ ثُمَّ تَابَ عَلَيْهِمْ اِنَّهٗ بِهِمْ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ﴿١١٧﴾ (1)

[بيشڪ الله ٻاجهه سان موٽيو نبيءَ تي ۽ مهاجرن تي ۽ انصارن تي، جن تنگيءَ جي گهڙين ۾ سندس پيروي ڪئي هن کان پوءِ جو انهن مان ڪن جون دليون ڊڳمگيون ٿي ويون. پوءِ انهن تي ٻاجهه سان موٽيو. بيشڪ اهو مٿن مهربان، رحم ڪندڙ آهي.]

مفسرن جا بيان اختلافي آهن ته آيت سڳوري السَّابِقُوْنَ ۾ "اڳرائي ڪندڙن" مان مراد ڪير آهن؟ ڪي چون ٿا ته "بيعت رضوان" ڪندڙ

---

(2) سوره توبه آيت: ٧٢

(3) قرطبي ص١٤٣ ج١٨- ابن جرير ص١٨٢ ج١٠- ابن ڪثير ص٣٧١ ج٢- مسلم حديث: ٢٨٢٩- بخاري حديث: ٦١٨٣- ابن حبان حديث: ٧٤٤٠- ترمذي حديث: ٢٥٥٥- مسند احمد حديث: ١١٨٤٤- السنن الكبري حديث: ٧٧٤٩- شعب الايمان حديث: ٣١٧- حلية الاولياء ص٣٤٢ ج٦- الترغيب والترهيب حديث ٥٧٥٠

(1) سورة توبه آيت: ١١٧

www.maktabah.org

آهن، جن جو تعداد پندرهن سو آهي. گهٽا چون ٿا ته اهي سڀ اصحابي مراد آهن، جن بيت المقدس ۾ ڪعبت الله ڏانهن منهن ڪري نماز پڙهي. هڪ جماعت چوي ٿي ته امڪان آهي ته وَالسَّابِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ مان مراد سڀ اصحابي سڳورا هجن ۾ "مهاجرن" ۽ "انصارن" جا الفاظ وَالسَّابِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ جي تشريح ۾ تفسير آهن ۽ وَالَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُمْ بِاِحْسَانٍ مان مراد اصحابن کان پوءِ ايندڙ تابعين آهن. ٽي سگهي ٿو ته "اڳرائي ڪندڙن" مان مراد اصحابن جي اها جماعت هجي، جيڪي اسلام جا ستون آهن ۽ جن سڀ کان پهريائين اسلام قبول ڪيو ۽ ايمان ۽ عرفان جي راه ڪي قدم بقدم طئي ڪيائون. "پلائيءَ سان پيروي ڪندڙن" مان مراد ٻيا اصحابي هجن. هر صورت ۾ ثابت ٿيو ته سڀني اصحابن سڳورن لاءِ الله تعالي پنهنجي رضا ۽ عظيم ڪاميابي لکي ڇڏي آهي. ان ڏس ۾ بيشمار حديثون موجود آهن، جن مان ڪجهه گذري چڪيون ۽ ڪجهه بيان ڪجن ٿيون.

الله جي رسول ﷺ جن جو فرمان آهي ته:

خَيْرُ الْقُرُوْنِ قَرْنِيْ ثُمَّ الَّذِيْنَ يَلُوْنَهُمْ ثُمَّ الَّذِيْنَ يَلُوْنَهُمْ (2)

[بهترين زمانو منهنجو آهي، پوءِ جيڪو ان کان بعد ۾ آهي، پوءِ جيڪو ان کان بعد ۾ آهي.]

بلڪ اصحابن سڳورن جي فضيلت جي باري ۾ قرآن مجيد جون ڪافي آيتون به آهن، جيڪو شخص سندن شانَ مانَ، عظيم مرتبي ۽ حالات کان بي خبر آهي، اهو الله ۽ ان جي رسول کان بي خبر آهي. جيڪو شخص ان ڏس ۾ ڪنهن ٻئي طريقي سان چپ چوريندو ته اهو اعتقاد ۽ اخلاص جي دائري کان نڪري ويندو جيئن متي حديث گذري چڪي ته:

سَبُّ الشَّيْخَيْنِ كُفْرٌ وَسَبُّ الْخَتَنَيْنِ فِسْقٌ (1)

---

(2) صحيح مسلم حديث : ٢٥٣٣- صحيح بخاري حديث : ٣٤٥٠- صحيح ابن حبان حديث :٦٧٢٣- ترمذي حديث : ٢٢٢٢- مجمع الزوائد ص١٥٧ ج٢- بيهقي حديث : ٢٠٣٨٧- ابوداؤد حديث : ٤٦٥٧- مسند احمد حديث : ٧١٢٣- المعجم الصغير حديث : ٩٦- فتح الباري ص٥ ج٧

www.maktabah.org

[حضرت ابوبکر ۽ عمر رضي الله عنهما کي گاريون ڏيڻ ڪفر آهي ۽ حضرت عثمان ۽ علي رضي الله عنه کي گاريون ڏيڻ فسق آهي.]

۽ ڪافر ۽ فاسق دوزخي آهن. انهيءَ ڪري ڇاڻڻ گهرجي ته هي انتهائي ادب ۽ احترام جو مقام آهي. جيڪو شخص ادب ۽ احترام جي اها تقاضا پوري ڪندو سو پنهنجي نجات ۽ ڪاميابي ڏسندو نه ته اهي اصحابي سڳورا جن کان الله ۽ سندس رسول سڳورو راضي ٿيو انهن کي کهڙو خطرو ۽ کهڙي پرواه ته ٻيا سندن باري ۾ چا ٿا چون؟ جيڪڏهن ڪو انسان ڪتي ۽ گڏهه وانگر بغير اعتقاد ۽ ايمان جي حياتي گذاري ٿو ته اهو گڏهه ۽ ڪتي کان وڌيڪ بچڙو آهي. ان ڪري هر اهو شخص جنهن ۾ عقل ۽ شعور آهي، ان کي جڳائي ته اصحابن سڳورن جو محبتي، مخلص ۽ معتقد ٿي زندگي گذاري. ڪتي ۽ گڏهه کان بدتر نه ٿئي، ڇاڪاڻ ته سندن محبت توکي پاڻ کي فائدو ڏيندي ۽ سندن دشمني توکي پاڻ کي نقصان ڏيندي. انهن حضرات لاءِ الله ۽ رسول ﷺ جن جي محبت ئي ڪافي آهي. جيڪي ماڻهو الله ۽ ان جي رسول ﷺ جا محبوب آهن ۽ الله ۽ رسول پاڪ ۽ انهن کي پيارو سمجهن ٿا، تن کي اهڙن بدگو، بدزبانن ۽ بي دينن جي ڪا پرواه ۽ حاجت نه آهي، ڇاڪاڻ ته الله ۽ پياري پيغمبر جي محبت سمورين ڪاميابين ۽ پلائين جو سرچشمو آهي ۽ الله ۽ رسول الله ﷺ جي دشمني سيني ناڪامين ۽ نقصانن جو سرچشمو آهي:

بيت

خوبي بسيار است بمحبان حبيب است
نقصان نقصان تو در بغض و عداوت ايشان است

[الله جي حبيب جي پيارن ۾ بيشمار پلائيون آهن، انهن سان

---

(1) حديث ثابت نه آهي. البت فقهي ڪتابن ۾ آهي ته شيخين کي گاريون ڏيڻ ڪفر آهي، پر انهن جو اعتبار نه آهي، ڇاڪاڻ ته ڪن ڪتابن ۾ کين ڪافر چيو ويو آهي مثلا: (الدر المختار ص۴۲۲ج۴، بحر الرائق شرح كنز الدقائق ص۴۹۸ج۱۳- الجوهرة النيرة ص۴۲۲ج۴) ۽ ڪن ۾ آهي ته اهي ڪافر نه آهن، دراصل امت جو اجماع آهي ته گمراه فرقا، ڪافر نه پر گمراه آهن، تنهن ڪري رافضي به ڪافر نه آهن : (حاشيه رد المحتار ص۲۹۶ج۱۶)

www.maktabah.org

بغض ۽ دشمنيءَ ۾ تنهنجو پنهنجو نقصان آهي.]

نبي ﷺ جن جو فرمان مبارڪ آهي تہ:

اَرْحَمُ اُمَّتِيْ بِاُمَّتِيْ اَبُوْبَكْرٍ وَاَشَدُّهُمْ فِيْ اَمْرِ اللّٰهِ عُمَرُ وَاَصْدَقُهُمْ حَيَآءً عُثْمَانُ وَاَقْضَاهُمْ عَلِيٌّ وَاَفْرَضُهُمْ زَيْدُ بْنُ ثَابِتٍ وَاَقْرَاُهُمْ اُبَيُّ بْنُ كَعْبٍ وَاَعْلَمُهُمْ بِالْحَلَالِ وَالْحَرَامِ مَعَاذُ بْنُ جَبَلٍ وَلِكُلِّ اُمَّةٍ اَمِيْنٌ وَاَمِيْنُ هٰذِهِ الْاُمَّةِ اَبُوْعُبَيْدَةَ بْنُ الْجَرَاحِ (1)

[منهنجي امت ۾، امت لاءِ سڀ کان وڌيڪ رحمدل ابوبکر آهي ۽ انهن مان سڀ کان وڌيڪ دين ۾ سخت عمر آهي ۽ انهن مان سڀ کان وڌيڪ حياءَ ۾ ڪامل عثمان آهي ۽ انهن مان سڀ کان وڌيڪ صحيح فيصلو ڪندڙ علي آهي ۽ انهن مان سڀ کان وڌيڪ علم فرائض يعني ميراث جو علم ركندڙ زيد بن ثابت آهي ۽ انهن مان سڀ کان وڌيڪ قرآن جو علم ركندڙ ابي بن ڪعب آهي ۽ انهن مان سڀ کان وڌيڪ حلال ۽ حرام کي ڄاڻندڙ معاذ بن جبل آهي ۽ هر هڪ امت جي لاءِ هڪ امين هوندو آهي ۽ منهنجي هن امت جو امين ابو عبيده بن جراح آهي.]

غرض تہ سيني مهاجرن، انصارن ۽ ٻين اصحابن سڳورن، ڇاهي اهي وڏي مرتبي وارا هجن يا ننڍي مرتبي وارا، الله جي مٿن رضامندي آهي. گهٽيون حديثون ۽ قول موجود آهن، جن مان سندن فضيلت ۽ مرتبو ٺاڪ منجهند جي سج کان وڌيڪ روشن آهي. امام شافعي پنهنجي ڪتاب فقه الاكبر [1] ۾ فرمائي ٿو:

اِعْلَمُوْا اَنَّ اَصْحَابَهٗ قَدْ فُضِّلُوْا عَلٰى غَيْرِهِمْ بِصَحَابَةِ رَسُوْلِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَمُشَاهِدَةِ الْوَحْيِ وَالتَّنْزِيْلِ وَلَا يَجُوْزُ الطَّعْنُ فِيْ اَحَدٍ مِنْهُمْ وَلَا تَقُوْلُوْا فِيْهِمْ اِلَّا خَيْرًا

---

(1) حديث درست ڪئي وئي ڏسو: الاحاديث المختارة ص ٢٢٥ ج ٦- مسند طيالسي ص ٢٨١ ج ١- نوادر الاصول في احاديث الرسول ص ٢٢٦ ج ٢.

(1) "الفقه الاكبر" امام ابو حنيفه رح ڏانهن منسوب آهي، امام شافعي رح ڏانهن منسوب ڪتاب "الام" آهي، ڏسو ڪشف الظنون ج٢ ص١٢٨٧، ابجد العلوم ج١ ص١٢٦، تحفة الاحوذي ج٧ ٢٣٣. والله اعلم.

www.maktabah.org

وَاسْقُطُوْا فِيْمَا بَيْنَهُمْ فَقَوْلُهُ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: اِيَّاكُمْ وَمَا شَجَرَ بَيْنَ اَصْحَابِيْ اَحْيَانًا وَاَمَاتَنَا اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى مُحَبَّتِهِمْ اَجْمَعِيْنَ، آمِيْنَ يَا رَبَّ الْعَالَمِيْنَ

[يقين ڄاڻو تہ اصحابي سڳورا ٻين کان رسول الله ﷺ سان صحبت ۽ وحي جي مشاهدي جي ڪري گوءِ کٽي ويا. انهن مان ڪنهن هڪ تي بہ اعتراض ۽ تنقيد جائز نہ آهي. انهن جي باري ۾ خير ۽ پلائيءَ کان سواءِ ڪجهہ چوڻ نہ گهرجي ۽ انهن ۾ جيڪي باهمي اختلاف هئا، انهن جي باري ۾ خاموش رهڻ گهرجي. ڇاڪاڻ تہ رسول الله ﷺ جن جو فرمان آهي تہ: پاڻ ڪي اصحابن جي اختلاف جي باري ۾ (بحث ۾ پوڻ کان) بچايو. الله تعالي اسان کي انهن جي محبت تي جياري ۽ ماري. آمين يا رب العالمين.]

اهل السنة والجماعة جو مذهب آهي تہ:

مَنْ سَبَّ الصَّحَابَةَ يُعَزَّرُ وَلَا يُقْتَلُ وَقَالَ بَعْضُ الْمَالِكِيَّةِ يُقْتَلُ

[جيڪو اصحابن کي گاريون ڏئي، ان کي تعزير يعني سرڪاري سزا ڏني ويندي ۽ ان کي قتل نہ ڪيو ويندو ۽ ڪي مالڪي عالم چون ٿا تہ کين قتل ڪيو ويندو.]

عشره مبشره جو بيان

يعني انهن ڏهن اصحابن سڳورن جو بيان، جن کي رسول الله ﷺ جن دنيا ۾ ئي جنت جي خوشخبري ڏني، اهي هي آهن: ١- ابوبكر صديق ٢- عمر فاروق ٣- عثمان غني ۴- علي مرتضي ۵- طلحه بن عبيده ۶- زبير بن عوام ٧- عبدالرحمن بن عوف ٨- سعد بن ابي وقاص ٩- سعيد بن زيد ١٠- ابو عبيده بن جراح- رضي الله عنهم اجمعين.

انهن کان سواءِ جن کي نبي ﷺ جن سندن حياتيءَ ۾ جنت جي خوشخبري ڏني، سي هي آهن: حسن، حسين، بيعت رضوان وارا، بدري اصحابي، رسول الله ﷺ جن جي نياڻي فاطمه، خديجه، عائشه، پاڻ سڳورن جون سموريون گهر واريون، انهن سيني تي الله جي رضا ۽ خوشنوديءَ جي پالوٽ هجي. "شرح عقائد" جو مصنف، محقق ۽ مدقق فرمائي ٿو تہ: بدري اصحابن جو تعداد ٽي سو تيرهن آهي، جن جو تفصيلي ۽ مجموعي بيان

www.maktabah.org

جامع صحيح ۾ موجود آهي. هر مشكل كم ۾ كاميابي ماڻڻ لاءِ انهن اصحابن جو وظيفو پڙهڻ سان كاميابي يقيني آهي، اهو عمل آزمايل آهي. جيكڏهن بادشاه يا امير وغيره لشكر جي اڳئين حصي جو تعداد ٣١٣ مقرر كري ته الله تعالي جي فضل مان اميد آهي ته ان كي فتح ۽ نصرت حاصل ٿيندي (انشاءَ الله تعالي) هيءُ كمترين ٻانهو احقر الفقراءَ بيت عرض كري ٿو ته:

شعر

از جان محب غلام حضرت صديق اكبر
گو بود يار غار سركار حضرت پيمبرم
باصد هزار شوق و آرزوئي دل مدام
از جان محب مخلص درگاه عمرم
كه او شاه ملك شرم و حيا صاحب دونور
و از جان محب مخلص عثمان سرورم
قنبر غلام از دل و جان مرتضي علي است
من هم غلام بيدرهمش همچو قنبرم
من مخلص حسين و حسن و شاه مرتضي
و از جان غلام جمله آل پيغمبر هستم
محب جمله اصحاب مصطفي انصار و محب مخلص مهاجرم
ايشان فدائ حضرت هستند و من فدائي همه ياران سرورم
"فقري" كه بنائي بدل و جان محمد است
زين وه محب جمله محبان اين درم.

[دل ۽ جان سان حضرت ابوبكر صديق جو غلام آهيان، جيكو رسول الله ﷺ جن جو يار غار آهي، دل جي هزارين شوق سان حضرت عثمان جو مخلص آهيان. قنبر دل جان سان علي مرتضي جو غلام آهي. آءٌ به قنبر وانگر سندس بي زر خريد كيل، يعني مفت ۾ غلام آهيان. حسن، حسين ۽ مرتضي جو محب ۽ مخلص آهيان، بلكه دل ۽ جان سان سيني آل رسول جو غلام آهيان. مصطفي جي سيني مهاجرن، انصارن ۽ اصحابن جو محب آهيان. اهي رسول الله ﷺ تي فدا ۽ آءٌ انهن

www.maktabah.org

جي مٿان فدا آهيان فقيري ۾ تنگدستي، جنهن کي نبي ﷺ جن دل جان سان اختيار ڪيو انهن سيني محبن ۾ مخلصن پنهنجي محب يعني نبي سائين ﷺ جن جي متابعت ۾ مطابقت ۾ اها واٽ اختيار ڪئي.]

اي عزيز! هتي هڪ عظيم راز آهي، جنهن کي هر شخص جاڻي ۾ سمجهي نٿو سگهي. جيڪڏهن الله پاڪ کنهن کي دوست رکي تڏهن به سندس مرضي آهي ۾ جيڪڏهن کنهن سان دشمني رکي تڏهن به سندس مرضي ۾ سندس وس جي ڳالهه آهي. ان سلسلي ۾ ان کان وڌيڪ ڇئي نٿو سگهجي ته عوام الناس جي سمجهه کان هيءَ ڳالهه مٿي آهي ته هن شعر جو مطلب ڇا آهي؟

گر دوستي نمايد ازو دشمني کند
اينجا مجال نيست کسي را که دم زند.

[کنهن سان دوستي ڪري يا کنهن سان دشمني، سندس مرضي آهي، هتي کنهن کي زبان کولڻ جي مجال ۾ سگهه نه آهي.]

حديث ۾ آهي ته رسول الله ﷺ کان پوءِ سڀ کان پلارو ۾ سڀ کان پيارو ابوبڪر صديق آهي. پوءِ فاروق اعظم، پوءِ عثمان ذوالنورين، پوءِ علي مرتضيٰ. ان حديث جا الفاظ هي آهن:

قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ خَيْرُ أُمَّتِي أَبُوبَكْرٍ ثُمَّ عُمَرُ (1)

[منهنجي امت مان سڀ کان پلارو ابوبڪر ۾ پوءِ عمر آهي.]

۾ پڙ فرمايائون ته:

لَوْ كُنْتُ مُتَّخِذًا خَلِيلًا غَيْرَ رَبِّي لَاتَّخَذْتُ أَبَابَكْرٍ خَلِيلًا وَلٰكِنْ هُوَ شَرِيكٌ فِي

(1) حديث ۾ اهي لفظ نٿا ملن، البت قرطبي ص ۱۴۸ ج۸ ۾ ص۸۷ ج۱۰ ۾ ابن عمر رضي الله عنهما جو قول آهي ته اسان نبي ﷺ جن جي زماني ۾ رسول الله ﷺ جن کان پوءِ ابوبڪر، پوءِ عمر رضي الله عنهما کي سڀ کان افضل سمجهندا هئاسون. پڙ ڏسو بخاري حديث :۳۴۵۵- فتح الباري ص۱۶ ج۷- تحفة الاحوذي ۱۳۸ج۱۰- پڙ علي رضي الله عنه جو به قول آهي ته رسول الله ﷺ جن کان بعد سڀ کان پلارو ابوبڪر صديق آهي: بخاري حديث :۳۴۶۸- السنة ابن ابي عاصم ص۴۸۰ج۲- صفوة الصفوة ص۲۵۰ ج۱- تهذيب الاسماء ص۴۷۷ ج۲- الرياض النضرة ص ۳۲۱ ج ۱

www.maktabah.org

دِيْنِيْ وَصَاحِبِي الَّذِيْ اَوْجَبْتُ لَهٗ صُحْبَتِيْ فِي الْغَارِ وَخَلِيْفَتِيْ فِيْ اُمَّتِيْ[2]

[جيڪڏهن پنهنجي رب کان سواءِ ٻئي کي دوست بنايان ها ته ضرور ابوبڪر کي دوست بنايان ها. ليڪن اهو دين ۾ منهنجو ياڳي پائيوار آهي. جنهن لاءِ غار ۾ منهنجي صحبت لازم ٿي چڪي ۽ منهنجي امت ۾ منهنجو خليفو آهي.]

امام محمد غزالي "قواعد العقائد" ۾ فرمائي ٿو ته جيڪو چئن يارن جي فضيلت ۽ خلافت جو انهيءَ طريقي سان اعتقاد رکي. ان تي ايمان آڻي. اهو حق پرست اهل السنة والجماعة مان آهي ۽ بدعتين ۽ گمراه فرقن کان دور آهي.

جڏهن رسول الله ﷺ جن هن ظاهري دنيا مان لاڏاڻو فرمايو. سڀ اصحابي "سقيفه بنو ساعده" ۾ جمع ٿيا. بحث مباحثي ۽ مشوري کان پوءِ هن ڳالهه تي اتفاق ٿيو ته حضرت ابوبڪر صديق خلافت جو نظام سنڀالي حضرت علي مرتضيٰ ۽ بين سيني اصحابن سندس بيعت ڪئي ۽ صديق اڪبر مسند خلافت تي وينو. ظاهر آهي ته جيڪڏهن بارگاه نبوت ۾ خلافت حضرت علي رضي الله عنه کي عطا ٿيل هجي ها. ته پاڻ انهيءَ حق جي حاصل ڪرڻ لاءِ ضرور ائين ڪوشش ۽ جدوجهد ۽ جهيڙو ڪري ها. جيئن حضرت معاويه سان سندس جنگيون ٿيون. جمادي الآخر ۱۳هـ ۾ جڏهن حضرت ابوبڪر صديق مرض الموت ۾ هو ته حضرت عثمان رضي الله عنه کي پاڻ وٽ گهرائي هي وصيت نامو لکرايائين:

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ هٰذَا مَا وَصّٰى بِهٖ اَبُوْبَكْرِ بْنُ اَبِيْ قُحَافَةَ عِنْدَ آخِرِ عَهْدِهٖ بِالدُّنْيَا خَارِجًا مِّنْهَا وَ اَوَّلِ عَهْدٍ بِالْاٰخِرَةِ دَاخِلًا فِيْهَا حِيْنَ يُصَدِّقُ الْكَاذِبُ وَيَعْدِلُ وَيُؤَدِّي الْخَائِنُ وَيُؤْمِنُ الْكَافِرُ اِنِّيْ اَرٰى اَنْ اَسْتَخْلِفَ بَعْدِيْ عُمَرَ بْنَ الْخَطَّابِ فَاِنْ عَدَلَ فَذٰلِكَ ظَنِّيْ بِهٖ وَرَجَائِيْ فِيْهِ وَ اِنْ بَدَّلَ وَجَارَ فَلَا اَعْلَمُ

(2) هن حديث جو حوالو هن ڪتاب جي صفحي 79 تي گذري چڪو پر آخري لفظن ۾ ڪجهه فرق آهي.

www.maktabah.org

الْغَيْبَ وَلِكُلِّ امْرِئٍ مَا اكْتَسَبَ وَسَيَعْلَمُ الَّذِيْنَ ظَلَمُوْٓا اَيَّ مُنْقَلَبٍ يَنْقَلِبُوْنَ (1)

[هي وصيت نامو ابوبكر بن ابي قحافه جو آهي. جيكو انهيءَ وقت لكرايو اٿس. جڏهن دنيا كان لاڏاٽو كري آخرت جي سرحد ۾ داخل ٿي رهيو آهي ۽ هي اهو وقت آهي. جڏهن كوڙو ماٺهو به الله تعالي ۽ رسول پاڪ ﷺ جن جي ڳالهين جي تصديق كندو آهي ۽ خيانت كندڙ شخص به امانت ادا كرڻ لاءِ تيار ٿيندو آهي ۽ كافر به مؤمن ٿي ويندو آهي. واضح هجي ته مون پاڻ كان پوءِ عمر بن خطاب كي توهان تي خليفو چونڊيو آهي. جيكڏهن عدل ۽ انصاف سان خلافت جو نظام هلائيندو ته منهنجو منجهس اهو ئي ويساه آهي ۽ جيكڏهن پنهنجي هلت بدلائي ظلم جو رستو ورتائين ته بيشڪ آءٌ غيب نٿو ڄاڻان ۽ هر شخص لاءِ اهوئي آهي. جيكي انهيءَ كمايو آهي ۽ سگهوئي ظالمن كي معلوم ٿيندو ته سندن نتيجو ۽ انجام كهڙو ٿئي ٿو؟.]

اصحابين سڳورن حضرت صديق اكبر رضي الله عنه جو وصيتنامو پڙهيو ته حضرت عمر فاروق جي بيعت كيائون ۽ حضرت علي رضي الله عنه به سندس بيعت كئي. ٢٣هـ ۾ حضرت عمر فاروق جي شهادت جو وقت ويجهو آيو ته انهيءَ ڇهن ڄڻن تي مشتمل اصحابن سڳورن جي هڪ كميٽيءَ ڏانهن خلافت منتقل كئي. اهي ڇهه ئي سڳورا انسان عشره مبشره مان آهن. يعني جن كي نبي كريم ﷺ جن دنيا ۾ ئي جنت جي خوشخبري ٻڌائي هئي. حضرت عمر فاروق فرمايو ته:

مَا اَجِدُ اَحَدًا اَحَقَّ بِهٰذَا الْاَمْرِ مِنْ هٰٓؤُلَآءِ الَّذِيْنَ تُوُفِّيَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَهُوَ عَنْهُمْ رَاضٍ (1)

[آءٌ هنن كان وڌيڪ كنهن كي خلافت جو حقدار نٿو سمجهان. هي

---

(1) سنن البيهقي الكبري ص ١٤٩ ج ٨- الطبقات الكبري ص ٢٠٠ ج ٣- تهذيب الاسماء ص ٣٣١ ج ٢ الرياض النضرة ص ٢٤٥ ج ٢.

(1) بخاري ص ٤٦٩ ج ١، مسلم ص ٣٩٦ ج ١، ابن حبان ص ٤٤٤ج ٥، مسند ابي عوانه ص ٤٤٠ ج ٣، سنن بيهقي كبري ص ١٥٠ج ٨، مصنف ابن ابي شيبه ص ٤٣٦ ج ٧، مسند احمد ص ١٢٧ ج ١ وغيره

www.maktabah.org

اهي پلارا ماڻهو آهن. جن کان رسول الله ﷺ جن مرڻ گهڙيءَ تائين راضي هو.]

اهي ڇهه بزرگ اصحابي هي هئا هرهڪ: حضرت عثمان، علي، زبير، طلحه، عبدالرحمن بن عوف ۽ سعد بن ابي وقاص. حضرت عمر رضي الله عنه جي ڪفن دفن کان پوءِ پنجن ڇڻن پنهنجا اختيار حضرت عبدالرحمن بن عوف کي ڏنا ته پاڻ سڳورو جنهن کي خليفو چونڊيندو ٻيا سڀ ان کان راضي ٿيندا. عبد الرحمن بن عوف، خلافت لاءِ حضرت عثمان رضي الله عنه کي چونڊيو جنهن جي سيني اصحابن سڳورن بيعت ڪئي ۽ جمعي جي نماز کان پوءِ نظام خلافت سنڌس حوالي ڪيو ويو. سن ۳۵هـ ۾ حضرت عثمان رضي الله عنه کي باغين شهيد ڪيو ۽ خلافت حضرت حيدر ڪرار ڏانهن منتقل ٿي. جيئن ته انهيءَ زماني ۾ حضرت علي رضي الله عنه سيني ۾ افضل هو انهيءَ کري مهاجرن ۽ انصارن سيني سنڌس بيعت ڪئي ۽ انهيءَ رسول الله ﷺ جن جي پيروي ڪندي خلافت جو نظام هلايو. ڇهن سالن کان پوءِ چوٿين خليفي به شهادت جو شربت پيتو. جنهن کان پوءِ امير معاويه خليفو ٿيو. جيڪو خلفاءِ راشدين مان نه پر بادشاهن مان آهي، ڇاڪاڻ ته صحيح حديث ۾ آهي ته:

اَلْخِلَافَةُ بَعْدِيْ ثَلَاثُوْنَ سَنَةً (1)

[مون کان پوءِ خلافت ٽيهه سال هلندي.]

حضرت علي ڪرم الله وجهه جي شهادت نبي ﷺ جن جي رحلت جي ٽيهن سالن کان پوءِ ٿي. خلافت جي زماني کي مجموعي لحاظ سان هن طرح ورهائي سگهجي ٿو:

1ـ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي خلافت ٻه سال ٻه مهينا، حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جي خلافت ڏهه سال ٿي مهينا، حضرت عثمان رضي الله عنه جي خلافت يارهن سال چار مهينا ۽ حضرت

(1) تفسير قرطبي ص ۲۹۷ ج ۱۲ آيت: وعدالله الذين آمنوا منكم۔ ابن كثير ص ۳۰۲ج۳- ابن حبان ص ۳۹۲ ج ۱۵- موارد الظلمآن ص ۳٦۹ج ۱- المعجم الكبير ص ۸۹ ج ۱- فتح الباري ص ۷۷ ج ۸- شرح السنن ابن ماجه ص ۵ ج ۱- فيض القدير ص ۵۰۹ ج ۳- نيل الاوطار ص ۳۴۲ج ۷

www.maktabah.org

علي ڪرم الله وجهه جي خلافت ڇهه سال هئي. جملي ٽيهه سال ٽيا.[2]

بعض روايتن مطابق شير خدا حضرت حيدر ڪرار رضي الله عنه جي خلافت ڇهن سالن کان ڪجهه گهٽ آهي. اهڙي طرح خلافت راشده جي ٽيهه سالن جي مدت، امير المؤمنين حسن بن علي رضي الله عنه جي ڇهن مهينن تي پوري ٿئي ٿي.[1] بعض حضرات جي قول مطابق متين حديث جو مطلب هي آهي ته خلافت وڏ ۾ وڏ يا گهٽ ۾ گهٽ ٽيهه سال هلندي. هن ڏس ۾ جيڪي ڪجهه هن وقت تائين عرض ڪيو ويو، اهو اهل السنة والجماعة جي بعض اڪابرن جو قول آهي ۽ متي بيان ڪيل حديث مان ان جي تائيد ٿئي ٿي.

انهيءَ حديث جي معنيٰ هي آهي ته الله تعالىٰ جي مرضي مطابق خلافت راشده ڪامل نموني ۽ لڳاتار ٽيهه سال رهندي، ان کان پوءِ تبديل ٿي ويندي، جيئن حديث آهي ۽ جيئن انهن روايتن مان به معلوم ٿئي ٿو ته جڏهن اها ڳالهه حضرت امير حسن رضي الله عنه تائين پهتي ته خلافت کي ڇڏي ڏنائين ۽ اڪيلائپ جي زندگي اختيار ڪيائين، والله اعلم.

ڄاڻڻ گهرجي ته اصحابن سڳورن جو ذڪر خير ڪرڻ کان سواءِ، سندن خلاف زبان کولڻ جي منع آهي، ڇاڪاڻ ته الله تعالىٰ پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ سندن جتي به ذڪر ڪيو آهي، خير ۽ پلائيءَ سان ذڪر فرمايو آهي، ان ڏس ۾ ڪجهه آيتون بيان ٿي چڪيون، مثلاً: وَالسَّابِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ [ايمان ۽ هجرت ۾ اڳرائي ڪندڙ اصحابي.] پڙ فرمائي ٿو:

---

(2) امام قرطبي ص ۲۹۸ ج ۱۲ ۾ بحواله تشيري فرمائي ٿو ته اهوئي قول حضرت ابن عباس رضي الله عنهما جو آهي ۽ سندس دليل رسول الله ﷺ جي آزاد ڪيل غلام سفينه رضي الله عنه جي حديث آهي ته مون کان پوءِ خلافت ٽيهه سال رهندي، ان کان پوءِ بادشاهي نظام قائم ٿيندو. سفينه فرمائي ٿو ته: ۲ سال صديق اڪبر جا، ۱۰ سال عمر فاروق جا، ۱۲ سال عثمان ذوالنورين جا ۽ ۶ سال علي ڪرم الله وجهه جا شمار ڪر. پڙ اها حديث ڏسو: ابوداؤد ص ۲۱۱ ج ۴ حديث: ۴۶۴۶ـ الاحاد والمثاني ص ۱۲۹ ج ۱ـ المعجم الكبير ص ۸۹ ج ۱ـ تهذيب الكمال ص ۳۷۸ ج ۱۰ـ فضائل الصحابة لابن حنبل ص ۴۸۷ ج ۱

(1) انهيءَ موضوع جي تفصيل ۽ تحقيق لاءِ ڏسو ڪتاب: "شهيد ڪربلا..."، قاري محمد طيب رح.

www.maktabah.org

مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗۤ اَشِدَّآءُ عَلَى الْكُفَّارِ [2]

[الله جو رسول ۽ سندس ساٿي، ڪافرن تي سخت ۽ پاڻ ۾ رحمدل آهن، ڪين رڪوع ۽ سجدا ڪندين ڏسندين، الله جي فضل ڪي تلاش ڪن ٿا.]

اهڙيءَ طرح سندن عظمت شان ۽ سندن مانَ، مرتبي جي باري ۾ ڪجهه حديثون به بيان ٿي چڪيون، مثلاً:

خَيْرُ الْقُرُوْنِ قَرْنِيْ ثُمَّ الَّذِيْنَ يَلُوْنَهُمْ ثُمَّ الَّذِيْنَ يَلُوْنَهُمْ [1]

[بهترين زمانو منهنجو آهي، پوءِ جو ان کان پوءِ آهي، پوءِ جو ان کان پوءِ آهي.]

اَكْرِمُوْا اَصْحَابِيْ فَاِنَّهُمْ خِيَارُكُمْ [2]

[منهنجن اصحابن جي عزت ڪريو، چوته اهي توهان کان پلارا آهن.]

لَا تَسُبُّوْا اَصْحَابِيْ فَلَوْ اَنَّ اَحَدَكُمْ اَنْفَقَ مِثْلَ اُحُدٍ ذَهَبًا مَا بَلَغَ مُدَّ اَحَدِهِمْ وَلَا نَصِيْفَهُ [3]

[منهنجن اصحابن کي گاريون نه ڏيو، چاڪاڻ ته جيڪڏهن توهان مان ڪو احد جبل جيترو سون به الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪندو تڏهن به انهن مان جنهن هڪ ٽوپو يا اڌ ٽوپو الله تعاليٰ جي واٽ ۾ خرچ ڪيو آهي، انهيءَ جي اجر کي به نه پهچندو.]

لَا تَتَّخِذُوْهُمْ غَرَضًا مِنْ بَعْدِيْ فَمَنْ اَحَبَّهُمْ فَبِحُبِّيْ اَحَبَّهُمْ وَمَنْ اَبْغَضَهُمْ فَبِبُغْضِيْ اَبْغَضَهُمْ وَمَنْ اٰذَاهُمْ فَقَدْ اٰذَانِيْ وَمَنْ اٰذَانِيْ فَقَدْ اٰذَى اللّٰهَ وَمَنْ اٰذَى اللّٰهَ يُوْشِكُ اَنْ يَّاْخُذَهٗ [4]

---

(2) سورة الفتح آيت: ٢٩ پ٢٦

(1) هن حديث جا حوالا صفحي 113تي گذري چڪا آهن.

(2) الاحاديث المختارة ٢٦٨ ج ١- مسند الشافعي ص ٢٤٤ ج ١- سنن الكبري ص ٣٨٧- ٣٨٨ ج ٥- شرح معاني الآثار ص ١٥٠ ج ٤- المعجم الاوسط ص ٢٠٤ ج ٣- مسند الحميدي ص ١٩ ج ١ - مسند الشهاب ص ٢٤٩ ج ١- مسند الطيالسي ص ٧ ج ١- المعجم الصغير ص ١٥٨ ج ١- الايمان لابن منده ص ٩٨٢ ج ١.

(3) هن حديث جا حوالا صفحي 110 تي لکجي چڪا آهن.

(4) هن حديث جا حوالا صفحي 109تي ڏسو.

www.maktabah.org

[منهنجن ساڻين جي باري ۾ خدا جو خوف ڪريو خدا جو خوف ڪريو. مون کان پوءِ کين پنهنجي ساڻ ۾ دشمنيءَ جو نشانو نہ بنائجو. پوءِ بيشڪ جيڪو ساڻن محبت ڪندو تہ منهنجي محبت سبب ساڻن محبت ڪندو ۽ جيڪو ساڻن دشمني ڪندو تہ مون سان دشمنيءَ سبب ساڻن دشمني ڪندو ۽ جنهن کين ايذايو بيشڪ انهيءَ مون کي ايذايو ۽ جنهن مون کي ايذايو تہ بيشڪ انهيءَ الله کي ايذايو ۽ جنهن الله کي ايذايو تہ ويجهو آهي تہ کيس پڪڑي.]

www.maktabah.org

حضرات حسنين رضي الله عنهما جون فضيلتون

ابو محمد حسن بن علي رضي الله عنه هجرت جي ٽئين سال رمضان جي پندرهين تاريخ مدينه منوره ۾ ڄائو.

امام حسن جا ۱۵ فرزند هئا: ۱- حسن ۲- زيد ۳- عمر ۴- حسين ۵- عبدالله اڪبر ۶- عبدالرحمن ۷- عبدالله اصغر ۸- اسماعيل ۹- محمد ۱۰- يعقوب ۱۱- جعفر ۱۲- طلحه ۱۳- حمزه ۱۴- ابوبڪر ۱۵- قاسم.

امام المشرقين والمغربين حضرت امام حسين پنهنجي سڳوري ياءُ، امام حسن جي پيدائش کان پنجاه ڏينهن بعد سيده خاتون جنت جي بطن مبارڪ ۾ آيو ۽ ڇهن مهينن جي حمل جي مدت ۾ ڄائو. ياد رهي ته (مشهور شخصيتن ۾) حضرت يحيٰ بن زڪريا عليهما السلام ۽ حضرت امام حسين رضي الله عنه کان سواءِ ايتري گهٽ عرصي ۾ پيدا ٿي، ڪو انسان زنده نه رهيو آهي. رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي ته حسن ۽ حسين ٻئي منهنجا پٽ آهن. جنهن انهن کي پيارو رکيو. انهيءَ مون کي پيارو رکيو ۽ جنهن مون کي پيارو رکيو، تنهن کي الله پيارو رکندو ۽ جنهن کي الله پيارو رکندو، تنهن جي جزا جنت آهي ۽ جيڪو ائين نه ڪندو (يعني ساڻن ساڻ ۽ دشمني ڪندو) تنهن جي جاءِ جهنم آهي. حضرت امام حسن رضي الله عنه جي عمر ۴۶ سال هئي. حضرت امام حسين رضي الله عنه پنهنجي وڏي ياءُ جي وفات کان پوءِ ڏهه سال جيئرو رهيو ۽ ڏهين محرم سن ۶۱هه ۾ ڪربلا ۾ شهادت جو شربت پيتائين. امام حسين جا ست پٽ هئا هرهڪ: ۱- علي اصغر ۲- علي اڪبر ۳- جعفر ۴- عبدالله ۵- عمر [1]

سندس نسب جو سلسلو حضرت امام زين العابدين مان جاري آهي. پي اولاد جو سلسلو هلي نه سگهيو. جڳائي ته دل ۽ جان سان اهل بيت پاڪ جي عزت ۽ خدمت ڪئي ويي. ڇاڪاڻ ته اها ڳالهه ٻنهي جهانن جي سعادت ۽ نيڪ بختيءَ جو سبب آهي. ڇاهي اهي نيڪ

(1) ۲ نالا رهجي ويا آهن. مترجم

www.maktabah.org

هجن يا بد، چاڪاڻ تہ حضرت رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي تہ: اَلصَّالِحُوْنَ وَالطَّالِحُوْنَ يعني اهي صالح هجن يا غير صالح سيني جو ادب ۽ احترام ڪريو.

هر صورت ۾ اهو ادب جو مقام آهي، جنهن ۾ ظاهري ۽ باطني ڪنهن بہ قسم جي ڪوتاهي ۽ ڪمي ڪرڻ نہ گهرجي، جيئن ٻنهي جهانن ۾ ڪاميابي نصيب ٿئي. يزيد ملعون وانگر انهن سان تعصب ۽ ايذارسانيءَ وارو سلوڪ نہ ڪجي، نہ تہ دائمي نقصان پوڳٽو پوندو. هن فقير غوث الحق والدين حضرت پير دستگير رح کان پڇيو تہ آل رسول ﷺ مان ڪنهن کي ايذائيندڙ شخص جي باري ۾ چا ٿا فرمايو؟ ارشاد فرمايائون تہ اهڙو شخص لعنتي آهي، چاڪاڻ تہ اصول آهي تہ اِيْذَاءُ الْخَلْفِ عَائِدٌ لِلسَّلَفِ، يعني پوين کي ايذائڻ، دراصل سلف يعني سندن اڳين بزرگن کي ايذائڻ آهي. اهڙو شخص الله تعالي جي هن ڏمڪيءَ ۾ شامل آهي:

اِنَّ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَاَعَدَّ لَهُمْ عَذَابًا مُّهِيْنًا ﴿٥٧﴾ وَالَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ بِغَيْرِ مَا اكْتَسَبُوْا فَقَدِ احْتَمَلُوْا بُهْتَانًا وَّاِثْمًا مُّبِيْنًا ﴿٥٨﴾ (1)

[بيشڪ جيڪي الله ۽ ان جي رسول کي ايذائن ٿا، دنيا ۽ آخرت ٻنهي جهانن ۾ انهن تي الله جي لعنت آهي ۽ انهن لاءِ خوار ڪندڙ عذاب آهي ۽ جيڪي ماڻهو مؤمن مردن ۽ عورتن کي ناحق ايذائن ٿا تہ بيشڪ انهن وڏو بهتان ۽ پڌرو گناه ڪمايو.]

انهن پوين جا حالات بہ پنهنجن عظيم بزرگن وانگر آهن.

نقل آهي تہ هڪ ڏينهن امير المؤمنين حسن رضي الله عنه وٽ هو. هڪ يهودي شخص کين گهٽ وڌ ڳالهايو. ماڻهو ان کي سزا ڏيڻ لاءِ اٿيا. امير المؤمنين منع فرمائي ۽ يهوديءَ کي چيائون تہ جيڪڏهن بکيو آهين تہ توکي کاڌو کارايون، قرض جي ادائيگي لاءِ امداد گهرجئي تہ تنهنجي امداد ڪريون، ڪنهن سان دشمني اٿئي تہ تنهنجي مدد ڪريون، کا بي آرزو ۽

(1) سورة الاحزاب آيت: ٥٧-٥٨

www.maktabah.org

مقصد اٽئي ٽ اهو بہ ٻڌاءِ ٽ ان کي بہ پورو ڪريون. جڏهن حضرت امير حسن رضي الله عنه اهڙي نهڻائپ ۾ ٻاجهہ سان فرمايو ٽ يهودي چوڻ لڳو ٽ تو ڏاڍي سياست ۾ حيلي بازي ڪئي آهي. تنهنجو پيءُ بہ وڏو حيلي باز ۾ وڏو سياست باز هو بلڪ ان کان بہ گهٽ وڌ گفتا ڪيائين. تڏهن سندس ساٿي تلوارون ڪڍي ان جي سر تي اُڇيون ڪري بيٺا تان ٽ پاڻ حڪم فرمائن ٽ سندس سسي ڏڙ کان ڌار ڪريون. حضرت امام حسن رضي الله عنه انهن کي منع فرمائي. اهو حال ڏسي انهيءَ يهوديءَ ڏاڍي عاجزي ۾ نوڙت سان پنهنجو سر سندس پيرن تي رکي. عرض ڪيو ٽ بيشڪ توهان حق تي آهيو ۾ توهان جو دين سچو آهي. مون کي معاف ڪريو ۾ دين اسلام ڏانهن هدايت فرمايو. پوءِ ڪلمو پڙهي اسلام جي شرف سان مشرف ٿيو. پاڻ ماڻهن کي فرمايائون ٽ ڇا اها ڳالهہ چڱي هئي ٽ ان کي سندس گستاخيءَ جي سزا ڏئي قتل ڪري دوزخ ۾ ڏڪيو وڃي ها ۾ اهو هميشہ مردود ۾ عذاب جو حقدار ٿئي ها يا هيءَ ڳالهہ چڱي آهي ٽ سهڻي سُلوڪ سبب مسلمان ٿيو ۾ جنت جو حقدار ٿيو ۾ سدائين ان جي نعمتن مان فيضياب ٿيندو.

هي آهي اهل بيت جو ڪردار ۾ اخلاق! جيڪڏنهن انهن جا اخلاق ۾ افعال ان جي ابتڙ ۾ خراب هجن ٽ پوءِ سمجهو ٽ سندس نسب ۾ رولو آهي يعني اهل بيت رسول مان نہ آهي. رسول الله ﷺ جن جو مان. مرتبو ايڏو بلند آهي جو سندن اولاد امجاد جا اخلاق غلط ٿي نڪا سگهن. جيئن امام ابوالفضل بخاري فرمائي ٿو جڏهن ان کان امام همام فخرالائمه جي موجودگيءَ ۾ پڇيو ويو ٽ: ڇا توهان اهل بيت رسول کي علامتن سان سڃاڻي سگهو ٿا؟ ڇيائين ٽ هائو! سندن ڪي خاصيتون ۾ خصلتون آهن جن جي وسيلي سڃاتا ويندا آهن: ١- ماڻهن سان سهڻي اخلاق سان پيش ايندا آهن ٢- ماڻهن جا عيب لڪائيندا آهن ٣- ڪاوڙ کائيندا آهن ۴- ماڻهن کي معاف ڪندا آهن ۵- حرام ڪم ڪندڙ يا ڪرائيندڙ نہ هوندا آهن. نبي ﷺ جن جي حديث آهي ٽ:

لَا يَلِيْطُ وَلَا يُلَاطُ

www.maktabah.org

[منهنجي اولاد مان نہ کو خراب کم کندو آهي ۽ نہ کرائيندو آهي.]

پهرئين ڳالهہ جو دليل تہ اهي وڏا بااخلاق هوندا آهن، هي آيت آهي تہ الله تعالي پنهنجي پياري رسول ﷺ جو شان بيان ڪيو آهي تہ:

وَإِنَّكَ لَعَلَىٰ خُلُقٍ عَظِيمٍ ﴿٤﴾ (1)

[بيشڪ تون وڏي اخلاق وارو آهين.]

انهيءَ ڪري علماءَ ڪرام جي اجماع موجب جنهن جو اخلاق خراب هجي اهو اهلبيت رسول مان ٿي نڪو سگهي ۽ جيڪو شخص ماڻهن تي ڪاوڙ ڪندو ۽ ڪاوڙ ڪيندو رهي، ان جو به رسول الله ﷺ سان نسب ثابت نہ ٿيندو جيئن حضرت مخدوم نوح رح فرمائي ٿو تہ امت تي واجب آهي تہ اولاد رسول جي سچاڻپ ڪري ڇاڪاڻ تہ آخري زماني ۾ گهٽا ماڻهو علوين وانگر ڏڳها وار رکي دعوي ڪندا تہ اولاد رسول مان آهن. پوءِ جيڪڏهن انهن ۾ مٿي بيان ڪيل علامتون موجود هجن تہ ويساه ڪرڻ گهرجي تہ اهلبيت مان آهن ۽ سندن عزت احترام ڪجي ۽ انهن جي غلطين کي معاف ڪرڻ گهرجي ۽ جيڪڏهن اهي علامتون منجهن نہ هجن تہ ماڻهن تي انهن جو احترام واجب نہ آهي. هن آخري زماني ۾ اهو مسئلو پيدا ٿي پيو آهي ۽ ماڻهو ان کان غافل آهن، طحاوي ۾ ائين آهي.

(1) سورة القلم آيت: ۴، پ ۲۹

www.maktabah.org

باب ڇهون

فتح بابت معراج

سلطان الانبياءِ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن فرمايو تہ، مون معراج جي سفر دوران اتي تمام گهڻا عجيب علائقا ۽، حيران ڪندڙ مقامات ڏٺا. جڏهن سدرة المنتهيٰ تي پهتس تہ جبرئيل عليه السلام اتي بيهي رهيو. مون چيو تہ اي جبرئيل! مون کي اڪيلو نہ ڇڏ! انهيءَ عرض ڪيو تہ اي الله جا رسول! متي هلڻ جي مجال مون ۾ نہ آهي. اسان مان هر هڪ جو مقام مقرر ۽ معروف آهي. منهنجو خدمت اقدس ۾ رهڻ جو وقت ختم ٿي ويو. رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ اي جبرئيل! تو پاڻ چيو هو تہ توهان کي وٽي اڏرندس.... هاڻي ڇا جي ڪري رکجي ويو آهين؟ ائين فرمائي جبرئيل جو هٿ پکڙي کيس هڪ قدم اڳتي آندائون. حضرت جبرئيل کي الله تعالي جي هيبت جي ڪري ڏڪڻي وٽي وئي. اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا. عرض ڪيائين تہ اي الله جا رسول ﷺ مون کي معاف فرمايو ۽ اتي ڇڏي ڏيو:

لَوْ دَنَوْتُ قِيْدَ اُنْمُلَةٍ لَاَحْرَقْتُ[1]

[جيڪڏهن هڪ آڱر بہ اڳتي وڌان تہ الله تعالي جي هيبت ۽ جلال جي ڪري سڙي وڃان.]

ٿورو اڳتي وڌيس تہ هڪ فرشتو نظر آيو. جيڪو نماز پڙهي رهيو

---

(1) اها روايت عام مذهبي ڪتابن ۾ حوالن ۽ سَنَدَ کان سواءِ ليي ٿي. حوالي ۽ سَنَد سان حضرت انس رضي الله عنه جي هيءَ روايت بيان ڪئي وڃي ٿي تہ نبي ڪريم ﷺ جن حضرت جبريل امين عليه السلام کان پڇيو تہ ڇا توهان پنهنجي رب کي ڏٺو آهي؟ عرض ڪيائين تہ منهنجي ۽ الله تعالي جي وچ ۾ نور جا ستر حجاب آهن. جيڪڏهن انهن مان ڪنهن هڪ جي بہ ويجهو وڃان تہ سڙي رک ٿي وڃان: الفردوس بماثور الخطاب حديث : ٣٤١١- فيض القدير ص٧٨ ج٤- حلية الاولياءِ ص٥٥ ج٥- مجمع الزوائد ص٧٥ ج١- المعجم الاوسط ص٢٧٨ ج٦- العظمة ص٦٧٧ ج٢، ٩٥٧ ج٣- پر حديث جي عالمن وٽ اها ۽ اهڙيون ٻيون بہ ڪافي حديثون صحيح نہ آهن. ڏسو: سير اعلام النبلاءِ ص٢٤١ ج٦

www.maktabah.org

هو. جنهن مون کي چيو تہ اي الله جا رسول! (توهان کي مبارڪ هجي جو) الله تعالي توهان کي ختم نبوت جو مقام عطا فرمايو. مون جبرئيل امين عليه السلام کان پڇيو تہ هي فرشتو توهان ڏٺو آهي؟ انهيءَ چيو تہ اي الله جا رسول هن کان اڳ مون ان کي ڪڏهن نہ ڏٺو. هينئر توهان جي رفاقت ۾ ڏٺو اٿم. ان مهل جبرئيل امين واپس ويو. فرشتي پنهنجو هٿ حجاب (پردي) مان ڪڍيو مون کي کنيو ۽ پاڻ اتي ٻيهي رهيو ۽ آءٌ اڳتي وڌيس. عظمت ۽ نور جا حجاب طيَ ڪندي اڳتي وڌيس. ايستائين منهنجي سواري براق جي هئي. ان کان پوءِ "رفرف" ظاهر ٿي، جنهن تي چڙهي عرش عظيم تي پهتس. پوءِ ميڪائيل ظاهر ٿيو مون ان تي قدم رکيا. مون کي کٽي اڳتي وڌيو تانجو پاڻيءَ جي دريا وٽ پهتس. اهو پار ڪيو تہ ان کان پوءِ باه جو درياءُ آيو جنهن کي ٻہ پار ڪيم. ان کان پوءِ اهڙا پردا ڏٺم جو هرهڪ پردي جي ڏيگهہ پنج سو سالن جي مفاصلي جيتري هئي. ان کان پوءِ حجاب نظر آيا هر حجاب جي ڏيگهہ هڪ هزار سالن جي مفاصلي جيتري هئي. اتي ميڪائيل ترسي پيو ۽ اسرافيل عليه السلام سامهون آيو. مون سان احترام سان پيش آيو. مون کي پنهنجي پر تي ويهاريائين. انهن حجابن کان اڳتي وڌيس تہ تمام وڏا درياءَ آيا. هرهڪ درياءَ جي ويڪر دنيا جي حساب سان ستر هزار سالن مفاصلي جيتري هئي. اتان ٻہ لنگهيس. ڪنهن ٻہ قسم جو آواز ٻڌڻ ۾ نہ آيو. تانجو ڪنهن فرشتي جي "سبحان الله" ۽ "الحمدلله" چوڻ جو آواز ٻہ مون نہ ٻڌو.

جڏهن مخلوق کان گذري انهيءَ جهان ۾ پهتس جتي هر شيءِ الله تعالي جي عظمت ۽ جاه جلال ۾ حيران ۽ بيحال هئي تہ پوءِ اهڙا (خوبصورت) حجاب (پردا) ڏٺم جو جيڪڏهن پوري ڄمار انهن جي صفت ۽ تعريف بيان ڪجي تڏهن ٻہ انهن جو بيان ختم نہ ٿئي. پوءِ قادر مطلق جي قدرت جا حجاب آيا. اتي اسرافيل ٻہ رڪجي ويو. انهيءَ قدم بوسي ڪندي معذرت ڪئي ۽ مون کان موڪل ورتائين. پوءِ عرش الاهيءَ جي پردن وٽ پهتس جيڪي ستر هزار هئا. هر پردو ستر هزار سالن جي مفاصلي جيترو ڏگهو هو. هر پردي تي ستر هزار فرشتا هئا. انهن مان

www.maktabah.org

هرهڪ فرشتي جي هڪ ڪلهي کان ٻئي ڪلهي تائين مفاصلو ستر هزار ورهين جيترو هو. انهن پردن مان ڪي اڇن موتين سان، ڪي هيرن سان ڪي ٻين جواهرن سان پريل هئا. هر پردي تي هڪ فرشتو منتظم مقرر هو. "رفرف" تي ستر هزار فرشتا هئا. اتان گذري عرش تائين پهتس. منهنجي قدمن هيٺان رفرف غائب ٿي ويو. گهوڙي جي شڪل جهڙي سواري سامهون آئي جيڪا سفيد موتين جي تسبيح پڙهي رهي هئي. ان جي منهن مان نور نڪري رهيو هو. مون کي کٽي انهن پردن وٽان اڳتي لنگهي وئي. مون کي ڪنيائين تانجو انهن پردن وٽان گذري وياسون. جڏهن الله تعالي جي شان ڪبريائي وٽ پهتس ته هڪ آواز ٻڌم ته أُدْنُ مِنِّي، يعني منهنجي ويجهو ٿيءُ. جڏهن به اهو آواز يا خطاب ٻڌم ٿي ته ڪجهه وکون اڳتي ڪنيم هر وک ايڏي وڏي هئي جيترو مفاصلو زمين کان هيستائين طي ڪيو هيم. پوءِ مقام فَتَدَلّٰى تي پهتس. اتان اڪيلائيءَ واري هنڌ پهتس. فرمائي ٿو:

فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنٰى ﴿٩﴾[1]

[پوءِ ٻن ڪمانن جيترو يا ان کان به ويجهو هو.]

پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو ته مون ان مرتبي کي سڃاتو. فرمايائين:

فَاَوْحٰۤى اِلٰى عَبْدِهٖ مَاۤ اَوْحٰى ﴿١٠﴾[2]

[پوءِ پنهنجي ٻانهي ڏانهن وحي ڪيائين جيڪا به وحي ڪيائين.]

اهو راز لڌم (حضرت امام جعفر صادق فرمائي ٿو ته "دنا" يعني حضرت محمد ﷺ الله کي ويجهو ٿيو ۽ اها ڪيفيت نامعلوم آهي) فتدلي يعني پوءِ اڳيو ۽ گهٽو ويجهو ٿيو ۽ حجاب ان کان هٽايا ويا ۽ وري حجاب هيٺ ڪيا ويا. انهن حجابن کي وري ۷۰ اونداهين، ۷۰ سج جي روشنيءَ جا، ۷۰ چنڊ جي روشنيءَ جا، ۷۰ زمرد جا، ۷۰ موتين جا، ۷۰ ياقوت، ۷۰ جواهر جا پردا هئا. تانجو محبوب ۽ حبيب جي درميان ٻن ڪمانن جيترو

(1) سورة النجم آيت:۹

(2) سورة النجم آيت:۱۰

www.maktabah.org

مفاصلو باقي بچيو. جيئن قرآن ۾ آهي: اَوۡ اَدۡنٰی (ان کان بہ وڌيڪ قريب پهتو) غرض نبي ﷺ جن اتي پهتا، جتي الله تعالي جي جلال جمال جي هيبت ظاهر ٿي. ربوبيت واري عزت آواز ڏنو تہ "وڌيڪ ويجهو اچ" پوءِ پاڻ ويجهڑائيءَ جي مقام تي ايترو قريب پهتا، جو جسم کي دل جي خدمت، جان کي مشاهدو ۽ وصال جو راز نصيب ٿيو. ظاهري محسوس ڪندڙ عضوا معطل ٿيا. "عام عنايت" جو غيبي ڪلام ٻڌم. الله جو ڪلام بغير واسطي جي ٻڌم، بلڪ جيڪي ڪجهہ ٻڌم، سو اکين سان ڏٺم.

مَا زَاغَ الْبَصَرُ وَمَا طَغٰى ﴿۱۷﴾ (3)

[نہ نگاه ويڪي ۽ نہ اها پنهنجي جاءِ تان ڦري.]

يعني پاڻ فرمائين ٿا تہ جيڪي لغزشون ٿيون تہ ٻين کان ٿيون، مون کان نہ ٿيون، تانجو اَوۡ اَدۡنٰی واري مقام تي پهتس تہ عين اليقين جو علم حاصل ٿيو. درميان مان مفاصلو ۽ فرق ختم ٿي ويو. "ربوبيت" جي نور سيني حجابن ۽ رڪاوٽن کي ساڙي چڏيو. اَلَمۡ تَرَ اِلٰی رَبِّكَ يعني ڇا تو پنهنجي رب ڏانهن نہ ڏٺو. اها آيت سڳوري منهنجي نظر ۽ اکين جو سرمو ٿي وئي. سندس شان اهو آهي تہ لَا تُدۡرِكُهُ الۡاَبۡصَارُ وَهُوَ يُدۡرِكُ الۡاَبۡصَارَ يعني اکيون انهيءَ الله پاڪ کي ڏسي نٿيون سگهن ۽ اهو اکين کي ڏسي ٿو.

رب تعالي نگاه ڪرم فرمائي، پنهنجي خاص ٻانهي حضرت محمد مصطفي ﷺ سان راز ۽ نياز جون ڳالهيون فرمايائين ۽ جيڪي ڪجهہ فرمايائين، ان کي ظاهر نہ ڪيائين تہ ڇا فرمايائين. اهو هڪ وڏو راز ۽ اسرار آهي ۽ ڳجهي ڳالهہ لکائڻ بهتر هوندي آهي. جيڪڏهن توهان الله تعالي جي نعمتن کي ڳڻيندا تہ ڳڻي نہ سگهندا. جيئن قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو تہ:

وَاِنۡ تَعُدُّوۡا نِعۡمَتَ اللّٰهِ لَا تُحۡصُوۡهَا (1)

---

(3) سورة النجم آيت:۱۷

(1) سوره ابراهيم آيت : ۳۴، پ۱۴

www.maktabah.org

[ءِ جيڪڏهن توهان الله تعالي جي نعمتن کي ڳڻڻ چاهيندا تہ انهن کي ڳڻي نہ سگهندا.]

پاڻ ڪريم ﷺ انهيءَ راز کان مستفيد ءِ مستفيض ٿيا ءِ جيڪا نعمت الله تعالي نبي سڳوري تي فرمائي، پاڻ انهيءَ کي ظاهر ڪيائون، چاڪاڻ تہ حڪم فرمائي ٿو تہ وَاَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ [ءِ پنهنجي رب جي نعمت کي بيان ڪر.]

انهيءَ ڪري الله جي رسول پاڪ ﷺ جن فرمايو آهي تہ :

رَاَيْتُ رَبِّيْ فِيْ اَحْسَنِ صُوْرَتِهٖ

[مون پنهنجي رب کي بهترين صورت ۾ ڏٺو.]

فَقَالَ يَا مُحَمَّدُ فِيْمَ يَخْتَصِمُ الْمَلَأُ الْاَعْلٰى؟ قُلْتُ اَنْتَ اَعْلَمُ بِهَا (1)

[پوءِ ارشاد فرمايائين تہ اي محمد! مقرب فرشتا ڇا جي باري ۾ جهڪڙو ڪري رهيا آهن. مون ڇيو تہ تون وڌيڪ ڄاڻين ٿو.]

فَوَضَعَ كَفَّهٗ بَيْنَ كَتِفَيَّ فَوَجَدْتُ بَرْدَهَا بَيْنَ ثَدْيَيَّ فَعَلِمْتُ مَا فِي السَّمَاءِ

---

(1) صحيح هي آهي تہ هن حديث ۾ رب سائين جي ديدار جو جيڪو ذڪر آهي، اهو معراج جي موقعي تي ٿيو هو. تفسير ابن ڪثير ص ۱۵۱ ج ۲ ۾ احمد ءِ ترمذيءَ جي حوالي سان حضرت معاذ بن جبل رضي الله عنه جي حديث آندي آهي تہ: اَتَانِيْ رَبِّيْ فِيْ اَحْسَنِ صُوْرَةٍ فَقَالَ يَا مُحَمَّدُ فِيْمَ يَخْتَصِمُ الْمَلَأُ الْاَعْلٰى (الحديث) يعني وڏا مقرب فرشتا ڇاجي باري ۾ بحث ڪري رهيا آهن؟ ساڳي تفسير جي صفحي ۴۴ ج ۴ ۾ ساڳي اصحابيءَ کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن سج نڪرڻ جي ويجهو هو تہ پاڻ سڳورا جلدي جلدي آيا ءِ نماز پڙهيائون. پوءِ فرمايائون تہ پنهنجي جاءِ تي وينا رهو. پوءِ ارشاد فرمايائون تہ: اِنِّيْ قُمْتُ مِنَ اللَّيْلِ فَصَلَّيْتُ مَا قُدِّرَ لِيْ فَنَعَسْتُ فِيْ صَلَاتِيْ (الحديث) اڄ رات آءٌ تهجد جي نماز پڙهي رهيو هيس، مون کي نماز ۾ ننڊ اچي وئي. ترمذي حديث نمبر ۳۲۳۳ ۾ ابن عباس رضي الله عنهما کان جيڪا روايت ان ڏس ۾ بيان ڪئي آهي، تنهن ۾ هي لفظ آهن: اَتَانِيْ اللَّيْلَةَ رَبِّيْ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِيْ اَحْسَنِ صُوْرَةٍ قَالَ اَحْسِبُهٗ فِي الْمَنَامِ راوي چوي ٿو تہ يانيان ٿو تہ پاڻ سڳورن ائين ٻہ فرمايو تہ ننڊ جي حالت ۾ اهو واقعو ٿيو. معلوم ٿيو تہ اهو ٻيو واقعو آهي، جيڪو ننڊ جي حالت ۾ واقع ٿيو. وڌيڪ تفصيل هنن ڪتابن ۾ ڏسو: مجمع الزوائد عن ابن رافع ص ۲۳۷ ج ۱- دارمي ص ۱۷۰ ج ۲ عن عبدالرحمن بن عائش حديث ۲۱۴۹ باب في رؤية رب تعالي في النوم- احمد حديث: ۳۴۸۴- المجمع الكبير ۳۱۷ ج ۱- الترغيب والترهيب عن ابن عباس ص ۱۷۴ ج ۱.

www.maktabah.org

وَالْاَرْضِ[2]

[پوءِ پنهنجو هٿ منهنجن ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ رکيائين، جنهن جي ٺڏاڻ مون پنهنجي سيني ۾ محسوس ڪئي، پوءِ مون کي آسمان ۽ زمين جي هر شيءِ جو علم حاصل ٿي ويو.]

مڪتوبات ۾ آهي ته جڏهن رسول الله ﷺ جن معراج کان واپس آيا، ته ام المؤمنين حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها اٿي ۽ عرض ڪيائين ته اي الله جا رسول! ڇا توهان پنهنجي رب کي ڏٺو (1)

پوءِ مسجد ۾ آيا ۽ حضرت بلال رضي الله عنه کي فرمايائون ته آذان ڏي. سڀ کان پهريائين نماز تي حضرت ابوبڪر صديق آيو ۽ چيائين ته اڄ سائين جن کي گهٽو خوش ڏسان ٿو. ارشاد فرمايائون ته اڄ آءٌ آسمان،عرش، ڪرسي، لوح، قلم ۽ قاب قوسين وٽ پهتس، پنهنجي پالٽهار سان هزار حڪايتون ڪيم ۽ ٻڌم. گهڻا عجيب غريب واقعا ڏٺم، جيڪي ڪنهن نه ڏٺا هوندا. جڏهن اها ڳالهه حضرت ابوبڪر صديق ٻڌي چيائين ته اي الله جا نبي!

---

(2) تفسير ابن جرير ص ۴۸ج۲۷- ابن ڪثير ص۳۰۶ج۱-ترمذي حديث :۳۲۳۳-دارمي حديث :۲۱۴۹- مجمع الزوائد ص ۳۲۱ج۶- مسند احمد حديث :۳۴۸۴-مسند الوياني ص ۲۹۹ج۲-المعجم الڪبير ص۱۰۹-ج۲۰- الاصابه ص۳۲۷ج۲- معجم الصحابه ص۱۰۲ج۲

(1) هن حديث ۾ ڪجهه اهڙيون ڳالهيون آهن، جنهن جي ڪري اها صحيح معلوم نٿي ٿئي، مثلاً: معراج مڪي ۾ ٿي، جيئن قرآن مان ثابت آهي ۽ نماز معراج کان پوءِ فرض ٿي، جيئن حديثن مان ثابت آهي، پڻ مڪي ۾ مسلمان اذان ڏئي باجماعت نماز بيت الله ۾ پڙهي نه سگهندا هئا. بلڪ مڪي ۾ نماز لاءِ آذان مقرر ئي نه ٿي هئي، بلڪ آذان مديني ۾ شروع ٿي. پوءِ اهو ڪيئن صحيح ٿيندو ته نبي ﷺ جن معراج تان واپس اچي بلال رضي الله عنه کي حڪر ڪيو ته آذان ڏي؟ پڻ نبي ڪريم ﷺ جن سان حضرت عائشه رضي الله عنها جو نڪاح مڪي ۾ ٿيو پر سندس رخصتي مديني ۾ ٿي. پوءِ پاڻ ڪيئن مڪي ۾ نبي سائين ﷺ کان پڇيائين ته توهان رب پاڪ جو ديدار فرمايو يا نه؟ تنهن ڪري حديث ثابت نه آهي ۽ نه ڪنهن ڪتاب ۾ ان جو حوالو ۽ سَنَد موجود آهي.

www.maktabah.org

هَلْ رَاَيْتَ رَبِّيْ فَقَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ رَاَيْتُ رَبِّيْ فِيْ لَيْلَةِ الْمِعْرَاجِ

[اي الله جا نبي! ڇا توهان منهنجي رب کي ڏٺو؟ فرمايائون ته مون معراج واري رات پنهنجي رب کي ڏٺو.]

الله تعالي فرمائي ٿو:

وَصَوَّرَكُمْ فَاَحْسَنَ صُوَرَكُمْ وَاِلَيْهِ الْمَصِيْرُ ﴿٣﴾ (2)

[پوءِ توهان کي شڪل ۽ صورت بخشيائين ۽ بهترين صورت ڏنائين.]

جڏهن ابوبڪر صديق رضي الله عنه اها ڳالهه ٻڌي ته سندس دل مضبوط ٿي ۽ چيائين ته منهنجا ماءُ پيءُ به ۽ آءٌ به توهان تي فدا ٿيان، منهنجن عزيزن، قربين سيني توهان تي ايمان آندو. مون پنهنجي دل جو ٽڪر ۽ اکين جو نور (عائشه صديقه) توهان کي بخشي (يعني نڪاح ۾ ڏني.) ۽ توهان مون کي ٻين جي بجاءِ پنهنجو يار غار بنايو. ارشاد فرمايو ته توهان الله تعالي کي ڪيئن ڏٺو؟ پاڻ خاموش رهيا ۽ صديق اڪبر رضه جواب جو انتظار ڪرڻ لڳو. پوءِ جبرئيل امين کي حڪم ٿيو ته محمد ﷺ وٽ وڃ ۽ کيس چؤ ته ابوبڪر صديق رضه کي فرمايو ته پاڻ محمد مصطفيٰ ﷺ جو يار غار آهي، اهو راز ڪنهن تي ظاهر نه ڪري ۽ ٻئي کي نه ٻڌائي.

الله تعالي قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

(2) سورة التغابن آيت:٣

www.maktabah.org

وَلَقَدْ خَلَقْنٰكُمْ ثُمَّ صَوَّرْنٰكُمْ ثُمَّ قُلْنَا لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ لَمْ يَكُنْ مِّنَ السّٰجِدِيْنَ ﴿١١﴾ (2)

[۽ بيشڪ اسان توهان کي پيدا ڪيو. پوءِ توهان کي شڪل صورت بخشي (پوءِ) فرشتن کي چيوسون تہ آدم کي سجدو ڪريو. پوءِ سيني سجدو ڪيو سواءِ ابليس جي، اهو سجدو ڪندڙن مان نہ ٿيو.]

۽ الله تعالي قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

هُوَ الْاَوَّلُ وَالْاٰخِرُ وَالظَّاهِرُ وَالْبَاطِنُ وَهُوَ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمٌ ﴿٣﴾ (1)

[اهو ئي اول، اهوئي آخر، اهوئي ظاهر، اهوئي باطن آهي ۽ اهو هر شيءِ تي وس وارو آهي.]

رَاَيْتُ رَبِّيْ فِيْ لَيْلَةِ الْمِعْرَاجِ بِاَحْسَنِ صُوْرَةٍ

[مون معراج واري رات پنهنجي رب کي سهڻي صورت ۾ ڏٺو.]

جڏهن ابوبکر صديق رضي الله عنه اها حديث سندن زبان مبارڪ مان ٻڌي تہ بي هوش ٿي ڪري پيو. هوش ۾ آيو تہ پڇيائين تہ:

يَا نَبِيَّ اللّٰهِ! هَلْ رَاَيْتَ رَبِّيْ وَرَبَّكَ مَعَ صُوْرَتِهٖ؟ فَقَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ رَاَيْتُ رَبِّيْ فِيْ لَيْلَةِ الْمِعْرَاجِ.... مَعَ وُجُوْدِ التَّمَامِ (2)

[اي الله جا نبي! ڇا توهان پنهنجي ۽ منهنجي رب کي پنهنجي صورت ۾ ڏٺو؟ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ مون معراج واري رات پنهنجي رب کي ڪامل وجود ۾ ڏٺو.]

---

(2) سوره الاعراف آيت: ١١

(1) سورة الحديد آيت: ٣

(2) هن هنڌ لفظ صاف نہ آهن ۽ رَاَيْتُ رَبِّيْ فِيْ لَيْلَةِ الْمِعْرَاجِ واريون جيڪي بہ روايتون بيان ڪيون وڃن ٿيون، اهي ثابت نہ آهن.

www.maktabah.org

الله تعالي قرآن مجيد ۾ فرمائي ٿو:

فَإِذَا سَوَّيْتُهُ وَنَفَخْتُ فِيهِ مِن رُّوحِي فَقَعُوا لَهُ سَاجِدِينَ ﴿٧٢﴾ (3)

[پوءِ جڏهن ان کي ناهي تيار ڪريان ۽ منجهس پنهنجو روح ڦوڪيان تہ ان کي سجدو ڪندي ڪري پئو.]

فَقَالَ رَسُوْلُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ... خِدْمَةِ اللهِ فَرَأَيْتُ صُوْرَتَهُ بَعْدَهُ

[پوءِ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ الله جي خدمت اقدس ۾ حاضر ٿيس پوءِ مون ان کي سندس صورت ۾ ڏٺو.]

پوءِ الله تعالي فرمايو تہ اي محمد ﷺ! اها هڪ عظيم راز جي ڳالهہ آهي.

بين حديثن ۾ بيان ٿيل صورتون

الله تعالي معراج جي رات هزار يعني بيشمار ڀيرا مخاطب ٿي فرمايو تہ: يَا مُحَمَّدُ! أُدْنُ مِنِّيْ يعني اي محمد! منهنجي ويجهو ٿيءُ.

هر ڀيري رسول الله ﷺ جن مٿي چڙهندا رهيا، تانجو منزل بمنزل پهريائين "دنا"، "تدلي" ۽ پوءِ "قاب قوسين او ادني" جي مقام تي پهتا. جيئن الله تعالي فرمائي ٿو: ثُمَّ دَنَا [پوءِ مقام قرب تي پهتا] يعني مرتبي ۽ منزل ۾ ايترو قريب پهتا، جو ان کان وڌيڪ مٿي کو مقام ۽ مکان نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ الله تعالي مکان ۽ زمان جي حد بنديءَ کان پاڪ آهي. ان کي مراد مرتبي ۽ درجي جي ويجهڙائي آهي. "فتدلي" جي معني آهي تہ الله تعالي کي سجدو ڪيائين، ڇاڪاڻ تہ اهو مرتبو عبادت سان ماڻيائون. الله تعالي جي طرفان سجدي جي ڪري قرب ملڻ جو وعدو فرمايل آهي. نبي ﷺ جن جي حديث مبارڪ آهي تہ:

أَقْرَبُ مَا يَكُوْنُ الْعَبْدُ مِنْ رَّبِّهِ وَهُوَ سَاجِدًا (1)

---

(3) سورة صٓ آيت: ٧٢ پ٢٣

(1) مسند ابي عوانه حديث: ١٨٥٦- كتاب الزهد لابن ابي عاصم ص ١٩٦ ج ١- الزهد لابن المبارك ص ٤٥٦ ج ١- شرح نووي ص ٢٠٠ ج ٤- قرطبي ص٦٣ ج١٠- مسلم حديث: ٤٨٢- صحيح ابن حبان حديث: ١٩٢٨- مجمع الزوائد ص١٢٧ ج٢- بيهقي حديث: ٢٥١٧- ابوداؤد حديث: ٨٧٥- نسائي حديث: ٨٧٥.

www.maktabah.org

[ٻانهو پنهنجي رب کي وڌيڪ ويجهو تڏهن هوندو آهي، جڏهن سجدي ۾ هوندو آهي.]

پوءِ پاڻ قرب مڻان قرب حاصل ڪيائون، يعني انهيءَ مقام تي پهتا، جنهن تائين ڪائنات مان ڪا به شيءِ پهچي نٿي سگهي ۽ نه ڪنهن جو قدم انهيءَ نفس تائين پهچي سگهي ٿو ۽ نه سندس نفس ان دل تائين پهچي سگهي ٿو ۽ نه سندس قلب انهيءَ روح کي پهچي سگهي ٿو ۽ نه سندس روح انهيءَ راز کي پهچي ۽ پروڙي سگهي ٿو. بعض تحقيق وارا فرمائين ٿا ته "ثم دنا" ۾ سندن پاڪ نفس ڏانهن، "فتدلي" ۾ سندن پاڪ دل ڏانهن، "قاب قوسين" ۾ سندن مبارڪ روح ڏانهن ۽ "او ادني" ۾ سندن نور جي راز ڏانهن اشارو آهي. سندن پيارو ۽ پاڪ نفس عبادت جي مقام تي، سندن سڳوري دل محبت جي مقام تي، سندن مقدس روح قرب جي مقام تي ۽ سندن راز مشاهدي جي مقام تي پهتو. سندن نفس دل جي خدمت ۾، سندن دل بقا واري محبت ۾، سندن روح غذا جي قربت ۽ سندن راز مشاهدي ۾ پهتو:

رباعي

اگر نفس او نظر هستي خويش کردي بي خدمت بماندي
اگر دل منور او نظر بر نفس بودي بي محبت بماندي
و اگر روح او را نظر بر دل افتادي بي قربت بماندي
اگر سر اقدس آن حضرت نظر بر روح افگندي بي مشاهدت بماندي.

[جيڪڏهن سندن نفس پنهنجي هستيءَ تي نگاه ڪري ها ته بغير عبادت جي رهي ها ۽ جيڪڏهن سندن روشن دل پنهنجي نفس ڏانهن نهاري ها ته بغير محبت جي رهي ها ۽ جيڪڏهن سندن روح دل تي نظر وجهي ها ته بغير قرب جي رهي ها ۽ جيڪڏهن پاڻ سڳورا پنهنجو راز مقدس روح تي وجهن ها ته بغير مشاهدي جي رهن ها.]

شيخ ابوالحسن نوري کان مڻي بيان ڪيل آيت جي باري ۾ پڇيو ويو ته چيائين ته پاڻ ڪريم ﷺ جن انهيءَ هنڌ تي پهتا، جتي جبرئيل عليه السلام سندن آواز ٻڌي نه سگهيو. پڻ فرمائي ٿو ته "دَنَا" کي ائين سمجهو ته اسان جا عاجز ذهن ڪڏهن ڪنهن شيءِ، يا ڪنهن شخص

www.maktabah.org

جو خيال ڪندا آهن، پر اها ڪا به شيءِ ۽ ڪو به شخص نه هوندو آهي. سوچ ۽ خيال ۾ ڪوتاهي واقع ٿي ويندي آهي. ماٺهو ڪڏهن سوچيندو آهي ته مڪان آهي، حالانڪ مڪان نه هوندو آهي. ڪڏهن سوچيندو آهي ته زماني سان تعلق رکندڙ شيءِ آهي، حالانڪ اها زماني سان تعلق رکندڙ شيءِ نه هوندي آهي. بعد ۾ "قاب قوسين" جي مقدار ڏانهن اشارو معلوم ٿيندو آهي، پر نه اشارو هوندو آهي ۽ نه مقدار. نيٺ انهيءَ لفظ ۾ شڪ محسوس ٿيندو آهي، حالانڪ شڪ، شبهو نه هوندو آهي. وري "او ادنيٰ" مبالغي جو صيغو معلوم ٿيندو آهي ته هي شخص ٻئي سان سڀ ڪان وڌيڪ ويجهو آهي. حالانڪ ڪيس ويجهڙائي حاصل نه هوندي آهي. بس، ويساه ڪرڻ گهرجي ته اها حقيقت اسان جي ڄاڻ، سوچ ۽ سمجهه ۾ اچڻ ڪان عاجز ۽ قاصر آهي. معرفت وارن وٽ مراد فقط ايتري آهي ته پاڻ سڳورا وڏ ۾ وڏ الله جي قرب کي پهتا، جنهن ڪري الله تعالىٰ کي سجدو ڪيائون، يا هي مطلب آهي ته ٻانهو ويجهو ٿيو ۽ جهڪيو يا پاڻ سڳورا ويجها ٿيا ۽ فرشتا جهڪيا يا فرش يعني زمين ويجهي ٿي ۽ عرش جهڪيو. يا "دنا" مجاهدو ۽ "دلي" مشاهدو آهي يا "دنا" طالب ۽ "دلي" مطلوب آهي، يا "دنا" طالب رحمت ۽ "دلي" رحمت عطا ڪندڙ آهي، يا "دنا" محتاجي ۽ "دلي" فخر ۽ شرف آهي، يا "دنا" منادي ۽ "دلي" سرگوشي ۽ مناجات آهي يا "دنا" مدح ڪندڙ ۽ "دلي" مدح ڪيل ذات آهي، يا "دنا" شڪر ڪندڙ ۽ "دلي" شڪر ڪيل هستي آهي. پڻ ڇيو ويو آهي ته انهن مان هڪ الله جي صفت آهي ۽ بي حضرت محمد پاڪ ﷺ جي صفت آهي، يعني:

هُوَ يَتَقَرَّبُ لِلّٰهِ تَعَالٰى وَاللّٰهُ يَقْرَبُهٗ وَكَانَ هُوَ يَتَكَلَّمُ وَاللّٰهُ يَسْمَعُهٗ وَكَانَ هُوَ يَسْئَلُهٗ واللّٰهُ يُعْطِيْهِ وَكَانَ هُوَ يَشْفَعُ وَاللّٰهُ يُشَفِّعُهٗ وَكَانَ هُوَ يَنْظُرُ فِيْ آيَاتِ اللّٰهِ وَاللّٰهُ يَنْظُرُ فِيْ اَدَبِ رَسُوْلِهٖ

[پاڻ سڳورا الله جو قرب گهري رهيا هئا ۽ الله قرب عطا فرمائي رهيو هو. پاڻ ڳالهائي رهيا هئا ۽ الله ٻڌي رهيو هو. پاڻ سوال ڪري رهيا هئا ۽ الله ڏئي رهيو هو. پاڻ شفاعت ڪري رهيا هئا ۽ الله شفاعت قبول

www.maktabah.org

فرمائي رهيو هو. پاڻ الله جي نشانين کي ڏسي رهيا هئا ۽ الله پنهنجي رسول ﷺ جي ادب کي ڏسي رهيو هو.]

تنهن ڪري فَكَانَ قَابَ قَوْسَيْنِ أَوْ أَدْنَىٰ ۾ قربت ۽ محبت جي تاڪيد ڏانهن اشارو آهي. جنهن کي سمجهائڻ لاءِ مثال بيان ڪجي ٿو. عربن جي عادت آهي ته جڏهن به جڏا پاڻ ۾ دوستي ۽ اخلاص جو عهد ڪندا آهن ته انهن مان ڪوبه پنهنجي وعدي جي هرگز پيچڪي نه ڪندو آهي. انهيءَ وقت ٻئي جڏا پنهنجي ڪمان ڪٽي پاڻ ۾ ملائيندا آهن. ٻئي ڪمان جي دستو پڪڙيندا ۽ تير اڇلائيندا آهن. يعني هاڻي اسان بنهي ۾ مڪمل ٻڌي ۽ موافقت پيدا ٿي چڪي. اهڙي پڪي پختي دوستي جو هڪ جي رضا ٻئي جي رضا ۽ هڪ جي ناراضگي ٻئي جي ناراضگي هوندي. ان مثال مطابق آيت سڳوريءَ ۾ فرمايو وڃي ٿو ته الله تعالي ۽ رسول الله ﷺ جن جي درميان ڪامل محبت ۽ ويجهڙائيءَ جو عهد ۽ اقرار ٿي چڪو. هاڻي جيڪو رسول سڳوري ﷺ جو مقبول هوندو اهوئي الله جو مقبول بانهو شمار ٿيندو ۽ جنهن کي رسول سڳورو ﷺ تڏيندو ان کي الله تعالي به پنهنجي رحمت کان تڏي ڪيندو. قرآن مجيد ۾ ڪيترين جاين تي انهيءَ مضمون جون آيتون موجود آهن. مثلاً فرمائي ٿو:

وَلِلَّهِ الْعِزَّةُ وَلِرَسُولِهِ (1)

[عزت الله ۽ ان جي رسول لاءِ آهي.]

وَمَنْ يُطِعِ اللَّهَ وَرَسُولَهُ (2)

[۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول جي اطاعت ڪندو.]

وَمَنْ يَعْصِ اللَّهَ وَرَسُولَهُ (3)

[۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول جي نافرماني ڪندو.]

وَيَنْصُرُونَ اللَّهَ وَرَسُولَهُ (4)

(1) سورة المنافقون آيت: ٨
(2) سورة النور آيت: ٥٢
(3) سورة النساء آيت: ١٤
(4) سورة الحشر آيت: ٨

www.maktabah.org

[الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي مدد ڪن ٿا.]

لَا تُقَدِّمُوْا بَيْنَ يَدَيِ اللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ (5)

[الله ۽ ان جي رسول کان اڳتي نہ وڌو.]

يعني انهن جي حڪمن کي پٺيءَ جي پويان نہ اچلايو.

اِنَّ الَّذِيْنَ يُبَايِعُوْنَكَ اِنَّمَا يُبَايِعُوْنَ اللّٰهَ (6)

[بيشڪ جيڪي تنهنجي بيعت ڪن ٿا، اهي الله سان بيعت ڪن ٿا.]

وَمَا رَمَيْتَ اِذْ رَمَيْتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ رَمٰى (7)

[جڏهن توهان متيءَ جي مٺ اچلائي (جنهن سان ڪافر انڌا ٿي ويا) تہ دراصل اها توهان نہ پر الله تعالي اچلائي.]

غرض تہ اهڙيون گهٽيون آيتون آهن. هي اُهو مقام آهي، جنهن کان مٿانهون ڪو مقام نہ آهي. امت محمدي ﷺ جي سالڪن ۽ عارفن کي بہ ان مقام مان ڪجهہ پاڻ نصيب ٿئي ٿو. جيئن حديث قدسي ۾ آهي: الله تعالي ارشاد فرمائي ٿو تہ:

لَا يَزَالُ عَبْدِيْ يَتَقَرَّبُ اِلَيَّ بِالنَّوَافِلِ حَتّٰى اُحِبَّهٗ فَاِذَا اَحْبَبْتُهٗ كُنْتُ سَمْعَهُ الَّذِيْ يَسْمَعُ بِهٖ وَكُنْتُ بَصَرَهُ الَّذِيْ يُبْصِرُ بِهٖ وَيَدَهُ الَّتِيْ يَبْطِشُ بِهَا وَرِجْلَهُ الَّتِيْ يَمْشِيْ بِهَا (1)

[منهنجو ٻانهو مسلسل نفلن جي ذريعي منهنجو قرب حاصل ڪندو رهندو آهي، تانجو جڏهن ان کي پيارو رکندو آهيان تہ ان جو ڪن ٿي ويندو آهيان، جنهن سان اهو ٻڌندو آهي، ان جي اک ٿي ويندو آهيان، جنهن سان اهو ڏسندو آهي، ان جو هٿ ٿي ويندو آهيان، جنهن سان اهو

---

(5) سورة الحجرات آيت:١

(6) سورة الفتح آيت:١٠

(7) سورة الانفال آيت:١٧

(1) بخاري ص ٢٣٨٤ ج ٥ حديث: ٦١٣٧- قرطبي ص ١٣٥ ج ٦- ابن كثير ٥٨٠ ج ٢- مجمع الزوائد ص ٢٤٨ ج ٢- فتح الباري ص ٤٦٢ ج ١٠- فيض القدير ص ٤١٢ ج ٥- ابن ماجه ص ١٢٨ ج ١ حديث: ١٧٨٩- ميزان الاعتدال ص ٤٢٧ ج ٢- تحفة الاحوذي ص ٤٨٣ ج ٨- معجم الكبير ص ٢٠٦ ج ٨.

www.maktabah.org

پکڙيندو آهي ۽ ان جو پير ٽي ويندو آهيان. جنهن سان اهو هلندو آهي.]

ڪي چون ٿا ته مٿي بيان ٿيل سوره نجم جي آيت ۾ "فتدلي" مان مراد آهي ته پنهنجي نفس کي ان مقام تي چڏي ڏنائين ۽ فرمايائون ته هتان نه ويندس. جو ان مقام کان سواءِ ڪنهن شيءِ جي ڪا خبر نٿو رکان. پوءِ ٻڌائون ته الله تعالي توهان کي انهيءَ مقام تي ٻيهر پهچائڻ جي سگهه رکي ٿو. اي محمد ﷺ! توهان واپس دنيا ۾ وڃو. هيءُ الله واحد جي درگاه آهي. ماڻهن کي هن درگاه ڏانهن، يعني اسان ڏانهن دعوت ڏيو جيڪي گمراهيءَ جي ماڙين ۾ پٽڪي رهيا آهن. انهن کي سڏي وات ڏيکاريو. جڏهن ماڻهن جي هلت ۽ حالت جي ڪري رنج ۽ پريشان ٽيو ۽ هن مقام جو شوق پيدا ٿئي ته نماز قائم ڪريو. تان ته توهان کي وري هن قربت جي مقام تي پهچايان. اهو ئي سبب آهي ته جڏهن رسول الله ﷺ جن پريشان ٿيندا هئا ته فرمائيندا هئا:

أَرِحْنَا يَا بِلَالُ (1)

[اي بلال اذان ڏي.]

يعني اذان ڏي ته جيئن نماز پڙهون. جيڪا قلب ۽ روح لاءِ راحت آهي انهيءَ ڪري پاڻ سڳورن فرمايو آهي ته:

وَجُعِلَتْ قُرَّةُ عَيْنِيْ فِي الصَّلٰوةِ

[منهنجي اکين جو ٺار نماز کي ٻڌايو ويو آهي.]

انهيءَ مضمون جي ٻي حديث ۾ فرمائين ٿا ته مون کي دنيا مان هي ٽي شيون پسند آهن: ۱- صالح عورت ۲- خوشبو ۳- ۽ نماز کي منهنجي اکين جو ٺار ٻڌايو ويو آهي (2)

---

(1) مسند الشاميين ص ۱۴۴ ج ۲ ساڳئي معني ۾ هي الفاظ آهن: ارحنا يا بلال بالصلوة يعني اي بلال اسان کي نماز جو سڏ ڏئي. دل کي راحت پهچاءِ. پڙ ڏسو: فيض القدير ص ۴۲۷ ج ۲- تاريخ بغداد ص ۴۴۲ ج ۱۰- علل دارقطني ص ۱۲۱ ج ۴

(2) عن انس بن مالک رضي الله عنه ان رسول الله ﷺ قال: انما حبب الي من دنياکم النساء والطيب و جعلت قرة عيني في الصلوة (سنن بيهقي کبري ص ۷۸ ج ۷- قرطبي

www.maktabah.org

فَأَوْحَىٰٓ إِلَىٰ عَبْدِهِۦ مَآ أَوْحَىٰ ﴿١٠﴾[3]

[پوءِ پنهنجي ٻانهي ڏانهن وحي ڪيائين، جيڪا به وحي ڪيائين.]

يعني انهيءَ مقام تي الله تعالي پنهنجي ٻانهي محمد ﷺ ڏانهن پنهنجي اک سان وحي ڪئي. پنهنجي ٻانهي محمد ﷺ کي فرمايائين جيڪي ڪجهه فرمايائين. معراج جي رات هر ڳالهه جيڪا الله تعالي نبي ﷺ ڏانهن وحي ڪئي سا پنهنجي مخلوق کان ڳجهي رکيائين. انهيءَ مقام جي باري ۾ فرمايائين ته: أَوْ أَدْنَىٰ (يا ان کان به وڌيڪ ويجهو پهتو.) سِدْرَةُ الْمُنْتَهَىٰ يعني ڪائنات جي آخري چيڑي تي واقع ٻير جي وڻ تائين پاڻ سڳورن کي جيڪي مشاهدا ٿيا، ان جي باري ۾ فرمائي ٿو:

إِذْ يَغْشَى السِّدْرَةَ مَا يَغْشَىٰ ﴿١٦﴾[1]

[جڏهن ٻير جي وڻ کي ڍڪيو جيڪي ڪجهه ڍڪيائين.]

۽ جيڪي عظيم نشانيون نبي ﷺ جن ڏٺيون ان جي باري ۾ فرمايائين:

لَقَدْ رَأَىٰ مِنْ ءَايَٰتِ رَبِّهِ ٱلْكُبْرَىٰ ﴿١٨﴾[2]

[بيشڪ انهيءَ پنهنجي رب جون وڏيون نشانيون ڏٺيون.]

گفتگو جي باري ۾ فرمايائين ته:

فَأَوْحَىٰٓ إِلَىٰ عَبْدِهِۦ مَآ أَوْحَىٰ ﴿١٠﴾[3]

[پوءِ الله پنهنجي ٻانهي ڏانهن وحي ڪئي، جيڪا وحي ڪيائين.]

احتياط فرمايو ويو ۽ ان جي شرح ۽ وضاحت بيان نه ڪيائين، چاڪاڻ ته جيڪڏهن اهي ڳالهيون ظاهر ڪرڻ ۾ مصلحت هجي ها ته ان کي ڳجهو نه رکي ها. اهوئي سبب آهي ته شريعت جي جنهن مبهم يا

ص ٥١ ج ١٠- ابن كثير ص ٣٥٢ ج ١- مستدرک ص ١٧٤ ج ٢- مسند ابي يعلي ص ١٩٩ ج ٦- طبقات الكبري ص ٣٩٨ ج ١

(3) سورة النجم آيت:١٠

(1) سورة النجم آيت:١٦

(2) سورة النجم آيت:١٨

(3) سورة النجم آيت:١٠

www.maktabah.org

غير واضح ڳالهه ۾ خير ۽ پلائي هوندي آهي. عالم سڳورا استنباط ۽ تشريح ڪري اها بيان ڪندا آهن ۽ اها بيان ڪرڻ ۾ حرج نه آهي.

جيڪي شيون الله تعالي شب معراج ۾ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کي عطا فرمايون، انهن مان پهرئين پنج وقتي نماز به آهي. ان ۾ دليل آهي ته نماز سڀ کان افضل عمل آهي. ڇاڪاڻ ته نماز معراج جي رات حضرت جبرئيل امين جي واسطي کان سواءِ سڌيءَ طرح الله تعالي عنايت فرمائي. ٻي ڳالهه جيڪا عطا ڪئي وئي، سي سوره بقره جون آخري آيتون آهن، جيئن بعد ۾ ان طرف اشارو ڪيو ويندو. ٽين ڳالهه هيءَ عطا ڪئي وئي ته شرڪ کان سواءِ امت مسلمه جا سڀ گناه الله تعالي چاهيندو ته معاف فرمائيندو.

هڪ حديث ۾ آهي ته:

رَاَيْتُ رَبِّيْ فِيْ اَحْسَنِ صُوْرَةٍ

[مون پنهنجي رب کي بهترين صورت ۾ ڏٺو.]

هڪ حديث ان جي تفصيل هن طرح بيان ڪئي وئي آهي ته الله تعالي فرمايو ته:

يَا مُحَمَّدُ فِيْمَ يَخْتَصِمُ الْمَلَأُ الْاَعْلٰى

[اي محمد! مقرب فرشتا ڇا جي باري ۾ جهڳڙو ڪن ٿا؟]

مون چيو ته يا الله! تون وڌيڪ ڄاڻين ٿو. پوءِ منهنجن ٻنهي ڪلهن جي درميان پنهنجو هٿ رکيائين، جنهن جي ٺڏاڻ مون پنهنجي سيني ۾ محسوس ڪئي، جنهن جي ڪيفيت بيان نٿي ڪري سگهجي. ان جي نتيجي ۾ آسمان ۽ زمين ۾ جيڪا به شيءِ هئي، اها منهنجي سامهون روشن ٿي وئي. پوءِ ارشاد فرمايائين ته: اي محمد! هاڻي ٻڌاءِ ته وڏا مقرب فرشتا ڇا جي باري ۾ جهڳڙو ڪري رهيا آهن؟ مون عرض ڪيو ته انهن نيڪين جي باري ۾ بحث مباحثو ۽ تڪرار ڪري رهيا آهن.

جيڪي گناهن کي مٽائين ٿيون ۽ درجا بلند ڪن ٿيون، اهي هي آهن: ۱- هڪ نماز کان پوءِ ٻي نماز جو انتظار ڪرڻ ۲- باجماعت نماز لاءِ مسجد ۾ پيدل مسجد وڃڻ ۳- سختين (يعني سخت سردي وغيره ۾) به وضو

www.maktabah.org

ڪرڻ. جيڪو ماڻهو اهي نيڪ عمل ڪندو ۽ نيڪ زندگي گذاريندو ۽ نيڪيءَ تي مرندو يعني ان جو خاتمو خير سان ٿيندو تہ اهو پنهنجن گناهن کان ائين پاڪ ٿيندو جڙ ماءُ جي پيٽ مان نئون جائو آهي. ان کان پوءِ الله تعالي فرمايو: اي محمد! جڏهن تون نماز پڙهين تہ هيءَ دعا گهرندو ڪر:

اَللّٰهُمَّ اِنِّیْ اَسْاَلُكَ الطَّيِّبَاتِ وَتَرْكَ الْمُنْكَرَاتِ وَفِعْلَ الْخَيْرَاتِ وَحُبَّ الْمَسَاكِيْنِ وَاَنْ تَغْفِرَلِیْ خَطِيْئَتِیْ وَتَرْحَمَنِیْ وَاِذَا اَرَدْتَ بِعِبَادِكَ فِتْنَةً فَاقْبِضْ غَيْرَ مَفْتُوْنٍ(1)

[اي الله! توکان گهران تو پاڪ شيون، برائين کان بچڻ، نيڪي ڪرڻ، مسڪينن جي محبت ۽ هي تہ منهنجا گناهہ بخشين ۽ مون تي رحم ڪرين ۽ جڏهن تون پنهنجن ٻانهن کي ڪنهن فتني (يعني آزمائش) ۾ وجهڻ گهرين تہ بغير آزمائش جي منهنجو روح قبض ڪر.] آواز آيو تہ: يَا مُحَمَّدُ! مَا الدَّرَجَاتُ، يعني درجا ڇا آهن؟ مون چيو تہ سلام پکيڙڻ، کاڌو کارائڻ ۽ رات جو جڏهن ماڻهو ستل هجن، انهيءَ وقت اٿي تهجد جي نماز پڙهڻ. پڻ الله تعالي فرمايو تہ:

لَوْلَا الْعِتَابُ مَا كَانَ مَعَ اُمَّتِكَ الْحِسَابُ

[جيڪڏهن جزا ۽ سزا جو اصول نہ هجي ها تہ تنهنجي امت کان حساب ڪتاب نہ ونڻان هان.]

هڪ حديث مطابق جڏهن الله تعالي معراج جي رات خوشي، قرب ۽ عزت جو اهو درجو عطا فرمايو تہ آواز آيو تہ:

يَا مُحَمَّدُ! اَنَا وَاَنْتَ مَا سِوٰى ذٰلِكَ خَلَقْتُ لِاَجْلِكَ

[اي محمد! مون کان ۽ توکان سواءِ جيڪي ڪجهہ آهي، سو سڀ مون تنهنجي لاءِ خلقيو آهي.]

---

(1) ابن كثير ص ۴۴ ج ۴ مستدرک ص ۷۰۲ ج ۱- ترمذي ص ۳٦٦ ج ۵- مجمع الزوائد ص ۱۷۷ ج ۷- موطا مالک حديث: ۵۰۹- مسند ابن ابي شيبه ص ۷۷ ج ٦- احمد ص ۳٦۸ ج ۱- معجم الكبير ص ۱۰۹ ج ۲۰- الترغيب والترهيب ص ۱٦۰ ج ۱- التمهيد عبد البر ص ۳۲۱ ج ۲۴.

www.maktabah.org